سنڌ ۾ مارڪسزم – لينزم جو پرچارڪ

سماجواد

حيدراباد

ع2015 سيپٽمبر (ويهين ڪڙي)

ايڊيٽر

شاهه عنايت

ايڊيٽوريل بورڊ

بادل سنڌي، عاليه بخشل، لطيف لغاري
جاويد راڄپر، بخشل ٿَلهو، ڪامريڊ آزاد ماڇي، فيض ڪيريو

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ

انور حسين سومرو

قيمت: 50/=

لکپڙهه لاءِ ايڊريس

فليٽ نمبر 310 -311 V.I.P اپارٽمينٽ
مين قاسم آباد، حيدرآباد
Cell # 03443333888

فهرست

شخصیت

انتونیو اگوستینو نیتو

فهمیده-پریاناکا

ايڊيٽوريل

احتساب جي ڪاتي ۽ قُربانين جي موسم

بُڌڻ (۽ ڪنهن حد تائين ڏسڻ ۾ پڻ) اچي پيو ته مُلڪ ۾ ڪرپشن جي روڪٿام لاءِ جوڙيل با اختيار (؟) اداري "نيشنل اڪائونٽيبلٽي بيورو" (NAB)، جو جِن هڪ طويل آرامنوشي کان پوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر بوتل مان ٻاهر نڪري آيو آهي ۽ پي ٽي وي جي هڪ جڳ مشهور ڊرامي "عينڪ والا جِن" جي هڪ ڪردار "زڪوٽي" جيان "مجهي ڪام بتائو، مين ڪيا ڪرون، مين ڪِس ڪو کائون" چوندو ۽ ٽونا هٽندو ٿو وتي. ان وٺ پڪڙ سبب جتي ملڪ جي لڳ ڀڳ مڙني صوبن ۽ وزيرن، مُشيرن ۽ ڪامورن جي ننڊ حرام آهي اُتي سنڌ اندر سنگت سڳوريءَ جون ته وايون ئي بتال ٿي ويون آهن. سنڌ ۾ حُڪمراني جي مسند تي فائز پي_پي_پي تي ڪِريل ان قهر جو اندازو ته ان هڪ ڳالهه منجهان ئي لڳائي سگهجي ٿو ته ٻيا "هاهڙ_هوهڙ" ته ڇڏيو پر خود پي_پي جي حڪومتي دور ۾ پيٽروليم جي وفاقي وزير رهندڙ ۽ پي_پي جي شريڪ چيئرمين آصف زرداريءَ جي ويجهي دوست طور سڃاپجندڙ ڊاڪٽر عاصم کي جڏهن ڪرپشن جي الزام تي سندس آفيس منجهان گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس 90 ڏينهن جي جسماني رماند تي موڪليو ويو ته مُلڪ جي وڏي ۾ وڏي پارٽي هُجڻ جي دعويٰ ڪندڙ پي_پي پڻ سواءِ ڪجهه "مُحتاط" ڌمڪين ۽ ڌڏڪين جي ڪو وڏو رد عمل ڏيکارڻ جوست نه ساري سگهي. ڪاش "احتساب جو اهو جِن" ڊاڪٽر عاصم سميت ڪجهه "پسنديده ڪامورن" جي قربانين تي راضي ٿي واپس بوتل ۾ هليو وڃي ها پر هيلهه شايد اهڙو ڪوئي ڪرم نه ٿئي. ڇاڪاڻ ته پي_پي جي وزيرن ۽ مُشيرن جي مهڻن، معيارن، ڌمڪين، ڌڏڪين، التجائُن ۽ آزين نيزارين باوجود هن ڀيري "زڪوٽو" ڪنهن به ريت "راضي" ٿيندي نظر نه پيو اچي. خبرون اچن پيون ته ڊاڪٽر عاصم جي گرفتاري ته صرف وڏين مڇين جي شڪار جي شروعات آهي. هاٽوڪي لسٽ ۾ پي_پي منجهان آصف زرداري، يوسف رضا گيلاني ۽ راجا پرويز اشرف ۽ نواز ليگ منجهان ملڪي وزير اعظم نواز شريف ۽ پنجاب جي وڏي وزير شهباز شريف سميت درجنين مانگر مڇن جا نالا آهن جن خلاف سُتت ۽ سخت ڪاروائي جو پروانو اچي چُڪو آهي.

ياد رهي ته هن ملڪ ۾ نه ته ڪرپشن ڪا نئين ۽ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي ۽ نه ئي ان خلاف ٿيندڙ بحث، مڪالما، وچن واعدا ۽ اذو ڳابريون

 ڏرائـــتيون ڪـــاروايون! پر هن پـــيري شـــروع ٿيل ان وٺ پڪڙ جي نـــوعيت شـــدت ان ڳالهه تي مجبـــور ٿي ڪـــري ته ان جي ڳر ڪي سـمجهجي. سـماجواد جي پنـئين ڪـڙيءَ ان عمل جي شـروع ٿيڻ وقت ئي اسان پنهنجي ادارئي ان سـموري عمل جي مقصـدن حد بندين تي ڳالهه رکي آيا هئاسين، تنهن هوندي به هاڻوڪي صـورتحال انهن جو هڪ پـيرو ٻيهر ذڪر مناسب ٿو پـانئجي. ڪرپشن خلاف هيءَ هاڻوڪي وٺ پڪڙ ڪراچي آپريشن ڪان وينـدي فـوجي ڪـورٽن تـائين، پـاويهين آئيـني تـرميم ڪـان وينـدي آپريشن ضـرب عضب تـائين انهن سـمورين ڪاوشن ڪوششن جي سلسـلي جي هڪ ڪـڙي ئي آهي جن ذريعي ملڪ جي اصل واڳ ڌڻي، ملڪي فـــوج ملڪ جي داخلي خارجي معاملن پنهنجو اثر رسوخ وڌائِڻ چاهي ٿي جنهن ڪي چڱي عرصي ڪـان ملڪ جا مسـتند صـحافي صـحافتي ادارا هڪ "نـــرم مارشل لا" پڻ چئي رهيا آهن. قومي احتسـاب بيـورو جي چيـئرمين هن هـاڻوڪي "انقلاب" جي روح روان چـوڌري قمر زمـان ڪي پلي ئي نواز ليگ پي_پي 2008 ڪان 2013 تائين لڳاتـار بحثن جي نـتيجي هڪ اٽڌرائتي نمائندي طور چونڊيو هجي پر ياد رهي ته اهو قمر زمـان آرمي جو هڪ رٽـائرڊ ميجر ئي آهي جنهن جـون وفـاداريون پلي نـواز ليگ پي_پي منجهـان ڪنهن سـان به نه هُجن پر فـوج سـان سـندس وفـاداري ڪي نه ڪا لهر نه ئي ڪـو لـوڏو. ڪيـتري عجيب ڳالهه آهي ته هڪ پاسي ته اها احتساب بيورو جنهن ڪي سـندس (ذري گهٽ) دائمي بي عملي سبب طنز طور اڪثر هنڌن تي "نو اڪـائونٽيبلٽي بيـورو" پڻ سڏيو ٿي ويو وڏي عرصي ڪان سندس حيـثيت ڪرپشن خلاف داخل ٿيندڙ ڪيسن لاءِ هڪ "ميل باڪس" ڪـان وڌيڪ نه هُـئي، سا ايئن هڪ دم جيٽ جهاز جي رفتار سان ڪرپشن خلاف جهاد پنهنجي ليڪي ئي جُنـبي وئي آهي، پر بـئي پاسي اُها ڪـورٽ سـڳوري جيڪا پـنين 10 سـالن ڪـان هلنـدڙ ڪنـيي گُم ڪيل مـاڻهن جي ڪيس هڪ "ڪـور ڪمانـڊر" تـائين ڪي عـدالت جي ڪٽهـڙي آڻي نـاهي سـگهي سا احتسـاب بيـورو جي چيـئرمين ڪي ايئن مجبـور ٿي ڪـري وجهي ته بنا ڪنهن فرق امتياز جي سمورن ڪرپٽ ڪامورن، وزيـرن مُشـيرن خلاف نه صرف جانچ ڪري پر ثبوت ملڻ تي سندن گرفتـاريون ڪـري ڪين عـدالتن تـائين پُڄـائي. اسـان چڱي ريت ڄـاڻون ٿا نيب سـپريم ڪـورٽ جي ايـتري "حُجت" صـرف پـاڻ وڏن جي آشـيرواد سـان ئي ممڪن ٿي سگهي آهي، نه ته "ڪٿي مهرِ علي، ڪٿي مـيري ثنـا" مثل سندن ايتري مجال ڪـٿي جو ڪرپشن خلاف جهـاد جو ايـترو ڳـورو ٻُڌ

ڪٽي سگهن.

هتي اها ڳالهه سمجهڻ انتهائي ضروري آهي ته مٿي ٿيل بحث ۾ ڪنهن به هنڌ شعوري توڻي لاشعوري طور وزيرن، مُشيرن ۽ ڪامورن جي ونگار وهڻ يا احتساب جي عمل کي نندڻ مقصود ناهي. ڦرلٽ ۽ استحصال جي هر صورت جا مخالف هوندي اسين اهڙي هر ڪوشش کي ڀليڪار ٿا ڪيون جنهن جو مقصد واقعي به سماج منجهان ڦرلٽ، استحصال، اقربا پروري ۽ ڪرپشن جو خاتمو هجي. پر جيڪڏهن اهڙي ڪنهن ڪوشش جو مقصد ئي "چورن جي نانيءَ" جو تحفظ ڪرڻ ۽ ويتر ڪيس وڌيڪ مضبوط ڪرڻ هجي ته اسين اهڙي عمل جي مخالفت پنهنجو وڙ ٿا سمجهون. ياد رهي ته ان ئي احتساب بيورو جي رڪارڊ ۾ دٻيل فائلن ۾ ڪتي انهن جرنلن ۽ ڪرنلن جي ڪيل ڪرپشن جون فائلون پڻ موجود آهن جن منجهان سنڌ ۽ پنجاب ۾ سون جو مُلهه رکندڙ زمينون ڪين پُڳڙن مُٺ ڪپائي ڏيڻ، فوجي ساز سامان جهڙوڪ جيپن، ٽينڪن، ٽرڪن ۽ جهازن جي خريداري جي مد ۾ اربين رُپين جا گهپلا، ملڪي ادارن جهڙوڪ پي_ آئي_اي، واپڊا ۽ ريلوي وغيره ۾ فوجي دور ۾ ٿيل ڪرپشن، ساڳين ئي دورن ۾ پاڪ سعودي فرٽيلائيزرس سميت ڪيئي قومي ادارن جو ٽڪي پئسي تي وڪرو ڪري اربين رُپيا ڪمائڻ توڻي روڊن رستن، پُلين ۽ عمارتن جي ٺيڪن جي مد ۾ اربها رُپين جي ڪرپشن وغيره اهم آهن. جيڪڏهن احتساب ۽ عدالت ٿين ئي ٿا ته پوءِ ٻين سمورن ڪيسن جيان انهن ڪيسن کي پڻ نه صرف کُلي عام عوام آڏو آندو وڃي پر انهن خلاف گهربل جاچ پوري ڪري انهن جرنلن ڪرنلن کي پڻ عدالتن تائين آڻي کين سزائون ڏنيون وڃن. ٻي صورت ۾ جي اهو عمل ائين ئي هڪ پاسائون هلي ٿو ته اهو سمجهڻ ۽ چوڻ ۾ ڪجهه غلط ناهي ته هن ملڪ ۾ "جُٺ به جهان خان ڪري ته فيصلو به جهان خان."

ڏيهي سياسي صورتحال

آئي اليون ڪچي آبادي ۽ رياستي موقف

ڪبير



اسلام آباد جي آئي اليون ڪچي آبادي جيڪا ڪجهه ڏينهن پهرين تائين پنهنجي پوريءَ زندگيءَ سان شهر جي نقشي تي موجود هئي، سا هاڻي هڪ ميدان ۾ بدلجي چڪي آهي. انهيءَ تحريڪ ۾ عوامي مزاحمت نيٺ دم ٽوڙيو ۽ هزارين پورهيتن ڪي پنهنجي ٻارن ٻچن سميت دربدر ٿيڻو پيو، اهو سور به پنهنجي جڳهه تي پر ان سان گڏ جيڪو پيو سور آهي سو اهو ته صحافت، انساني حقن جون تنظيمون ۽ قومپرستن ۽ جمهوريت پسندن سميت عوامي سياست سان سلهاڙيل ڪوڙ سارا ماڻهو به رياست ۽ ڪچي آباديءَ جي پورهيتن جي تضاد ۾ رياست جي ٻولي ڳالهائين ٿا ۽ ان جي پاسي ئي ٿي بيهن ٿا. سبب سمجهه ۾ اچڻ سولو آهي. نشرو اشاعت جي سمورن ذريعن تي رياست جي هڪ هٿي موجود آهي عوامي سياست ڪندڙ ڌرين جا نظرياتي مورچا ايترا ته ڪمزور آهن جو رياستي نظرياتي پروپيگنڊا ڪي اتي جڳهه ناهڻ ۾ ڪو گهڻو ڪشت نه تو ڪرڻو پئي. اهڙيءَ ريت، بدترين رياستي پروپيگنڊا جي نتيجي ۾ حڪمرانن ڪي بدترين رياستي جبر هڪ لحاظ کان قبي ويو آهي. رياست جي پروپيگنڊا ڪي جيڪڏهن ڪجهه خاص نقطن جي صورت ۾ رکجي ته اهي ڪجهه هن ريت بيهندا.

1. انهيءَ ڪچي آبادي جو نالو افغان بستي آهي
2. آئي اليون مان اسلام آباد ڪي خطرو هيو ڇاڪاڻ ته اتي

دهشتگرد لڪل هوندا هيا.

3. اهي ماڻهو اتي غير قانوني رهيل آهن ۾ پلاٽ ڪجهه ٻين ماڻهن جا آهن.

4. ماڻهن پاڻ ئي لڏڻ پئي چاهيو پر ڪجهه ٻاهرين شر پسندن سبب مزاحمت ٿي.

1. انهيءَ ڪچي آبادي جو نالو افغان بستي آهي:

اسان سنڌي ماڻهو جيڪي پهرين کان پنهنجي ديس ۾ اقليت ۾ بدلبا پيا وڃون، جيڪي پهرين کان ئي ڪجهه قومپرستن جي زهريلي نسل پرست پروپيگينڊا جو شڪار به رهندا آيا آهيون سو جڏهن افغان بستي جو نالو ٻڌون ته پهريون خيال ئي دهشتگردي ۾ ٻاهرين آبادڪاريءَ جو ايري ٿو اچي ۾ پوءِ ٻيو خيال انهن جي خاتمي جي خواهش جو ٿو پيدا ٿئي پوءِ اسان اهو به ڪونه ٿا ڏسون ته اهو سوال ڪنهن ۾ ڪهڙي حالت ۾ اپاريو آهي. پر اها نسل پرست پروپيگينڊا صرف سنڌ جي ڪجهه قومپرستن جو خاصو ڪونهي. انهيءَ خاصيت ۾ پاڪستان جي پنجابي اشرافيه به ڏاڍي امير آهي. هڪ وڏي رٿابندي سان ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي (CDA) ڪجهه عرصي کان آئي اليون جي ڪچي آباديءَ کي افغان بستي لکڻ ۾ پڙهڻ شروع ڪيو. جڏهن ته ان نالي منجهان اتان جا رهندڙ به واقف نه هيا. سچ اهو آهي ته اسلام آباد ۾ ڪي چاليهه کن ڪچيون آباديون موجود آهن جن جا پنهنجا پنهنجا نالا آهن ۾ انهن منجهه ڪا به افغان آبادي ڪونهي. سموريون آباديون هن ملڪ جي شهرين جون آهن. آئي اليون ڪچي آبادي جنهن جو اصل نالو بينظير آباد ۾ مسڪين آباد هيو، سا شهر جي سڀ کان وڏي ۾ پراڻي ڪچي آبادي هئي. اتي شايد ئي ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ افغاني جو گهر هجي باقي نه ته اتي رهندڙن جي اڪثريت سوات، مردان، اٽڪ ۾ پشاور جي پشتونن تي آڌاريل هئي جيڪي گهٽي ياڳي آئي اليون کي ٻنهه ويجهي سبزي منڊي ۾ پورهيو ڪندا هيا. اتي اهو سوال به پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن اتي واقعي به افغاني رهندڙ هجن ها ته ڇا پوءِ رياستي جبر قابلِ قبول هجي ها.؟ هڪ مارڪسسٽ جو جواب لازمي طور تي نه ۾ ئي هوندو. صرف انڪري نه ته

هڪ مارڪسسٽ بين القواميت پسند هوندو آهي پر انڪري به ته پاڪستان جيڪو ڪجهه افغانستان سان ڪيو آهي انجي موٽ ۾ اسلام آباد ۾ ڪجهه ڪچي آبادين ڪي قبول ڪرڻ سان به انجو ازالو نه ٿو ٿي سگهي.

2. آئي اليون مان اسلام آباد کي خطرو هيو چاڪاڻ ته اتي دهشتگرد لڪل هوندا هيا:

پاڪستاني حڪمرانن پنهنجي آقا آمريڪا سامراج کان جيڪو ڪجهه سکيو آهي ان ۾ اها ڳالهه به اهم آهي ته پهريون ڪنهن شناخت کي خوار ڪيو پوءِ جنهن تي حملو ڪرڻو آهي تنهن تي اها شناخت مڙهي ڇڏيو. ساڳي ڪار آئي اليون ڪچي آبادي سان به ٿي. پهريون ته سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ هڪ افغان کي دهشتگرد سان هم معنيٰ ڪري بيهاريو ويو بعد ۾ بس ايترو ڪرڻو هيو جو پنهنجي ئي شهرين جي وسنديءَ کي افغان آبادي سڏيو ويو.نتيجو اهو نڪتو ته ان سموري بربريت کي ٿي وي تي ڏسندي به پاڪستان جي عوام جي ضمير تي ڪا ڇهنڊڙي نه پئي. اسلام آباد جي ڪُڪ ۾ اها ڪچي آبادي اهڙيءَ ريت دهشتگرد هئي جهڙي ريت اولهه جي نام نهاد سڌريل دنيا لاءِ ٽين دنيا اڻسڌريل ۾ دهشتگرد هوندي آهي. دهشتگردي وارو عذر اڄڪلهه پاڪستاني رياست جو پسنديده عذر آهي. انهيءَ بهاني هيٺ بلوچستان ۾ سنڌ اندر سياسي ڪارڪنن کي چٽي ماريو پيو وڃي. انهيءَ دهسـتگردي ايڪٽ تحت ڪامريڊ غلام دستگير ۽ ڪامريڊ باباجان سميت ڪيترن ئي ڪارڪنن کي جيل اندر واڙيو پيو وڃي. انهيءَ بهاني جي آڙ ۾ شهرين کي پنهنجي انهن بنيادي حقن کان محروم ڪيو ٿو وڃي جيڪي سالن جي جدوجهد ۾ عوام حاصل ڪيا هيا. جيئن آمريڪا عراق تي حملي کان اڳ موتمار هٿيارن واري ڪوڙ کي استعمال ڪيو هو. ساڳيءَ ريت هڪ پوري ڪوڙ ذريعي ڪچي آبادي تي حملي جو ماحول ٺاهيو ويو۔ ان ڪوڙ جي پٽ تڏهن وائکي ٿي جڏهن بنا ڪنهن اڳ اطلاع ڏيڻ جي آئي اليون ڪچي آباديءَ کي باک ڦُٽيءَ ويلي چوڌاري ڪڙو چاڙهي آپريشن ڪري هزارين گهر بلڊوز ڪيا ويا ۽ ڪا هڪ بندوق يا خنجر به نه مليو. آپريشن کانپوءِ اسلام آباد

۾ جڏهن عوامي ورڪرز پارٽي پريس ڪانفرنس ڪئي تڏهن به هڪ صحافي اهو سوال ڪيو ته انٽيليجنس جي رپورٽن مطابق ان آباديءَ ۾ دهشتگرد لڪل هيا ته پارٽي صدر موت ۾ اهو سوال ڪيو ته پوءِ اهي دهشتگرد عوام آڏو آندا ڇو نه پيا وڃن. هُن وڌيڪ ڳالهائيندي اهو به چيو ته جيڪڏهن منهنجي پاڙي ۾ ڪو دهشتگرد اچي لڪي ته ڇا حڪومت کي اهو حق حاصل ٿي ويندو ته اها سموري پاڙي کي بلڊوز ڪري؟ هُن واضع لفظن ۾ چيو ته آءُ لاهور ۾ ماڊل ٽائون جي پوش علائقي ۾ رهندو آهيان جتان ڪيترائي ڀيرا دهشتگرد گرفتار ڪيا ويا آهن هاڻي جيڪڏهن توهان جو اهو ئي اصول آهي ته ماڊل ٽائون به بلڊوز ڪري ڏيکاريو ته پوءِ خبر پوندي ته گهٽي ويهين سو آهي. سو سوال آئي اليون ۾ دهشتگردن جي هئڻ جو نه پر انهن جي غريب ۾ پورهيت هئڻ جو آهي جن کي حاصل ٿيل جهڙا تهڙا قانوني حق صرف لڪتن تائين محدود هوندا آهن. تڏهن ته جڏهن چاهي رياست ڪين دهشتگرد قرار ڏئي مٿن حملي آور ٿيندي آهي. درحقيقت نائين اليون جي واقعي ڪانپوءِ پوري دنيا جون دهشتگرد رياستون پاڻ مخالف نندي توڙي وڏي هر چيلنج کي دهشتگردي واري الزام هيٺ منهن ڏينديون پيون اچن. سو هاڻ به اها ئي ڪار ٿي. رياستي نمائيندا بلڊوزرن، ڳرن هٿيارن سان ليس ٿي حملي آور ٿيا ۾ موت ۾ پنهنجي گهر جي دفاع ۾ جيڪڏهن ڪجهه همت ڀرين ماڻهن هٿ ۾ پٿر کنيو ته اهي دهشتگرد قرار ڏنا ويا. جيڪڏهن واقعي به دهشتگردي جي ڪنهن به علامت کي هِن ايڪهين صدي ۾ باقي رهڻ جو ڪو حق ڪونهي ته پهرين ڏاڪي ۾ اهڙين رياستن کي ختم ٿيڻ گهرجي.

3. اهي ماڻهو اتي غير قانوني رهيل آهن ۾ پلاٽ ڪجهه ٻين ماڻهن جا آهن:

آئي اليون جي ڪچي آبادي 1983ع کان آباد هئي ۾ اسلام آباد شهر جي پورهيي جي ضرورتن کي پورو ڪندي هئي. اسلام آباد کي ملڪ جو سهڻو ۾ صاف ترين شهر بڻائي رکڻ ۾ انهن ئي پورهيتن جو پورهيو هيو جن کي رهڻ لاءِ پاڻ ئي پنهنجا ڪچا گهر هڪ سرڪاري پلاٽ تي ناهڻا پيا. پر جيئن ته قانوني ۾ غير

قـانوني جا اصـطلاح صـرف رياست ئي جـوڙي سـگهي ٿي، سو پـورهيت تيسـتائين قـانوني هيا جيسـيتائين اسـلام آبـاد شـهر کي سندن پورهيي جي ضرورت هئي پر بعد □ جڏهن انهيءَ ضرورت □ گهٽتـائي آئي ته 1996ع □ سـرڪار اهي پلاٽ پين مـاڻهن کي وکرو ڪري ڏنا. تـڏهن کـان رياست □ اسـلام آبـاد انتظاميا جي نظر □ اها آبـادي غـير قـانوني ٿي وئي. جـڏهن ته سچ اهو هو ته بعد جي الاٽمينٽ غــير قــانوني هــئي. چاڪــاڻ ته ملڪ جي آئين مطابق جتي به چاليهن کـان مـٿي گهر آبـاد آهن، انهن کي ڪچي آبادي جو درجو ملي وڃي ٿو □ آئين موجب کين تيستائين لــڏائي نٿوڪري سگهجي جيسيتائين انهن لاءِ ڪنهن اهڙي متبــادل جڳهه جو بندوبست نه ٿو ٿئي جيڪو کين قبول هجي. پر اسلام آباد هاءِ ڪــورٽ (جنهن □ بعد □ ٽيل الاٽمينٽ تي عمل جو نـادري حڪم صادر ڪيـو) □ سي ڊي اي (جيڪا نجي پلاٽن کي خـالي ڪـرائڻ لاءِ اڳيان آئي) پنهنجي اختيـارن جي دائـري کي وڌائينـدي، بنا اڳ اطلاع □ متبـادل جڳهه ڏيڻ جي بـدترين جـبر □ ڏاڍ جو مظـاهرو ڪندي، گهرن اندر ڳوڙها گيس جا شيل اڇليا، بـزرگن کي گهـرن مان گهلي ٻاهر ڪڍيو، عورتن کي گهرن جي ڇتن تـان اڇليو ويو □ ننـڍن ٻـارن کي زخمي ڪيو □ اهو سڀ ڪجهه ان قـانون جي نـالي □ ڪيو ويو جنهن □ هميشه غـريب ئي مک وانگي ڦاسـندو آهي □ سـرمايي وارو ڏاند وانگي ان ڄـار کي ليکي □ به نــاهي آڻيندو. پر انهيءَ بربريت اسانجي ڪارپوريٽ ميڊيا □ عام مـاڻهن تي ڪو اثر نه پيـو، ڇاڪـاڻ ته امن،انصـاف □ انسـان دوسـتيءَ جون سموريون دعوائـون نجي ملڪيت جي قـدر سـامهون وڃي پٽ پون ٿيون ڇاڪـاڻ ته نجي ملڪيت جي قـدر، تحفظ جي آڌار ئي هاڻوڪو پورو طبقاتي نظام بيٺل آهي.

4. ماڻهن پاڻ ئي لڏڻ پئي چاهيو پر ڪجهـه ٻـاهرين شـر پسندن سبب مزاحمت ٿي:

سڀ کان پهـرين ڳالهه ته ڪو به خانـدان ڇـار ڏهاڪا ڪنهن هڪ جـاءِ تي گـذاري پـاڻ مـرادو ڪـڏهن به لـڏڻ نه چاهينـدو پر اسلام آباد انتظاميا لالچ □ خـوف جي به منهين لٺ سـان پنهنجي ڪجهه منظورِ نظر ماڻهن کي مجبور ڪيو ته اهي پاڻ ئي پهـرين

پنهنجا گهر کي توڙين. مـوت ۾ اهو اعلان ڪرايو ويو ته انتظاميه
کي هڪ رستي ٺاهڻ لاءَ صـرف ڪجهه گهر ئي بلـڊوز ڪرڻا آهن
۽ رياست انهن گهـرن جي مـالڪن کي روڪ پيسا به ڏينـدي ۽
بقايا آبـادي کي جـيئن جو تـيئن رهڻ ڏنو وينـدو. مـاڻهن به سڀ
ڪجهه سـمجهندي پر ڪنهن مهـاڏي کـان بچڻ لاءِ مشـروط
رضـامندي ڏيکـاري ۾ ائين ئي انتظاميا کي اهو عـوامي گهـيرو
توڙڻ ۾ آساني ٿي، جيڪو پهرين ماڻهن ۾ عوامي ورڪـرز پـارٽي
جي ڪـارڪنن جوڙيو هيو جن کي اسـلام آبـاد انتظاميا ٻاهريـان
شرپسند، ”را“ جا ايجنٽ ۽ خبر نـاهي ڇا ڇا چونـدي رهي ۽ اڃا
به چوي پئي. بهرحال انتظاميا کي ڪجهه گهرن تـائين محـدود نه
رهڻو هو سو نه رهي، ۽ پوءِ جڏهن ڪـاروائي ڪجهه گهـرن کـان
وڌي ٻين گهرن تائين پهتي ته لوڪل آبادي مزاحمت ڪرڻ شروع
ڪـئي، تيسـتائين عـوامي ورڪـرز پـارٽي ۽ انجا مقـامي همـدرد
خاموش ئي رهيا پئي. پر جڏهن مقـامي مـزاحمت ۾ شـدت پيـدا
ٿي ته ان وقت پـارٽي جي سـاٿين اڳيـان اچي مـزاحمت کي تـيز
ڪيو ۽ انتظاميا کي واپس پنهنجي اصل جـــــاءِ تي ڌڪي اچي
بيهاريو. جنهن کـان پـوءِ سـخت هـوائي فائرنگ ۽ هـزارين ڳوڙها
گيس جا شـيل فـائر ڪيا ويا ۽ مـزاحمت ڪـارن کي پوئـتي هٽڻو
پيـو. اهـڙي ريت اها عــوامي مــزاحمت تي ڪلاڪ جـاري رهڻ
ڪانپوءِ آخر پسپا ٿي. ياد رهي ته جن ماڻهن کي انتظاميا ٻاهريـان
شرپسند قـرار ڏي ٿي اهي ڪـي ٻيا نه پر اهي مقـامي مـاڻهو هيا
جن جو واسـطو پـورهيتن جي سياسي تنظيم عــوامي ورڪــرز
پارٽي سان هيو. جيئن ته پـورهيت دشـمن رياست پـوري ملڪ ۾
ڪچي آبادين خلاف آپريشن ڪندي پئي اچي ۽ اتي پـورهيتن جي
نمائندگي ڪنـدڙ پـارٽين جي اڻهوند سـبب ڪا منظم مـزاحمت نه
ٿي ٿئي تنهنڪري هـتي جـڏهن انتظاميا کي هڪ منظم مـزاحمت
کي منهن ڏيڻو پيو ته پوءِ انهن انهيءَ کي ٻاهرين شر پسندن جي
ڪاتي ۾ وجهي ڇـڏيو. جن جو انهيءَ ڪچي آبـادي ۾ سياسي ڪم
ڏيڍ ڏهاڪي کان به پراڻو هيو. انهيءَ ڪچي آبـاديءَ ۾ قائد اعظم
يونيورسـٽي جي مارڪسي پروفيسر ۽ عـوامي ورڪـرز پـارٽيءَ
پنجاب جي صـدر ڪامريڊ عاصم سـجاد جو سـورهن سـالن کـان
ڪم هيو. اسلام آباد جو شـهر جـتي نه روايـتي صـنعت ۾ نه وري

زراعت جو روايتي صنعتي مزدور يا هاري ملي ٿو، سو عاصم سجاد غير رسمي شعبي جي پورهيتن جي رهائش گاهه ڪي پنهنجي ڪم جو مرڪز بڻايو. سورهن سالن جي پورهيي جو نتيجو اهو نڪتو جو آئي اليون ڪچي آباديءَ □ پارٽي جون چار فعال آفيسون قائم ٿي چڪيون هيون پارٽي توڙي فرنٽ جي ميمبرشپ به جهجهي انداز □ موجود هئي. نه صرف ايترو پر اسلام آباد □ ٿيندڙ لوڪل باڊيز جي اليڪشن □ شهر جي ڀين علائقن ڪانسواءِ پارٽي جا 22 اميداوار ڪچي آبادي منجهان بيٺا. پر 25 هين جولاءِ تي ٿيندڙ اليڪشن ملتوي ٿي وئي □ آپريشن جا اعلان شروع ٿي ويا. آپريشن ڪانپوءِ پندرنهن سو نامعلوم ماڻهن تي □ آبادي اندر پارٽي جي سموري ميمبرن تي نالي سان دهشتگردي ايڪٽ تحت ايف آئي آر داخل ڪئي وئي □ گرفتاريون به عمل □ آيون. هنن سٽن جي لکجڻ تائين مقامي آبادي، پارٽي جي همدردن □ ڪجهه ميمبرن سميت 70 ماڻهو هن رياست هٿان دهشتگردي ايڪٽ هيٺ جيل ڀيڙا ڪيل آهن.

آخر □ ڪجهه ڀيون ڳالهيون به آهن جن جو ذڪر ضروري آهي. هي مامرو صرف اسلام آباد جي ڪچي آبادي جو ڪونهي. هي مامرو پوري ملڪ اندر جاري طبقاتي جدوجهد جو آهي جنهن کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ لاءِ رياست نسلي نفرتن جي باهه کي ڏينهون ڏينهن وڌائيندي پئي وڃي. هي مامرو سنڌ جي انهن اصلوڪن ڳوٺن جو به آهي جن کي آئيني طور ڪو ڀيو نه پر ڪچي آبادين وارو اسٽيٽس حاصل آهي. جن کي جڏهن چاهي رياست، جاگيردار □ سرمائيدار پنهنجي طبقاتي مفادن □ قبضي خوري واري فطرت سببان ختم ڪرڻ لاءِ آتا هوندا آهن. تازو ڪراچي اندر 40 ڳوٺن کي بحريا ٽائون جي نالي □ بلڊوز ڪرڻ واريون ڪوششون ساڳي ئي سلسلي جي ڪڙي آهي، تنهنڪري پورهيت عوام □ رياست جي تضاد جي پهرين شڪل جڏهن به جتان به پيدا ٿئي، عوام دوست قوتن کي عوامي نقطه نظر جي پاسي ئي بيهڻ گهرجي.

سنڌ ۾ صحت جي شعبي جي بيمار صورتحال

امين قريشي



سموري سنڌ ۾ جتي باقي سمورن شعبن ۾ پينگ لڳي پيئي آهي. بلڪل ائين ئي عوام جي صحت ۾ ان سان لاڳاپيل صحت وارو ادارو قابل رحم ۾ قابل افسوس حد تائين پهچي چڪا آهن. جيئن مارڪسي نظريو اسان کي سمجهائي ٿو ته جاگيرداراڻي جمهوريت پنهنجي جوهر ۾ عوام مخالف ۾ ترقي مخالف هوندي آهي. ان جي پرک، عملي بنيادن تي سنڌ ۾ بهترين نموني سان ڪري سگهجي ٿي. صرف صحت جو ئي شعبو ڇو. تعليم يا آبپاشي يا ٻئي ڪنهن شعبي ڏانهن نهار ڪيو. ”ڪجهه نه ڪرڻ ۾ سموري بجيٽ هڙپ ڪرڻ انهن ادارن جو خاصو ٿي چڪو آهي. سياسي ۾ اخلاقي طور تي هي اڌوهي ڪاڌل سماج آهي، جنهن کي ڍهڻ کان جبرن روڪيو ٿو وڃي. جيئن بالزاڪ ۾ پروڌون چوندا هئا ته ملڪيت جا بڻ بنياد چوري ۾ قرلت تي ٻيئل هوندا آهن. بلڪل ائين بک، بدحالي، بي وسي جا بنياد وري غربت تي ٻيئل هوندا آهن ۾ غربت سماجي لقاءُ آهي. غربت نه صرف سمورن ڏوهن جي ماءُ آهي. بلڪ سمورن بيمارين، جهالتن، ڪمزور اعتقادن جي ڏاڏي پڻ آهي. هن وقت بيماريل سنڌ، پنهنجي تباهه ٿيل سماجي، معاشي ۾ سياسي لقائن ڪي اظهاري رهي آهي. اڪثريت وٽ ته انساني بنيادي سهولتن جو تصور ئي ڇٽو ڪونهي. صاف ستري، غذائيت واري خوراڪ ته پري جي ڳالهه، پر هتي ستر سيڪڙو ماڻهن وٽ پيئڻ جو پاڻي به ميسر نه آهي. غلاظت ۾ گندگي وارو پاڻي سڄي عمر اڻ ڪٿ بيمارين جو

سلسلو بند ٿيڻ نٿو ڏئي. عـام مـاڻهو سـماجي طـور تي ايـترو ته پسـمانده ٿي چڪـو آهي، جو سـماجي زوال پـذيري ۾ استحصـال کي سـمجهڻ ۾ ان جي حل ڪـڍڻ کـان قاصر آهي. نـتيجتن هن وقت ذهني بيمارين جو تعداد سپ کـان مـٿي بيٺو آهي. سـماجي مونجهارن، نفسياتي مونجهارن کي جنميو آهي. غـريب ۾ ٻوجهه جي هن سماج ۾ ويڳاڻپ غير فطري مـوت تي ڇيهه ڪـري رهي آهي.

هڪ سروي مطابق پاڪستان ۾ چار ڪروڙ ماڻهو بلڊ پريشر جي بيماري ۾ ورتل آهن. يعني ذري گهٽ هر پنج ماڻهن مان هڪ ماڻهو بلڊ پريشر جو مريض ٿي چڪو آهي. سوا ٽي ڪروڙ مـاڻهو دل جي بيمـارين جي عتـاب هيٺ زنـدگي گـذاري رهيا آهن. 24 ملين مـاڻهو ٽولهه سـان وابسـته بيمـارين ورتل آهن. 18 ملين ماڻهو هاءِ ڪوليسٽرول جي بيمـاري هيٺ رهن ٿـا. 8 ملين مـاڻهو شـگر جي بيمـارين ۾ ورتل آهن ۾ سپ کـان خطرنـاڪ ڳالهه ته 50 ملين مـاڻهو نفسـياتي بيمـارين جو شـڪار ٿي چڪا آهن. (يقينن انهن جو تعلق غـربت، ويڳـاڻپ ۾ سـماجي مسـئلن سـان آهي).

هن ملڪ ۾ سراسـري هڪ سـئو مـاڻهن جي خـراب ٿيل عضـون جي وڍ ڪٽ ٿـئي ٿي. گـردن جي بيمـارين سـبب سراسري هڪ سئو ماڻهو ڊائلاسز تي اچن ٿا.

ملڪ ۾ ٻارن جي مـوت جي شـرح في هـزار ٻـار تي سـتر (70) آهي. هن ملڪ جي ٻـانو گـروٿ ريٽ 1.8 آهي. بيـورو آف اسـٽيٽڪس مطـابق اسـان وٽ 2986 مـاڻهن تي هڪ ڊاڪـٽر، 11584 مـاڻهن لاءِ هڪ نـرس، 1436 مـاڻهن لاءِ هڪ بيڊ وارو قابل رحم سرشتو ناهيل آهي.

UNDP جي عورتن بـابت رپـورٽ ٻـڌائي ٿي ته عـورتن جي صحت جي حوالي سان 174 ملڪن مان پاڪستان135 نمبر تي آهي. عورتن جي موت جي شـرح هڪ هـزار عـورتن تي 8 آهي. اها رپـورٽ هن ملڪ جي عـورتن بـابت صـحيح عڪاسي نـٿي ڪري. انگ اکر ان کان گهٽو مٿي آهن. عورتن جي اڪثريت داين جي حوالي آهي. ان ڪري صحيح انگ اکر ممڪن ئي ڪونهي.

رپورٽـون ٻـڌائين ٿيـون ته سـنڌ ۾ سـرڪاري حـوالي سـان

1980ع واري ڏهاڪي تائين واري حالت وري به ڪجهه بهتر هئي. پر 1990ع واري ڏهاڪي کان پوءِ صحت جي شعبي پٺتي پير شروع ڪيا آهن. جڏهن ته سنڌ حڪومت پندرهن کان ويهه ارب روپيا صحت جي نالي تي مختص ڪندي رهي آهي. صحت جي حوالي سان اها رقم ڪجهه به ناهي. (جيڪا سموري هڙپ ٿيو وڃي) پر ان مختص ڪيل بجيٽ ۾ ان کان پوءِ سنڌ ۾ صحت جي ابتر حالت تي ميڊيڪل جرنلس ۾ ميگزينن ۾ حيرانگي جو اظهـــــار ڪيو ٿو وڃي. (گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ رقم جو ٽڪو پيسو ڪو فائدو ته نڪري).

مثال طور سنڌ ۾ صحت جي حوالي سان هيپاٽائٽس جي بيماري واري خطرناڪ حد تائين وڌڻ واري آهي.

وفاقي هيلٿ منسٽري بقول ملڪ ۾ چار ڪروڙ هيپاٽائيٽس بي جا ڪيس آهن. جنهن مان ڏهه لک سنڌ ۾ آهن. هيپاٽائيٽس ”سي“ جا سموري ملڪ ۾ ست لک چوراسي هزار ڪيس آهن جنهن مان سنڌ ۾ هڪ لک ڇهانوي هزار ڪيس آهن پر آزاد ذريعا اهو انگ تسليم نٿا ڪن. هنن بقول ته اصلي انگ اڪر تمام گهڻا آهن.

سنڌ ۾ هيپاٽائيٽس جي ڦهلجڻ جو گهڻن سببن مان هڪ بنيادي سبب غير معياري ويڪسين آهي. رپورٽ ٻڌائي ٿي 47% سيڪڙو مريض انهيءَ غير معياري سُين ۾ انهن جي بار بار استعمال ڪري وڌي رهيا آهن.

غريب ماڻهو، مزدور ماڻهو، پورهيت طبقو، اينگهندڙ بيماري، ڏيگهه وٺندڙ علاج تي خرچ نٿو ڪري سگهي. هڪ ته غربت سبب وينـدو ئي عطائي ڊاڪٽرن وٽ، وري مخصوص نفسيات جي پوئيواري ڪندو جيڪا اسان وٽ سالن کان رائج آهي ته تڪليف ايستائين ختم ٿيندي ئي نه جيستائين ڊاڪٽر سئي نه هڻي. ڊاڪٽر به انهيءَ ”فوري حل“ واري نفسيات جو پرپور فائدو وٺن ٿا. هڪ سروي رپورٽ موجب سنڌ جي 90 ٻهراڙين جي سيڪڙو عورتن کي اها ڄاڻ ناهي ته ڪو



بار بار استعمال ٿيندڙ سيون (Syringes) ڪيترو موتمار ثابت ٿي رهيون آهن.

ڏهه ڪان چوڏهه سيڪڙو هيپاٽائيٽس رت جي منتقلي، رت جي عطيي وغيره جي دوران منتقل ٿي رهي آهي. باقي رهيل ڪسر وري اهي حجم حضرات پهراڙين ۾ سالن کان پوري ڪري رهيا آهن، جيڪي هڪ بليڊ سان پنجاهه پنجاهه ٻارن کي ٿوڙهو ڪن ٿا، ان ڪان پوءِ هن بيماري کي ڦهلائڻ ۾ اهي واهه، درياهه، ڪم ڪري رهيا آهن، جن ۾ گهريلو گند، گٽرن ۾ ڪاڪوس خانن جو نيڪال (جنهن کي مجموعي طور تي ميونسپالٽي وارو گٽر نظام چئجي ٿو) اچليو وڃي ٿو. هيپاٽائيٽس جي علاج جو خرچ نجي اسپتالن ۾ لکن ۾ ٿئي ٿو. جيڪو عام ماڻهو لاءِ ممڪن ڪونهي.

ورلڊ بئنڪ ٻڌائي ٿي پاڪستان ۾ موت جو سيڪڙو (Mortality rate) في هزار زندگين تي 27.6 آهي. جڏهن ته سنڌ ۾ اهو 31.4 آهي. پاڪستان ۾ Infant Mortality rate (ٻارن ۾ موت جي شرح) في هزار زندگين تي 78 آهي. جڏهن ته سنڌ صوبي ۾ اهو 81 آهي. ملڪ ۾ Neo-natal Mortality rate ”تازه ڄاول ٻارن جي موت جي شرح“ في هزار ماڻهن تي 94 آهي. جڏهن ته سنڌ صوبي ۾ اهو 101 آهي.

خراب خوراڪ ڪري پنجن سالن جي عمر وارن ٻارن ۾ 37 سيڪڙو ٻار گهٽ وزن جو شڪار رهن ٿا.

سنڌ ۾ صرف ٻاويهه سيڪڙو عوام سرڪاري اسپتالن ۾ مجبورن رخ ڪري ٿي ڇاڪاڻ جو وٽس پرائيويٽ اسپتالن لاءِ گهربل رقم ڪونهي. اهي ماڻهو جيڪي درگاهن، ڏاڍي ڦيٽي جي آسري آهن. انهن جو ڪو انگ اکر ڪونهي. سرڪاري اسپتالون بهترين ڪوس گهر آهن. بي وس ۾ بي پهچ ماڻهو، سنڌ جي انهي وچولي طبقي ۾ هيٺين طبقي سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽرن ڏانهن، آخري حل طور نهارين ٿا. جن وٽ انسان کي انسان سمجهڻ واري اخلاقي تربيت جو وڏو فقدان آهي. اوهان ڪنهن به سرڪاري اسپتال ۾ هڪ ڏينهن وڃي ڏسو ۾ ڏسو ته اوهان جي اڳيان اسپتالن مان لاش ڪيترو تيزي سان نڪرن ٿا. اسپتالن ۾ صفائي اهڙي آهي جو صحت مند ماڻهو به ڪي بيڪٽريل، فنگل

۾ وائرل بيماريون انعام ۾ ڪٽيو اچي. هفتن جا هفته صفائي نه ٿيندڙ ڪاڪوسن جي ڌپ وارڊن اندر ايندي رهي ٿي. مريض جي سنڀال لاءِ ايندڙ ماڻهو اسپتالن جي ٻاهران کليل گٽرن پرسان صبح شام انتظار ڪندي ۾ راتيون گذاريندي نظر ايندا. هي سماج جي زوال ۽ بي حسي جي انتها آهي. خانگي اسپتالن ۾ دنيا جي هر مرض جو علاج ميسر پر صرف پيسي واري لاءِ.

سرمايه دارن، زميندارن، فوجي ٽوڙي سويلين نوڪرشاهي ۽ سامراجي ادارن جي ڦرلٽ جو شڪار ٿيندڙ هي ملڪ ۽ ان ۾ رهندڙ اڪثريتي عوام جي حالت ابتر آهي. جڏهن ته ساڳي بيهڪ ۾ ٻين پسمانده ملڪن جي صورتحال ڪٿي اجا وڌيڪ خراب ته ڪٿي وري وڌيڪ بهتر آهي. پر سڀ کان بهترين مثال هڪ ننڍڙو ملڪ ڪيوبا آهي. جيڪو سدائين عالمي اقتصادي پابندين هيٺ رهيو آهي. پر هن پنهنجي عوام کي سياسي ۽ معاشي طور تي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيو آهي. صحت ۽ تعليم جي ميدان ۾ ڪيوبا جون حاصلاتون فخر جوڳيون آهن.

ڪيوبا اهو واحد ملڪ آهي جيڪو غريب ۽ سامراج جي عتاب هيٺ آيل ملڪ هئڻ باوجود صحت جي ميدان ۾ سموري دنيا کي حيران ڪيون بيٺو آهي. هن ملڪ ۾ صحت ۽ تعليم مڪمل طور مفت آهي.

ڪيوبا ۾ Infant Mortality rate ٻارن جي موت جي شرح في هزار ماڻهو 5.3 مان گهٽجي 4.2 تي چڪي آهي. جڏهن ته آمريڪا ۾ هن وقت به اهو انگ 8.26 ۽ ڪينيڊا ۾ 5.5 آهي. ڪيوبا ۾ سراسري (Life expectancy) زندگي جي عمر 78.6 سال آهي. جڏهن ته آمريڪا ۾ 77.9 ۽ ڪينيڊا ۾ 80.7 سال آهي. ڪيوبا جون گهڻي ڀاڱي اسپتالون عالمي معيار ISO14001 بنيادن تي تصديق ٿيل آهن.

ڪيوبا اڄ به پنهنجي صحت جون خدمتون سٺ ملڪن ۾ سرانجام ڏيئي رهيو آهي. جتي هن جا پنجاهه هزار ماڻهو ڪم ڪري رهيا آهن. ڪيوبا صرف لاطيني آمريڪا ۾ 3.5 ملين اکين جا آپريشن ڪندڙ (مفت) وارو واحد ملڪ آهي. ڪيوبا آفريڪي ملڪن ۾ جتي روزانو هڪ هزار ٻار مليريا جو شڪار ٿين ٿا. مليريا تي ڪم ڪري رهيو آهي. هن پتڪڙي ملڪ ۾ 123 ملڪن

ڪان شاگرد ڊاڪٽري واري شعبي ۾ تعليم وٺڻ اچن ٿا.

زمينداري نظام ۽ هاري پورهيت

فيض کيريو



سماج جي قسمت جوڙڻ وارو هاري پورهيت سخت مالي مشڪلاتن جو شڪار آهي. ڀهراڙي جو هي غريب طبقو، ڪل آباديءَ جو اڌ آهي، اسانجي اڌ آبادي روزاني 170 روپيا يا ان ڪان به گهٽ ڪمائي ٿي. غربت جي معيار کان به گهٽ، زندگي گذاريندڙ هاري، ڪيت مزدور پاڻي تي ڏاڙو، جنس جو اگهه نه ٿيڻ ۽ ساموندي چاڙهه، زير زمين پاڻي جو کارو ٿيڻ، سِم ۽ ڪلر سبب روزگار کان محروم ٿي رهيو آهي. ٻئي طرف هارپي ۽ اجرت جي ڪاروهنوار ۽ زميندار شاهي جي ڦرلٽ ويتر بدحالي وڌائي ڇڏي آهي. نهايت تنگي واري حالت ۾ به اسين ڏسون ٿا ته، هاري، ڪيت مزدور جيڪي محنت ۽ همت جا سرواڻ آهن سي، سج اڀرڻ کان اڳ گهران نڪريو وڃيو ٻنيءَ ۾ پون، ٻنا ٻڌن، گڏ ڪڍن، ڪاتي ڪٽن، پاڻي ورائين، لابارو، چوندو ۽ ڪٽائي ڪن، پلي ٿاڪ منجهند هجي يا پارو پوي فطرت جي ڏاڍاين سان مقابلو ڪري ڪيهه ڪٽڪ ڪمند چانور، پاڇيون ميوا پيدا ڪن. ان سان گڏ صنعتن لاءِ خام مال پيدا ڪريو جڳ جي جيئڻ جو بندوبست ڪن ٿِن. دنيا کي شاداباد ڪندڙ پورهيتن کي قانوني توڙي غير قانوني شڪل ۾ استحصال ۽ جبر هيٺ رکيو ويو آهي. اسان لاءِ سرڪار وٽ ڪو قانون ناهي، ڪم جي ڪا حدبندي نه آهي، پاڻ چڙ خريد ڪيل غلام هجون، جو هر علائقي جا رئيس، ارباب، نواب، پير، مير جڏهن من پوين مڏي ڪاتيءَ سان ڪُهن ٿا. اسان هاري ۽ ڪيت مزدورن جي ڦرلٽ جون ڪجهه واضح صورتون هيٺيون آهن.

- ★ بيٺل فصل تان هاريءَ کي بيدخل ڪرڻ.
- ★ ڀاڻ، دوا، ٻج ۽ ٻين اسمن تي ڳاٽي توڙ وياج هڻڻ.

- سالن تائين هاريءَ جو ليکو نه ڪرڻ ۽ ان رقم کي پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ.
- مارڪيٽ جي اگهه کان گهٽ اگهه تي هاريءَ جو حصو مقرر ڪرڻ.
- زمين کي ٿاهيندڙ وڏا هَرَ هاري تي هڻڻ.
- ڪمدار ۽ منشي جي پگهار هاري جي حصي مان ڪٽڻ.
- هاريءَ تي وڏيڪ هَرَ لڳائڻ.
- چار کان آٺ ايڪڙ اڌ بٽائي ڏيئي، باقي زمين تي سيري ڪرائڻ. (بنا اجرت ۽ حصي جي، مفت ۾ پورهيو وٺڻ.)
- هاريءَ جي ڏاندن کي بيدخل ڪري پنهنجي ٽريڪٽر تي ڪم ڪرڻ.
- کيت مزدور کان گهٽ پگهار تي وڌ ۾ وڌ پورهيو وٺڻ، جيئن 1800 کان 2000 روپيا تي ماهوار تي پورهيو ڪرائڻ.
- زرعي مزدورن کي انڊسٽريل رليشن ايڪٽ 2013ع تحت حق نه ڏيڻ.
- هڪ ڏينهن جي مزدوري تي 12 کان 16 ڪلاڪ پورهيو ڪرائڻ.
- مزدور کي ڪم دؤران، ماني ٽڪي چانهه پاڻي نه ڏيڻ ۽ ڪل اجرت بروقت تي ڏيڻ بجاءِ قسطن ۾ ڏيڻ يا هڙپ ڪرڻ.
- ڦٽيون چونڊيندڙ مزدور عورتن کي ويتر گهٽ اجرت ڏيڻ.

سنڌ ۾ هر وڏو زميندار پنهنجو قانون لاڳو ڪيو ويٺو آهي. هاريءَ کي پنهنجو مقرر حصو وقت تي ڪڏهن به ناهي مليو. جڏهن ملي ٿو ته زميندار هيراڦيري ڪريو، اهڙو ليکو ٺاهي ڏيندو جو هاريءَ جو قرض به نه لهندو. جيڪڏهن ڪو همت ڪري حق گهري يا، زميندار کي ته ڇڏيو پر منشيءَ سان وات ٽُڪائي ڪري ته، ابتو هاريءَ لاءِ آزار، زمين تان بيدخل ڪري بيٺل فصل تان ڌڪيو ڪڍيو ڇڏين. اڌ بٽائي جو اصول صرف نالي ماتر آهي، حقيقت ۾ هاريءَ کي ڇهين مهيني جو اَنُ به نٿو ملي. ڏسجي ته فصل تي زميندار کان هاري جو خرچ گهڻو آهي ۽ محنت ان کان سواءِ ڪري. هَرَ سيئي هاري تي، لاڀارو هاريءَ

تي، ٻج هاريءَ تي، دوا پاڻ مـان اڌو اڌ، پـاٽي، چونـڊائي ڪمند جي ڪٽائي مـان به اڌو اڌ هـاري پـري. ڪـٽي ڪـٽي، زميـندار ٻج مان ليـول جو هر اڌ پـري ٿـو. قـانون مـوجب ٻج   پـاٽيءَ جو بندوبست زميـنـــدار ڪي ڪرڻو آهي پر اِن تي به هـــاريءَ ڪـــان اڌ ورتو وڃي ٿو. هاريءَ مٿان روز بيگـار آهي، ڪـڏهن سـيريءَ تي، ڪڏهن اوطاق، واڙي ته ڪڏهن شاخن واٽرن جي صفائي تي.

فصل جي آمدنيءَ جي، پنجن حصن مان ٽي حصا زميـنـدار ته ٻه حصا هاريءَ جا ٿين ٿا. خرچ هاري ٽن حصن کان وڌيڪ پـري ٿو. زميندار ٽريڪٽر، زرعي زمين، ٻين زرعي اوزارن روڪ رقم جي ڪري حاوي آهي. هاريءَ وٽ ٻيو ڪو وسيلو ناهي، تنهنڪـري زميـنـدار هـاريءَ جي حـالت تي وڌيڪ بـيرحم ٿي، سـخت پورهيو وٺيو، ارب پتي تي رهيو آهي هاري پنهنجي لاءِ بخار جي ٽِڪي يا پيرن لاءِ جُتي به مشڪل سان خريد ڪري ٿو.

ڪيت مزدور وري هاري کان وڌيڪ لاچار، بدحال، بيروزگــار مصـــيبتن جو ماريل آهي. روزگـــار جي پڪ نه آهي، شل ڪنهن زميندار وٽ ڪڏهن ملي، سـدائين اهـڙن پچـارن پچي ٿـو. هڪ ڏينهن 50 (پنجاهـه) روپين کـان 100 (سـؤ) روپين تي مـزدوري ڪـئي تـه، پنـدرهن ڏينهن بيروزگـار. ڪمنـد، بـاغ، وونئڻ جي گُڏ هجي يا ٻي مزدوري، ڪڏهن به ”ڏيهاڙي“ وقت تي پـوري نـٿي مليس. ڪم جو وقت مقــرر نـــاهي، ٿـــورو يا گهٽو ڪم هڪـــڙي ڏيهاڙيءَ ورتو وڃي ٿو. سـنڌ انڊسـٽريل رليشن ايڪٽ 2013ع تحت ڪيت مـزدور ڪي صـنعتي مـزدور جهـڙا حق ملڻ گهـرجن. حقيقت هي قانون ڪاغذي مشڪري آهي، زرعي سـرمائيدارن ڪي ڪُلي چـوت آهي، ته هو بيروزگـار هيٺن مـاٺهن سـان غلامن جهڙو ورتاءُ ڪري پنهنجو منافعو وڌائين. حڪمـران، ڀهـراڙيءَ ڪي اهڙي پنجوڙ قاسائي جمهويت دشـمن راڄ قـائم ڪيو ويٺا آهن. سنڌ تي زميندار زرعي سرمائيدار طبقو حاوي آهي. انڊسـٽريل رليشن ايڪٽ 2013ع هنن جو پنهنجو ناهيل آهي، پر پنهنجي اصول تي پاڻ ٻيهڻ لاءِ به تيار نه آهن.

سنڌ اسيمبلي مان حڪمران پارٽي مخالف ڌر گـڏجي، 16 مارچ 2013ع تي هارين جا جهڙا تهڙا قانوني حق به کسي چـڏيا. زرعي سرمائيدار زميندار طبقي پنهنجا پـير جمـائڻ لاءِ، هـارين

ڪان جبري پورهيو ڪرائڻ جو رستو صاف ڪري ڇڏيو. هاري □ زميندار جي حقن □ جوابدارين جو قانون ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي اڳواڻي □ سنڌ هاري ڪاميٽي جي جدوجهد بعد 11 مئي 1950ع تي سنڌ اسيمبلي پاس ڪيو. قانون گهڻي ڀاڱي زميندار فائدي □ جوڙيو ويو. پر پوءِ به، هاري ڪميٽي ان قانون تي به عمل نه ڪرڻ خلاف جدوجهد ڪندي آئي. حڪمرانن قانون جي شڪل □ جيڪي جوابداريون پاڻ تي مقرر ڪيون تن تي عمل نه ٿيو، بيدخليون بند نه ٿيون، هارين سان ليکا نه ٿيا، بچ □ پاٽي زميندارن هارين کان ونڊ شروع ڪيو. دائمي هارپي جا حق نه مليا. هر زميندار پنهنجي حڪومت هلائي ٿو. نام نهاد جمهوري حڪومت ڪي گهربو هو ته، تقريبن سنڌ جي اڌ آباديءَ جو ووٽ ڪين ملي ٿو، ڀهراڙي پ پ لاءِ ڪرنگهي جي هڏي آهي. پر هنن ٻين پارٽين ڪي پاڻ سان گڏ ڪٽي 16 مارچ 2013ع تي سنڌ اسيمبليءَ مان ترميمون پاس ڪري، هارين جا حق هڙپ ڪيا، ڪين زميندارن جي ڦرلٽ خلاف جهڙو تهڙو قانوني سهارو به ختم ڪري ڇڏيو. هاڻ هاريءَ جون جوابداريون وڌايون ويون آهن. هَرَ سيئي هاري تي هنيا اٿن. بيگار ڪي جائز □ دائمي هاري جي 3 (ٽن) سالن واري مدي ڪي وڌايو ويو آهي. هاري پنهنجي خاندان سميت غلام بڻايو ويو آهي. اهڙي طرح ڀهراڙيءَ جا ڳوٺ □ شهر زميندارينظام □، پاڪستان رياست، سندن سرمائيدار طبقو □ عسڪري قوت هٿان ڦاسايل آهن.

سنڌ جي ڀهراڙيءَ جو پورهيت □ هاري قوم جي قسمت بدلائڻ جي صلاحيت رکي ٿو. انگريز سامراج کان اڳ □ پوءِ جون هاري تحريڪون جنهن ظلمن خلاف اُٿيون سي اڄ به آهن. اسان وٽ جديد سرمائيداري دؤر اچڻ کان پوءِ، زميندارينظام ختم ناهي ڪيو ويو. انگريزن جاگيرون ختم ڪرڻ بجاءِ قائم رکيون اڳي ڪان به وڏيڪ وڏيرا، نواب □ رئيس ٺاهيا، جن ذريعي اسانجي ڦرلٽ ڪئي. ساڳيو سرشتو اڃا قائم آهي. پاڪستان ٺهڻ وقت مسلم ليگ □ سامراجين وڏي سازش سان هاري طبقي جي حمايت حاصل ڪرڻ □ ڪامياب ويا. جنهن ڪانپوءِ اسين اڄ تائين زميندارعتاب □ آهيون. حوالي طور هڪ ڳالهه جيڪا محمد علي شاهه 26 آڪٽوبر 2013ع جي ڪاوش اخبار □ ڇپيل مضمون □

ڪئي هئي. اوهان آڏو رکان ٿو.

”هي 1946ع جي ڳالهه آهي جڏهن پاڪستان ٺهڻ ڪان هڪ سال اڳ مسلم ليگ جي اعليٰ قيادت ڪراچي جو دورو ڪيو، اُهي اڳواڻ، سر عبدالله هارون جا مهمان هئا ۽ ان سان گڏ سندس جاءِ تي ٿيندڙ تاريخي اليڪشن جي تياري جي سلسلي ۾ ميٽنگ ڪري رهيا هئا. جنهن ميٽنگ ۾ لياقت علي خان ۽ چوڌري خليق الزمان شريڪ ٿيا. ان ڪان علاوه ساڳي ميٽنگ ۾ مسلم ليگ جا روشن خيال نوجوان ليڊر به موجود هئا. ميٽنگ ۾ بحث دوران نوجوان اڳواڻن مسلم ليگ جي اعليٰ قيادت تي عدم اعتماد جو اظهار ڪيو. انهن جو چوڻ هو ته مسلم ليگ جي اعليٰ قيادت جاگيردارن، نوابن ۽ وڏيرن تي مشتمل آهي. جنهن تي چوڌري خليق الزمان وراڻيو ته نوجوانن کي مايوس نه ٿيڻ گهرجي ۽ مسلم ليگ ۾ وڌ کان وڌ شموليت اختيار ڪري اهڙي قسم جي قيادت جو متبادل ٿين. پر نوجوانن چيو ته اسين مسلم ليگ جي اهڙي ريل ۾ سوار آهيون جنهن جي ڪا منزل ناهي. اهو ئي سبب هو جو ان سلسلي ۾ جناح سڪٽي ڏيکاءُ تحت ليگ سرڪاري سنڌ هاري انڪوائري ڪميٽي ناهي. جنهن سان ليگ محدود سطح تائين هارين ۾ سجاڳڻ لڳي. جيئن ئي مسلم ليگ اقتدار سنڀاليو، حڪمرانن هارين کي حق ڏيڻ بجاءِ انهن کي جيلن ۾ وڌو. ايستائين جو جن مسلم ليگي ڪارڪنن هارين جي ڳالهه تي ڪئي تن کي به جيل ۾ وڌو ويو.“

هيءَ ڳالهه مسلم ليگ ۾ جناح جي نيت کي وائکو ڪري ٿي. ان سان گڏ پاڪستان چو ۽ ڪنهن لاءِ ٺهيو، واضح آهي. سنڌ ۾ هاري تحريڪ 1930ع کان باضابطا طور تنظيم جوڙي، جدوجهد ڪندي آئي. تنهن وقت جناح کي هاري ڪاميٽيءَ مان ئي خطرو هو. تنهنڪري مسلم ليگ کي، وڏين زميندارين خلاف بيهارڻ جو ڍونگ رچائي، هارين جون همدرديون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

1947ع کان اڄ تائين سرمائيدارن، عسڪري قوتن ۾ عالمي سامراجي ڏُرين زميندراي نظام کي پچائي رکيو آهي. دنيا ۾ جتي جتي وڏيون زمينداريون ختم ٿيون ته، حڪمرانن کي سخت نقصان رسيو، جيئن 1951ع ۾ بنگال ۾ زرعي سڌارا ٿيا

تـه، جديد قـومي طبقـاتي سـجاڳي جو دؤر اُڀريـو، جنهن پهـرين ڍاڪي ۾ سـامراجي چــؤڪي ڪنــدڙ پاڪســتان رياست کــان عليحـدگي مـاڻي. بنگـال ۾ زمينـداريءَ کي ڌڪ لڳو ته هتـان جي حڪمـرانن هـاري بغـاوتن کـان بچڻ لاءِ، ون يـونٽ مـڙهي ڇـڏيو. 1969ع ۾ اهڙا زرعي سڌارا ٿيا جو زميندار شاهيءَ تي ڪو فرق نه پيو. پٽي هارين سان ٿوريون رعايتون ڪيون پر پـوءِ ضـياءَ جي حڪومــتي دؤر ۾ پــٽي جي ڏنل رعــايتن کي ختم ڪيو ۽ زرعي سڌارن کي غـير اسـلامي قـرار ڏيـاري ڇـڏيائين. ان دؤر کـان اڄ تائين زميندري نظـام ڍاڪي به ڍاڪي اڳـتي وڌنـدو اچي. ڏيهي ۽ پـرڏيهي ڦـورو ٽـولن لاءِ جيڪو ملڪ ٺـاهيو ويو يا جيڪا رياسـتي طـاقت جـوڙي وئي ان خلاف اُڀرنـدڙ بغـاوت کي رئيس، نـواب، ارباب، پير، وڏيرو ۽ سردار روڪيو ويٺا آهن. زميندار طبقي ۽ ان جي سـاٿين خلاف اسـانجو ٽڪـراءُ جهـوڪ واري تحـريڪ کـان اڄ تـائين هلنـدو پيو اچي، حر تحـريڪ، الاٽي تحـريڪ، اڌ بٽـائي جي تحـريڪ، جمهـوريت جي بحـالي لاءِ تحـريڪ، پـاٽي کـوٽ خلاف جدوجهـد، ڪـالا بـاغ ڊيم خلاف تحـريڪ جي صـورت ۾ هـاري ۽ بهــراڙي جو غــريب پــورهيت نه رڳو وڙهي چُڪو آهي پر ويڙهه ڪرڻ به چاهي ٿو.

لطيف سائين چواڻي ته:

سـيت پچـار پـرين جي، سـيت هـوت حضـــــــــــــــــــــــــــــــــــــور،
ملڪ مڙيـئي منصـور، ڪهي ڪهنـدين ڪيـــــــــــــــــــــــــــــــــــترا!؟

عالمي سياسي صورتحال

يوناني بحران ۽ يورپي يونين جي ڪوڙڪي

جاويد راڄپر



ڪنگالپڻي جي ڪناري تي

يورپي ملڪ يونان شديد مالي بحران ۾ ڦاٿل آهي. يونان جهڙو يورپي صنعتي ملڪ پڻتي پيل زمبابوي، زيمبيا، لائبيريا، صوماليا ۽ ڪانگو وانگر 70 سالن ۾ پهريون ڀيرو قرض ادا نه ڪري سگهيو آهي. 29 جُون تي ايٿنز حڪومت ملڪي بئنڪن کي هڪ هفتي لاءِ بند ڪري ڇڏيو. اُن کان علاوه بئنڪن ۾ رکيل سرمايو به حڪومت پنهنجي ڪنٽرول هيٺ ڪري ڇڏيو. يونان جا سڀ بئنڪ 6 جُولاءِ تائين بند رهيا. جڏهن ته روڪ رقم مهيا ڪندڙ خودڪار مشينن يا اي ٽي ايمز مان هڪ ئي وقت صرف 60 يورو ڪڍي سگهجن پيا. يوناني وزيراعظم سيراس ملڪي بئنڪن جي سيني ڪاتيدارن کي يقين ڏياريو ته اُنهن جي رقم محفوظ آهي. پر ساڳئي وقت ايٿنز حڪومت بين الاقوامي قرض ۽ حڪومتي پاليسين جي حوالي سان ريفرينڊم ڪرائڻ جو اعلان ڪيو جيڪو پنج جولاءِ تي ٿيو. يونان جي اقتصادي بحران کي جديد دور جو انتهائي سنگين بحران قرار ڏنو پيو وڃي.

انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) 30 جُون تي تصديق ڪئي ته يونان کي 1.6 ارب يورو قرض اڄوڪي ڏينهن تي واپس ڪرڻو هو پر اُن ڊيڊ لائين پار ڪري ڇڏي آهي. ۽ هاڻي

آخري لمحن ۾ يونان قــرض جي ادائگيءَ واري تــاريخ وڌائڻ جي گذارش ڪئي آهي. قرض ادا ڪــرڻ ۾ ناڪــاميءَ جو مطلب آهي ته يونان سرڪاري طور تي ڪنگــال ٿي ويو آهي ۽ اُن جو ڏيوالو نڪــري ويو آهي. اولهه جي صــنعتي دنيا جو هي پهريـــون ملڪ هونــدو جيڪو آءِ ايم ايف جو قــرض ادا نه ڪــري ســگهڻ ســبب ڊفالٽر قــرار ڏنو ويو هونــدو. جــڏهن ته يونــاني حڪــومت يــورپي ساٿين کي چيو ته کين ٻن سالن لاءِ امــدادي پيڪيج ڏنو وڃي. پر يورو زون جي ميمبر ملڪن طرفــان ڪا مــوٽ نه مليس. جــرمن چانسلر اينگيلا ميرڪل چيو ته يونــاني ريفرنــڊم کــان اڳ ڪي به ڳالهيون نه ٿينديون.

يونان جهــڙي يــورپي ملڪ جو ڪنگــال پــٽي جي ڪنــاري تي پهچڻ اوچتو لقــاءُ نــاهي ۾ هي معــاملو فقط هــاٽوڪي يونــاني حڪومت تائين محدود ناهي پر ان جا پيرا ٿورو پنــتي تــائين وڃن ٿا.

بحران جا پيرا

يوناني معيشت حيران ڪندڙ نموني 2008ع کــان سُــڪڙجڻ شروع ڪري چڏيو هو. تڏهن اجان آمريڪي مالياتي بحران ظاهر نه ٿيو هو. بعد ۾ آمريڪي مالياتي بحــران يــورپ ســميت عــالمي اقتصاديات کي لوڏي چڏيو هو. آمــريڪي ماليــاتي بحــران ڪــانپوءِ يــورپ کي ڏاڍين مشــڪل حــالتن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو هــو. 2010ع ۾ يــورو زون ۾ شــامل پنج رياســتن يــورپي يــونين کــان مالي مدد طلب ڪئي هــئي. اُنهن مــان چــار ملڪن يعــني يونــان، آئرلينــڊ، پرتگــال ۾ قــبرص تڪــڙي ماليــاتي امــدادي پيڪيج جي درخواست ڪــري چــڏي هــئي. اُنهن رياســتن کي يــورپي يــونين، يورپي مرڪزي بئنڪ ۾ انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ طرفان مخصوص پر ســـخت شـــرطن جي بنيـــاد تي اربين ڊالر مهيا ڪيا ويـــا. مخصوص شرطن ۾ خاص طــور تي بچــتي قــدم کڻڻ لاءِ زور ڏنو ويو ۾ اُنهن جي نگرانيءَ جو ذمو خود قرض ڏيندڙن کنيو.

ســـال 2013ع ۾ آئرلينڊ ماليـــاتي پيڪيج جي پروگـــرام کي بحــاليءَ بعد مــوڪلاٽي ڪــئي، اُن ڪــانپوءِ 2014ع ۾ پرتگــال جي معيشت به پنهنجن پيرن تي بيهي وئي جنهنڪري اُهو به ماليــاتي

مدد واري عمل کان ٻاهر ٿي ويو. اسپين کي 2012ع □ مرندڙ ڪجهه بئنڪن جي بحاليءَ لاءِ مالي مدد ڏني وئي. پرتگالي معيشت مالي مدد جو پيڪيج وصول ڪيو پر اُن جي معيشت کي 2018ع تائين يورپي يونين، يورپي مرڪزي بئنڪ □ عالمي مالياتي ادارو ڪنٽرول هيٺ رکندا. آئرلينڊ به بچت پاليسي □ ٽيڪس جي شرح وڌائيندي مالياتي پيڪيج وصول ڪيو پر اُهو تڪڙ □ پنهنجي جان آجي ڪرائي ويو. پر اُن وقت کان وٺي يونان □ قبرص جي معيشت مٿين ٽنهي بين الاقوامي ادارن جي بيساکين تي بيٺل آهي.

يورپي يونين □ يورو زون، جن پنجن رياستن کي مالياتي پيڪيج /قرض سان نوازيو، اُنهن جي معيشت حقيقت □ غيرضروري حڪومتي خرچن جي ڪري اندروني □ پرڏيهي قرضن هيٺان دٻجي وئي هئي. خاص طور تي اسپين □ آئرلينڊ جي قرضن جو سائيز ڏسندي ڏسندي ٻيڻو ٿي ويو. جڏهن ته يونان □ پرتگال جي قرضن جو سائيز اُنهن جي ساليانى پيداوار (آئوٽ پُٽ) کان ٽيڻو ٿي ويو. 2008ع کان وٺي 2014ع جي وچ □ بيروزگاريءَ جي شرح □ غيرمعمولي واڌ ٿي □ رياستي مالياتي ادارا ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندا ويا. خاص ڪري يونان □ بيروزگار ماڻهن جو تعداد 2008ع جي ڀيٽ □ چوٽو ٿي ويو. اسپين □ به يونان وانگر 25 سالن جي ڄمار وارو هر چوٿون ماڻهو بنا ڪنهن روزگار جي آهي. يونان □ اها صورتحال بدستور قائم رهي.

يونان جي معاشي بحران جا گهڻ طرفا ڪارڻ آهن؛ جرمني □ يونان □ غيرمتوازن تجارت، اڳوڻين يوناني حڪومتن جا لکل قرض، 2008ع وارو عالمي معاشي بحران □ يورو زون جي بناوت جنهن □ وڏيڪ شاهوڪار ملڪن کي وڏيڪ فوقيت حاصل آهي. قرض وٺڻ جو وڏو سبب نيٽو جي فرمائش تي هٿيار خريد ڪرڻ به آهي. ساڳئي وقت تجارتي خساري جي پکيڙ □ يورپي يونين طرفان امپورٽ □ تيزيءَ جا قرض تي وڏا اثر پيا. عالمي مالياتي ادارن يونان کي حڪومتي خرچ □ خاص طور تي سماجي ڀلائيءَ وارن خرچن کي وڏيڪ گهٽ ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا. نتيجي طور عام ماڻهن □ نااميدي ڦهلجڻ لڳي.

عالمي مالياتي ادارن قرض جي نالي ۾ جيڪي ڪوڙڪيون ۽ سرڪڻ ڦاهيون ناهيون هيون اُن ۾ يونان جي ڦاسجڻ جو هڪڙو پيو ڪارڻ سياسي هو.

ڪابي ڌر ڪي سوڙهو ڪرڻ



گذريل چاليهه سالن کان يونان جي سياست ۾ حڪومت تي قدامت پسند نيو ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ ڪابي ڌر جي سوشلسٽ جماعت پاسوڪ (PASOK) جي هڪ هٽي رهي آهي. 1974ع ۾ فوجي حڪومت جي خاتمي کانپوءِ هي پهريون موقعو هو ته يونان ۾ هڪ نئون سياسي منظر اُڀريو. يورپي سياست جي ماهرن جو خيال آهي ته يونان ۾ اليڪس سپراس جي ڪاميابيءَ کانپوءِ ڪيترن ٻين ملڪن ۾ بچتي پاليسين جي مخالفت ڪندڙ سياسي جماعتن کي هٿي ملي سگهي ٿي. خاص طور تي اقتصادي ڏکيائين کي منهن ڏيندڙ ڏکڻ يورپ جي ملڪن ۾ اهڙيون سياسي پارٽيون زور وٺي سگهن ٿيون. ڪجھ عرصي کانپوءِ اهو پهريون ڀيرو ٿيو ته ايٿنز ۾ ڪا حڪومت يورپ جي سامهون وقار سان بيهي رهي آهي.

عالمي سرمائي هٿان يونان جي معاشي استحصال جي نتيجي ۾ ملڪ اندر ڪابي ڌر زور وٺڻ لڳي ۾ سرمائيدارن جي پڇ لٽڪائو حڪمرانن کان پنهنجي بيزاريءَ جو سياسي اظهار 2015ع جي جنوريءَ ۾ ٿيل عام چونڊن ۾ ٿيو. مالياتي بحرانن جي شڪار يونان جي عام چونڊن ۾ عوام بچتي پاليسين کي جاري رکڻ واري حڪومت کي رد ڪري ڇڏيو ۽ ڪابي ڌر جي سياسي پارٽين جي اتحاد سريزا کي يوناني پارلياماني چونڊن ۾ تاريخي ڪاميابي ملي. سيريزا پارٽيءَ جو ليڊر 40 سالن جو

اليڪسس سپراس آهي جيڪو هن وقت يونان جو وزيراعظم آهي. يورپي يونين طرفان يونان کي ڏنل قرضن جي موٽ ۾ ٿاقيل بچتي پاليسين جي مخالفت سبب هن جماعت سوپ ماٽي. تنهنڪري اليڪشن کان اڳ تائين اهي خدشا به ظاهر ڪيا پئي ويا ته سريزا جي ڪاميابي يورپي يونين جي هن ميمبر ملڪ کي يونين مان خارج ڪرڻ جو سبب پڻ بڻجي سگهي ٿي. وزيراعظم سپراس کوڙ پيرا اڳئي چئي چڪو هو ته هُو يونان کي ڏنل 318 ارب يورو جي مالياتي امداد تي نئين سر ڳالهيون ڪرڻ چاهي ٿو. يونان ۾ کاٻي ڌر جي سوپ يورپ جي سرمائيدار حڪمرانن کي بلڪل نه وڻي. يونان جو گهيرو ڪرڻ جو هڪڙو وڏو سبب کاٻي ڌر کي ناڪام ڪرڻ آهي. اُنهيءَ مهم جي مُهڙ ۾ جرمن چانسلر انگيلا ميرڪل، برطانوي وزيراعظم ڊيوڊ ڪيمرون ۽ ٻيا يورپي حڪمران آهن. يونان جون نئون چونڊيل وزيراعظم اڳ ئي اعلان ڪري چڪو هو ته هُو انهن پارٽين سان حڪومتي اتحاد قائم نه ڪندو جيڪي جرمن چانسلر ميرڪل جون حامي آهن. يوناني اليڪشن کان سُتت پوءِ برطانوي وزيراعظم ڊيوڊ ڪيمرون چيو ته يونان ۾ ٿيل چونڊن کانپوءِ يورپ ۾ معاشي حالتون غيرمستحڪم ٿي سگهن ٿيون. جڏهن ته فرانس جي ”نيشنل فرنٽ“ جي اڳواڻ مرين لي پين چيو هو ته يوناني عوام يورپي يونين جي منهن تي زوردار چماٽ هنئي آهي.

يوناني چونڊن ۾ کاٻي ڌر جي سوپ ۾ کاٻي ڌر جي ڪامياب حڪمرانيءَ جو نتيجو يورپ لاءِ وڏو مسئلو پيدا ڪري سگهي ٿو. مثال طور اسپين ۾ بچتي پاليسين جي مخالف سياسي پارٽيءَ جي اڳواڻ به يوناني وزيراعظم کي مبارڪون ڏنيون هيون. اسپيني سياسي جماعت پوڊيموس جي اڳواڻ جو چوڻ هو ته اليڪشن کانپوءِ هاڻي يونان تي حقيقي يوناني صدر ۽ وزيراعظم اقتدار ۾ ايندا ۽ انهن جي حيثيت جرمن چانسلر انگيلا ميرڪل جي وفد جهڙي نه هوندي. يونان جي چونڊن ۾ کاٻي ڌر جي سياسي جماعت جي واضح ڪاميابيءَ کانپوءِ سرمائيدار حلقن ۾ مايوسيءَ جي لهر ڇائنل رهي. ڪين پڪ هئي ته بچتي پاليسين جي مخالف سياسي جماعت سيريزا جي اقتدار ۾ اچڻ سان

يورو زون ۾ ڏار پئجي سگهي ٿو. سيريزا جي ڪاميابيءَ سان يورپ ۾ ڪاٻي ڌر جي ٻين جماعتن کي به هٿي ملي سگهي ٿي.

عالمي مالياتي ادارا يونان مٿان پنهنجي اجاره داري قائم ڪرڻ چاهين ٿا ۾ هاڻوڪي حڪومت کان اڳ حڪومتي اتحادن جي اصل طاقت اڳوڻي وزيراعظم انتونس سمارس جي قدامت پسند ”نيئا ڊيموڪراتيا“ ۾ سوشل ڊيموڪريٽس جي PASOK نالي جماعتون عالمي مالياتي ادارن جي ايجنڊا تي عمل پيرا رهيون آهن. انهن ٻنهي جماعتن اتڪل هڪ ڏهاڪي تائين يونان جي اقتصادي شعبي کي بدانتظامي ۾ بدعنوانيءَ جي ڏيڍڻ ۾ ڌڪي ڇڏيو. جنهنڪري يوناني عوام 25 جنوريءَ تي ٿيل چونڊن ۾ انهن ٻنهي ڌرين کي رد ڪري ڇڏيو. سريزا پارٽيءَ کي بدعنواني ۾ ٽيڪس چوريءَ کي گهٽ ڪرڻ کان علاوه سرڪاري شعبن ۾ سُڌارا آڻڻ جهڙن اٽپورن ڪمن کي مڪمل ڪرڻ جو ڳرو بار ڪٽڻو هو. پر عالمي مالياتي ادارن اُن کي سوڙهو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.

ريفرنڊم ۾ يورو زون لاءِ خطرا

مالي بحران جو شڪار يونان ۾ سريزا حڪومت 5 جولاءِ تي ريفرنڊم ڪرايو جنهن ۾ عالمي مالياتي ادارن جي شرطن کي قبولڻ يا رد ڪرڻ جي حوالي سان سوال ڏنل هئا. يوناني عوام اُن ريفرنڊم ۾ مالياتي پيڪيج جي شرطن کي رد ڪري ڇڏيو. ٽوٽل ووٽن جي شرح 61 سيڪڙو رهي. ڪُل وڌل ووٽن مان 60 سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽرز قرض مهيا ڪندڙن جي شرطن خلاف ووٽ ڏنو ۾ 39 سيڪڙو سندن حق ۾ ووٽ وڌو. ريفرنڊم ۾ ڪاميابيءَ باوجود يوناني خزاني واري وزير وارو فاڪس استيعفا ڏئي ڇڏي ۾ سندس چوڻ هو ته يورو زون جي خزاني وزيرن جي گڏجاڻي ۾ نه صرف ڪيس نظرانداز ڪيو ويو پر سائٽس مناسب رويو به اختيار نه ڪيو ويو تنهنڪري وزيراعظم ڪنهن ٻئي کي اها ذميواري ڏئي. ٻيو اهو ته اڳوڻي وزيراعظم انتونس سامار ساڄي ڌر جي پارٽي نيو ڊيموڪريسيءَ جي قيادت تان استيعفا ڏيڻ جو اعلان ڪيو. بهرحال ريفرنڊم ۾ يوناني عوام واضح ڪري ڇڏيو ته اُهو يورپ ۾ برابريءَ جي حق سان رهڻ

چاهي ٿو نه ڪي قرض ڏيندڙن جي هڪ ڪالونيءَ جي حيثيت ۾. جيڪـڏهن يونـاني عـوام ريفرنـڊم ۾ عـالمي ماليـاتي ادارن جي پاليسين جي حق ۾ ووٽ ڏئي ها ته پــوءِ اُن جو مطلب هي هجي ها ته سريزا کي سياسي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي وڃي ها ۽ کين استيعفا ڏيڻي پوي ها.

ان سموري بحران جي حوالي سان يونـان جي اهم سياسي ڌر ڪميونسٽ پـــارٽي آف يونــــان جو موقف بنهه مختلف رهيو آهي. رفرينـڊم جي حـوالي سـان اُن جو چـوڻ هو ته اسـان جي مـاڻهن کي چيو پيو وڃي ته ريفرنـڊم ۾ ”هـا“ ۽ ”نـه“ ڪـرڻ لاءِ حصو وٺن جـڏهن ته اهي ٻـئي (ها ۽ نـه) ظـاهري طـور تي الڳ آهن اصل ۾ هڪ ئي آهن. چاڪاڻ ته آءِ ايم ايف، يورپي مرڪزي بئنڪ توڙي ٻيا مالياتي ادارن جون پاليسيون توڙي سريزا پارٽيءَ جون پاليسيون پڻ عوام دشمن ۽ پورهيت دشمن آهن.

رفرينڊم کان اڳ مختلف تجـزيي نگـارن جي هڪـڙي راءِ اها هئي ته يونان جي يورو زون مان نڪرڻ ڪانپوءِ خود يورو خطـري ۾ پئجي ويندو. چاڪاڻ ته آءِ ايم ايف جي تخميـني مـوجب يونـان جي نڪــري وڃڻ سـان عـالمي حقيقي نقصـان 1.2 تـرلين ڊالر ٿينـدو. هڪ ميگـزين (Wirtschaft Woche) جي دعـوا مـوجب يونان جي نڪرڻ سـان يـورو زون ۾ شـامل حڪـومتن کي 300 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيندو ۽ سـچو ڪنڊ 1930ع جهـڙي بحـران ڏانهن ڌڪجي وينـــدو. خدشو اهو به آهي ته يونـــان جي نڪـــري وڃڻ سـان ٻيا ملڪ به سـندس رسـتي تي هلي پونـدا جهـڙوڪ اسپين، پورچوگال ۽ اٽلي. تازو 2 لک کـان وڌيڪ آسـٽريا واسـين هڪ پٽيشن تي صحيحيون ڪيون آهن جنهن ۾ يورپي اتحـاد مـان ملڪ جي نڪـــرڻ جو مطـــالبو ڪيو ويـــو. هـــاڻي آســـٽريا جي پارليامينٽ کي ان پٽيشن تي غور ڪرڻو پوندو. يورپي اتحاد مـان آسـٽريا جي نڪــرڻ جا ڪــوڙ ســارا ڪــارڻ موجــود آهن جن ۾ معاشي، ماحولياتي ۽ جمهوريت جي ترقيءَ بـابت سـبب شـامل آهن. تمام گهڻن ماڻهن کي مهانگائي پريشـان ڪـري ڇـڏيو آهي. يــورپي اتحــاد جي قيـادت غلط رسـتي تي هلي پـئي چاڪـاڻ ته شهري پنهنجن ملڪن جي پاليسـين تي اثرانـداز ٿيڻ جي امڪـان کان محروم ٿي چڪا آهن. جڏهن ته ٻي راءِ اها به هئي ته بحران

جو هڪڙو حل اهو به ٿي سگهي ٿو ته يورپي ملڪ، آءِ ايم ايف يورپي سينٽرل بئنڪ ڪنهن مفاهمتي نتيجي تي پهچن. هو ئي ٿيو. يونان يورو زون مان خارج نه ٿيو (جنهن جا وڏا امڪان ظاهر ڪيا پئي ويا) پنهنجا قرض واپس ڪندو رهندو. پر يونان جنهن به رستي جي چونڊ ڪري اُن ڪي هن بحران مان نڪرڻ ڊگهو عرصو لڳندو.

ريفرينڊم مليل موٽ اهڙو موقعو هو جو عوام جي پرپور حمايت کي استعمال ڪندي سپراس (يوناني وزيراعظم) گهٽو ڪجهه ڪري سگهيو پئي. پر سيريزا جي قيادت قرض ڏيندڙن جي سامهون جهڪي پئي. سپراس اهو عُذر پيش ڪيو ته ريفرنڊم جو مقصد فقط ڳالهين پوزيشن مستحڪم ڪرڻ هو. اُنهن ڳالهين جو نتيجو اهو نڪتو ته قرض ڏيندڙن اڳ کان وڌيڪ سخت شرط ٿاڦي ڇڏيا. طئي ٿيل ”ٺاهه“ پگهارن، پينشن، علاج تعليم وغيره جي بجيٽ گهٽتايون، وسيع پيماني جي نجڪاري، اٽسڌن ٽيڪسن وڌيڪ اضافو عوام کان ٻيون سهولتون کسڻ شامل هئا. جنهنڪري سيريزا جي کاٻي ڌر (ليفٽ پليٽ فارم) اُن ذلت جوڳي ٺاهه خلاف بغاوت ڪري ڇڏي سپراس کي ساڄي ڌر جي عوام دشمن پارٽين جي حمايت سان پارليامينٽ مان منظوري وٺڻي پئي. تازي صورتحال اها آهي ته سيريزا ٽٽي چڪي آهي ليفٽ پليٽ فارم جي ليڊر ”لافازانس“ نئين پارٽي ”پاپولر يونيٽي“ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي جنهن پارليامينٽ جا 25 ميمبر شامل ٿي چڪا آهن. اها ئي اُها بغاوت هئي جنهنڪري سپراس کي استعيفا ڏيڻي پئي. هُن تڪڙ چونڊون ڪرائڻ لاءِ 20 ڊسمبر جي تاريخ رکي ڇڏي ته جيئن پاپولر يونٽي پنهنجن پيرن تي بيهي نه سگهي. سپراس جيڪو ڪجهه مهينا اڳ يورپ جو مقبول ترين ليڊر هو اڄ عوام منجهه خوار ٿي چڪو آهي. سيريزا ٽڪرا ٽيڻ ڪاٻپوءِ باقي بچيل حصو سامراجين جو چاڙتو ٿي چڪو آهي جيڪو اُن ٺاهه کي لاڳو ڪرڻ جو پرچار ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن حالتون بي قابو ٿي وڃن ٿيون ته سامراجي قوتون عوامي بغاوت کي ڪچلڻ لاءِ فوجي آمريت به مڙهي سگهن ٿيون. پر اهم عنصر هي آهي ته يونان انقلابي تحريڪن جا وسيع امڪان پڻ موجود آهن.

مسئلن ۾ گهيريل يورپي يونين

هن وقت يورپ وڏن ۽ گهڻن طرفن عبوري تبديلين جي وچ مان گذري رهيو آهي. اندروني طور تي سياسي صورتحال ٻن انتهائن، ساڄي ۽ کاٻي پاسي، لوڏا کائي رهي آهي. يورپي يونين ۽ نيٽو اندر معاشي، سماجي ۽ سيڪيورٽي پاليسين بابت اختلاف آهن. يورپي يونين جي فائديمند هجڻ بابت برطانيا سميت ٻين ملڪن ۾ سوال اُڀري رهيا آهن. سيڪيورٽي پاليسين، خاص ڪري ڪاوڙيل روس ۽ اُڀرندڙ چين سان لاڳاپن جي حوالي سان آمريڪا سان وٿيون پڻ وڌي رهيون آهن. يورپي يونين جي اندروني تضادن جي ڪري ٻيا ڳنڀير مسئلا پيدا ٿي پيا آهن؛ هڪ ته ٻاهران ايندڙ ماڻهن (اميگرنٽس) کي پنهنجو پاڻ ۾ ضم ڪرڻ ۾ ناڪامي. ٻاهران ايندڙ ماڻهو يورپي گهيٽوز ۾ ڪچين آبادين ۾ ويڳاڻپ واري زندگي جيئن پيا. نسلي ۽ مذهبي تڪرار هاٽي مُک ڌارا واري سياست ۾ ڪاهي پيا آهن. پيو اهو ٿيو آهي ته نائن اليون ڪانپوءِ مسلمانن خلاف متڀيد وارو سلسلو اڻ ڪٽ ٿي پيو آهي، يورپ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٿيندڙ دهشتگرد حملا ۽ اسلامڪ اسٽيٽ ڪان متاثر سندن گهرن ۾ پيدا ٿيل دهشتگرديءَ وارو نئون خوف، انڪري "جمهوري آزادين" تي مفاهمت ۽ فاشسٽ قوتون جي بحاليءَ جا امڪان وڌي ويا آهن. ٿيون، وڌندڙ بيروزگاري سان گڏ ٻاهران ايندڙن خلاف دانهون وڌي ويون آهن. ساڳئي وقت وچ اوڀر ۽ آفريقا جي تڪرارن مان پڇي ايندڙ پناهگير هاٽي يورپي ساموندي ڪنارن ڏانهن ڊوڙن پيا ۽ هزارن جي تعداد ۾ سرحدون پار ڪري رهيا آهن. اهي تڪرار گهڻو ڪري اولهه جي مدد سان آمر حڪومتن جا تختا اونڌا ڪرڻ جي ڪري پيدا ٿيا آهن. اُنهن پناهگيرن جي اڪثريت مسلمان آهي.

يورپ جون معاشي ۽ سماجي للڪارون هاٽي روس سان هلندڙ نئين تڪرار سبب وڌيڪ پيچيده ٿي پيون آهن. اهو تڪرار آمريڪي اسٽريٽجڪ ڏکي جو نتيجو آهي جيڪو روس جي سرحدن ڏانهن اولهه جي اثر رسوخ کي وڌائي رهيو آهي. اُن ۾ يورپ هڪ چاڙتي وارو ڪردار ادا ڪيو. يوڪرائين روس لاءِ خطري واري ڳاڙهي لڪير هئي. روس طرفان ڪرائما تي قبضو

هاٽي ناقابل واپسي لڳي ٿو. يوڪرائين گهٽو ڪري ورهايل رهندو ۽ ايندڙ ڳچ عرصي تائين مصيبتن ۾ رهندو.

بهرحال يورپي قومون پن برباديءَ ڦهلائيندڙ جنگين، ۽ هڪ هاجيڪار سرد جنگ جي تجربن کان واقف آهن، ايڏن وڏن هاجن باوجود يورپ دنيا جي سڀ کان خوشحال ترين، پائيدار ۽ ترقي يافته خطي طور اڀريو. اها ڪاميابي، ابتدائي طور تي، آمريڪا جي سخاوت (مارشل پلان) ۽ فوجي تحفظ (نيٽو) جي ڪري ممڪن ٿي. تنهنڪري ماضيءَ جي تجربي ۾ آمريڪي ساٿ کي ڏسندي لڳي ٿو ته يورو زون ڪنهن وڏي بحران کي ٽاري ويندو.

يونان ۾ تازو مالياتي ٽوڙي سياسي بحران مجموعي طور تي يورپي ۽ عالمي سرمائيداري نظام جو هڪڙو عڪس آهي. هن ننڍڙي قوم جي قسمت جو فيصلو عالمي سيٺين جا رت پياڪ مفاد ۽ مختلف حڪومتن جا سربراهه يعني سندن سياسي نمائندن سميت ٽرائيڪا (يورپي يونين، يورپي مرڪزي بئنڪ ۽ انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ) ڪري رهيا آهن. يوناني پورهيت عوام هر حوالي سان مصيبت هيٺ آهي جيڪو نازي قبضي کان وٺي مسلسل بحرانن جو شڪار رهندو پيو اچي. يوناني پورهيت عوام قرضن لاءِ جوابدار نـاهي ۽ اُهو اُنهن جي واپس ادائگيءَ لاءِ پڻ ذميوار ناهي. اصل ۾ يوناني رياست پوين سالن ۾ قرض ڪنيون ته جئين سرمائيدارن جي منافعي خوري جي ضرورتن کي پورو ڪري سگهي ۽ هاڻي اُها عوام کان مطالبو پئي ڪري ته رقم واپس ادا ڪري. يوناني ڪميونسٽ پارٽي (ڪي ڪي اي) جي تجويز آهي ته ”يورو زون مان نڪرو ۽ واپس پنهنجي ڪرنسيءَ کي بحال ڪريو“، ”نه ڪو آءِ ايم ايف جون پاليسيون درست آهن ۽ نه ئي يوناني (سريزا) حڪومت جون.“ پر سندن ان موقف تي تنقيد ڪندڙ چون ٿا ته ان عمل سان يوناني پورهيت عالمي سيٺين جي رحم ڪرم تي رهندو جڏهن ته يوناني سرمائيدار کي ڪجهه به نه ٿيندو پر پورهيتن جي زندگي، اُجرتون ۽ ٿوري گهڻي بچت کي ڇيهو رسندو.

يونان ۾ سرمائيدار بحران جي ابتدا کان وٺي سرمائيدار طبقو عوام کي نظرياتي طور تي بي هٿيار ڪرڻ خاطر بحران ۽ مسئلن جي اصل ڪارڻن کي مبهم ۽ دنڌلو ڪندو رهيو آهي،

عـوام کي سياسي حلن ڏانهن ڌڪي رهيو آهي جيڪي مجمـوعي طور تي استحصالي نظـام کي سـواليه نه ٿا بڻـائين۔ اهـڙي ريت سرمائيدار سياسي پارٽيون، پراڻيون ٽوڙي نيون، ان معـاملي کي الڳ ڪٽيل لقـاءَ طـور پيش ڪـري رهيـون آهن يعـني معاشي اسڪينڊل کي بحران جو ڪارڻ ٻُـڌائي رهيـون آهن. سـندن عـام ڳالهه هيءَ آهي ته "پيسن جو معـــاملو هـــو. ڪجهه مـــاڻهن (سياسـتدانن) اُن کي لڪـايو هـاڻي عـوام اها قيمت ادا ڪـري پيو." ان تحريڪ جو سڄو زور "چور...! چور...!" "غـدار" جي نعرن تي رهيو جن هيٺ سياستدانن کي هدف بڻـايو ويـو. جـڏهن ته اصل مسـئلو خـود استحصـالي پـورهيت دشـمن نظـام جو آهي. يـورپي يـونين هيٺ مختلف رياسـتن جي ڳنـڍڻ جو بنيـادي مقصد سرمائيدارن کي ميمبر رياستن جي عوام جو موثر نموني استحصـال ڪـرڻ آسـاني ڪـري ڏيڻ آهي. ميمـبر رياسـتن جا سرمائيدار گڏجي ڪري مزا ماڻين ٿا. اهو اتحاد انڪري ناهيو ويو ته جيئن ٻين ملڪن علا.ئقائي اتحادن جي هڪ هٿين کي يورپي هڪ هـٿيءَ ذريعي منهن ڏئي سـگهجي. يـورپي يـونين جا ميمـبر ملڪ نيٽو جا ميمبر به آهن جيڪي مالياتي، سياسي توڙي فـوجي طـريقن سـان جنگ ڪن پيـا. ان اتحـاد ايشـيا آفريقا آمريڪا سان گـڏجي ڪيـترن ملڪن کي گهـرو ويڙهه ڏانهن ڌڪي ڇـڏيو آهي. ايتريقدر جو هاڻي ته يوڪرائين جي معاملي تي خود يـورپ انـدر باهه ٻـري پـئي. ڪجهه سياسي ڌريـون (جن سـريزا به شـامل آهي) يـورپي يـونين کي بهـتر سـمجهن ٿيـون پر اُهي ان حقيقت کي نظرانـداز ڪـري ڇـڏين ٿيـون ته يـورپي يـونين خـود ترائيڪا (يـــورپي مرڪـــزي بئنڪ، آءِ ايم ايف يـــورو زون) جو اوزار آهي. تنهنڪري جيڪي ڌريون فقط قرض جي شـرطن کي رد ڪن ٿيـون اُهي اصل عـوام جي اکين ڌوڙ وجهي يـورپي يونين جي استحصالي ڍانچي جو بچاءُ ڪن ٿيون.

اسٽاڪ مارڪيٽ جو بحران ۽ چين

بخشل ٿلهو



هڪ اهـــــــڙي وقت ۾ جــڏهن چين پاڪســتان انـــــــــــدر پنهنجي سيڙپڪاري ۽ پوري دنيا انـــدر بين وڏي معاشي طاقت جي تعارف سبب بحث هيٺ هيــو، جــڏهن اهو چيو پـــــئي ويو ته ارڙهين صـــدي فـــرانس جي، اڻـــوهين صـــدي برطانيا جي، ويهين صـــدي آمريڪا جي ۽ ايڪهين صـــدي ايشــيا (چين) جي ته تــڏهن هڪ وڏي معاشي بحران چين جي اسٽاڪ مـارڪيٽ کي جهڙ ته ويهـاري ڇـڏيو.25 ســالن جي تــاريخ ۾ پهريــون پــيرو چين جي معاشي واڌ ست سيڪڙو هيٺ ڪـري آهي. 2008ع ۾ جـڏهن پـوري سـرمائيدار دنيا مالياتي بحران جي ور چڙهيل هئي تـڏهن ان بحـران جا چين جي معيشــيت تي نه جي برابر اثر پيا هيــا. پنهنجي ان حاصــلات کي چين جي حڪمرانن چيني ساخت جي سوشلزم جي کـاتي ۾ وڌو هيــو. اهــڙي ريت ســرمائيدارڻي رد کي سوشلسٽ شــينهن جي ڪل پارائي پوري دنيا اڳيان ڏاڪو ته ويهاريو ويو پر ان پــوري عرصي ۾ چيــني رد واقعي به پنهنجو پــاڻ کي شــينهن ســمجهڻ شروع ڪري ڇڏيو هــو. بين لفظن ۾ هن ســمجهيو پـئي منـافعي خوري کي سوشلزم سڏي هو انهن بحرانن کـان بچي ســگهي ٿو جيڪي ســــــرمائيداريءَ جي ڳر ۾ جيئنـــــدا آهن. بهرحــــال ان خوشفهمي جو نتيجو ست سالن جي اندر اڄ اسان جي سامهون آهي. اسٽاڪ مـارڪيٽ جي دنيا هجي يا ريئل اسـٽيٽ جو ڌنـڌو، سٽيبازي جو جهان ئي انهن کي حرڪت ۾ رکي ٿو ۽ انهن ذريعن سبب سـٽيبازي به معاشي سـرگرمي طـور ظـاهر ٿـئي ٿي. هڪ اهڙي معاشي سرگرمي جنهنجو مـاڻهن جي ضـرورتن ۽ پيـداوار سان ڪـو واسطو ڪـونهي. اهو هن دور ۾ ئي ممڪن ٿي سـگهيو

آهي ته ڪا به جنس (commodity) پنهنجي منافعي کان بلڪل ڌار ٿي سگهي. پر اهو منافعو انگن اکرن وارو هوائي منافعو هوندو آهي. جيڪو اڳي پوءِ زمين تي تڏهن لهندو آهي جڏهن جنس مٽا سٽا (Exchange) جي حقيقي عمل منجهان گذرندي آهي تڏهن ئي سٽيبازي جو جهان اچي پٽ پوندو آهي. چين اندر هاڻوڪو بحران به حقيقت جي منهن سامهون ٿيڻ جو نتيجو آهي. جنهن ۾ اڃا تائين 3.4 ٽريلين آمريڪي ڊالر سندس ڪيسي منجهان نڪري هوا ٿي ويا آهن. اهو پيسو دنيا جي ڪوڙ سارن ملڪن جي ڪل اثاثن کان به گهٽو آهي. نو ڪروڙ ماڻهو چين ۾ پنهنجي اثاثن تي واپار ڪندا آهن. جيڪي هاڻ متاثر به ٿيا هوندا. چين اندر گهرن جون قيمتون به ڪريون آهن ۾ اهي ڪروڙها ماڻهو جن پنهنجي موڙي ڪي پراپرٽي بزنس ۾ سيڙايو هيو، هڪ وڏي بي يقيني جو شڪار آهن. چيني رياست ان سموري مامري کي سنڀالڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي ۾ اُن عوام جي پيسي سان جواخاني واري معيشيت کي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ ڪجهه سخت فيصلا به ڪيا آهن. ملڪ جي اڌ ڪانوڊيڪ وڏين ڪمپنين ۾ ادارن کي پابند ڪيو ويو آهي ته ايندڙ 6 مهينن لاءِ پنهنجي قيمتن کي ڄمائي (Freeze) رکن ۾ ننڍن ادارن ۾ انفرادي ماڻهن کي آسان شرطن تي قرض ڏئي شيئرز جي خريداري لاءِ همٿايو پيو وڃي. ان مد ۾20 ملين ڊالرز جي خريداري تي 40 ملين ڊالرز جي رياستي مدد جو به طئي ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه سرڪاري سطح تي وياج جو سيڪڙو پوئين سال نومبر کان پنجون ڀيرو ڪيرايو ويو آهي ته جئين ماڻهو گهٽي ڪان گهٽو قرض کڻي وري اسٽاڪ مارڪيٽ جا شيئر وٺي سگهن. ان کان علاوه چيني ڪرنسي يان(Yuan) جي قدر ۾ گهٽتائي آندي وئي آهي ته جئين چيني جنسون عالمي مارڪيٽ ۾ اڃا به سستيون ٿين ۾ ايڪسپورٽ ۾ ملڪي پيداوار ۾ اظافو ٿي سگهي. پر ”درد بڙهتا گيا، جون جون دوا ڪي“ جي مصداق تازين خبرن مطابق اڃا تائين شنگهائي ۾ ٻيون مارڪيٽون ٻاڙائي جو شڪار آهن. چيني اسٽاڪ مارڪيٽ جي ويهڻ منجهان اهو مقصد نه ورتو وڃي ته ڪو چين جي مجموعي معيشيت ويهجي پئي. چيني معيشيت اندر اسٽاڪ مارڪيٽن جو ڪردار اولهه جي ڀيٽ ۾ گهٽو گهٽ آهي پر آهي ضرور. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته چيني بحران جا هن

گلوبل دنيا ۾ پين معيشتن تي ڪهڙا اثر پون ٿا. جن منجهان ڪجهه اثر هاڻي ئي ظاهر ٿيڻ شروع ويا آهن. نيويارڪ، لنڊن، پيرس ۽ فرينڪفرٽ جهڙين مارڪيٽن ۾ڏينهون ڏينهن لاٿ جي رجحان کي وڌندي ڏسجي پيو. هانگ ڪانگ جي مارڪيٽ به 1987ع کانپوءِ پهريون دفعو ايترو هيٺ ڪري آهي. انڊونيشيا ۽ تائيوان سميت ڪوڙ سارا ملڪ آهن جيڪي هاڻوڪي بحران کان متاثر ٿي رهيا آهن. تيل ۽ لوهه جهڙين قيمتون ته پهرين کان مستقل ڪري رهيو آهن.جنهنجو هڪ نتيجو اهو پيو نڪري ته پوري دنيا اندر اربين رپين جي لاڳت سان جيڪي تيل ۾ کاڻين جي کولها لاءِ پراجيڪٽ شروع ڪيا ويا هيا انهن جي گهٽائي هاڻي نقصان ۾ پئي وڃي ۾ عين ممڪن آهي ته انهن منجهان کافي بند به ٿي وڃن. لڳي پيو 2008ع کانپوءِ وري سرمائيدار دنيا هڪ ٻي وڏي بحران کي نه چاهيندي به ڏسڻ جا سانباها ڪري پئي. هن ئي سال جي پهرين اڌ ۾ ڪوڙ سارن بورجوا معاشي ماهرن سال جي پوئين اڌ ۾ بحرانن جي نشاندهي ڪئي ٿي. اهي نشاندهي کانسواءِ پيو ڪجهه ڪري به نه ٿا سگهن چاڪاڻ ته حل انهن جي حال کان گهٽا آهن. مثال طور اڳوڻي برطانوي وزيراعظم گورڊن برائون جي معاشي صلاحڪار به چيو آهي ته هاڻوڪو بحران 2008ع کان 20 دفعا وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. مئي مهيني ۾ ئي HSBC جي معاشي ماهر اسٽيفن ڪنگ چيو هو ته "بنا ڪنهن زندگي بچائيندڙ پيڙي جي (جيڪو ايمرجنسي ۾ استعمال جوڳو هجي) دنيا جي معيشيت سمنڊ ۾ سفر ڪري رهي آهي." بحرانن کي جانچيندڙ هڪ عالمي اداري (Researchers at the Systemic Risk Centre (SRC) at the London School of Economics) هن ئي سال جي جولاءِ مهيني ۾ بلڪل ٺيڪ چيو ته جزن کي استحڪام بخشي، عالمي معاشي منتظمين، جيڪڏهن اهو سمجهن ٿا ته هو ڪُل کي بچائي وٺندا ته هو هڪ وڏي غلطي ڪري رهيا آهن. ان رپورٽ واضع ڪيو ته ڪو به معاشي ماڊل بحران جو حل ڪونهي پر ڪجهه ماڊل بحران کي برادشت ڪرڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿا. پر جڏهن سڀ معاشي قوتون هڪ ئي ماڊل کي اپنائين ٿيون ته هو انهي ماڊل کي اجا به وڌيڪ غير يقيني بڻائي ڇڏين ٿيون. هن رپورٽ جي مقصد کي

جيڪڏهن سادي مثال ذريعي سمجهائجي ته اسانکي حيدرآباد شهر جي ٽريفڪ نظام تي ٿورو غور ڪرڻو پوندو. جنهن ۾ جڏهن روڊ جو هڪ پاسو تعمير هيٺ هوندو آهي ۽ اهو آمدورفت لاءِ بند هوندو آهي ته ٽريفڪ جو سمورو دٻاءُ هڪ ٻي پاسي تي اچي ويندو آهي، هاڻي ان سموري دٻاءُ ۾ ڦاسڻ جي ڀَوَ کان جڏهن ماڻهو هڪ ٻئي کان اڳ ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ هڪ ئي پاسي کان گاڏيون چار لين ۾ بيهاري ڇڏيندا آهن ته سامهون کان اچڻ وارين گاڏين جو رستو بند ٿي ويندو آهي اهڙي حالت ۾ لازمي طور وڃڻ جو رستو به بند ٿي ويندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪو وڏي ڪار وارو ڪنهن اڳيان بيٺل رڪشي واري کي گاريون ڏيندو آهي ۽ رڪشي وارو گڏهه گاڏي واري کي ائين گڏهه گاڏي وارو پنهنجي قسمت کي گهٽ وڌ ڳالهائي پيو سڀ ڪجهه سهندو آهي. عالمي طور تي سرمائيداري نظام به هڪ اهڙي انارڪي جو شڪار آهي جنهن ۾ جسٽائين معاشي اپار جي ميوزڪ وڄندي آهي هرڪو نچندو نچندو ڪرسين چوڌاري ڦرندو آهي. پر هڪ دفعو ميوزڪ بند ٿيڻ ڪانپوءِ هرڪو پاڻ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هڪٻئي کي ڌڪا ڏئي ڪرسي پڪڙيندو آهي ۽ ٻي جي ڪرڻ تي خوشي ۽ اطمينان جواظهار ڪندو آهي. هاڻي به ائين پيو ٿئي اولهه جا بورجوا معاشي ماهر هاڻوڪي بحران کي سرمائيداريءَ جو بحران سمجهڻ بجاءِ ان کي صرف چين جو مسئلو قرار ڏئي رهيا آهن جنهن کان سندن مارڪيٽون پڻ متاثر ٿي رهيو آهن. پر جيئن ته ڪنهن نه ڪنهن کي ته هن بحران جي سڀ ڪانوڏيڪ قيمت به ڏيڻي آهي ۽ الزام به ڪٽڻو آهي. سو اهو الزام هيل چين مٿي مڙهڻ جون ڪوششون جاري آهن ۽ اهي ئي بورجوان نام نهاد معيشيتدان هاڻوڪي آيل تباهي کي ”ميڊ ان چائنا“ سڏي رهيا آهن ته جيئن ٻي هنڌ عالمي سيڙپڪارن جي اعتماد کي ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي. جڏهن ته حقيقت ۾ هي بحران ڪنهن هڪ ملڪ جو نه پر پوري عالمي سرمائيدارڻي نظام جي سرشت جو اڻٽ حصو آهي، جنهنجو اظهار هر جڳهه تي ساڳي انداز ۾ نه ته ٿئي چاڪاڻ ته سرمائيداري اندر جيڪڏهن اوسر ناهموار ٿي ٿئي ته تباهي به ناهموار ئي ٿيندي آهي. اڳيان ڇا ٿيندو؟ ان بابت يقين سان ته ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي پر غالب امڪان آهن ته عالمي طور تي چيني ۾

عــالمي اســٽاڪ مــارڪيٽن کي ڪنهن به قسم جو اســتحڪام جيڪڏهن ملي به ٿو ته اهو عارضي ثابت ٿينـدو. چاڪـاڻ ته ڪـوڙ سارا اهڙا اشارا (Indicators) اهـڙا ملي رهيا آهن جن مطـابق هن سال جا پويان چار مهينا سموري سرمائيدار دنيا لاءِ هڪ وڏو چيلنج ثابت ٿي سگهن ٿا.

نظرياتي ادب

نظريي جي سمجهه بابت ڪجهه بنيادي سوال

شفقت قادري



نظــريي تي سڀ کــان اڳ □ جــامع □ مفصل ڪم گيــورگي لوڪاچ جو ٿيل آهي. لوڪاچ شروع □ ليننيِ متي _ جنهن مطـابق نظريو هڪ اٽـڌريو لقـاءَ پڻ ٿي سـگهي ٿـو_ جو واهپو ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ڪندو رهيو پر اولهه يـورپ □ انقلاب جي لڳاتـار ناڪـاميءَ ڪيس نظـريي کي هڪ بنهه نـئين پـيرائي □ سـمجهڻ طرف ڌڪيو. لوڪاچ چيو ته بئين مهاپاري لـڙائيءَ کـانپوءِ انقلابي ٿيوريءَ جو ڪم سماج کي هلائيندڙ ڪيـٽيگرين _هـتي ڪيـٽيگرين مــان مــراد ســماج جو ســمورو ڪــاروهنوار هلائينــدڙ فڪــري، معاشي، ثقافتي، فني ڪيٽيگريون آهن_ جي ازلي □ دائمي هئڻ

جي ڪــوڙ ڪي تبــاهه ڪرڻو آهي. لوڪــاچ مــارڪس جي مــتي (ڪموڊٽي فيٽشزم يا جنس پوڄا) ڪي هڪ نئين معنيٰ ڏينـدي ان ڪي سماج تي ڪلي طور حاوي بنيادي ترين ڪيٽيگـيري ڪوٺيو ۽ چيو ته ان ڪيٽيگـيريءَ جي سـمجهه وسـيلي سـرمايداريءَ جي نظرياتي معامرن ڪي پرکي ۽ انهن ڪي ختم ڪري سگجهي ٿو.

لوڪـاچ مـاڪس ويـبر جي مـتي رسـمي عقليت (فارمل ريشنلائيزيشن) جنهن مطابق رياست ۽ سماج هڪ لوهي زنجـير ۾ جڪــڙجي وڃن ٿــا، ڪي مــارڪس جي جنسن جي پوڄا واري متي سان ڳنڍيندي چيو ته سـماج جي هڪ حصي تي حـاوي نظر ايندڙ عقليت دراصل واهپي عقليت (انسٽرومينٽل ريشــنلٽي)آهي چاڪـاڻ جو سـموري سـماج جو بنيـاد مـارڪيٽ جي غـير عقلي پيداوار ۽ ان مان ڦٽندڙ انارڪيءَ تي بيٺل آهي.

ٻـئي طــرف ســماجوادي سياسي تحريڪــون (ٻـئين ۽ ٽين انٽرنيشنل) سياسي حوالي ڪان ان سوچ ۾ سياست طــرف وڌي رهيون هيون ته ڪين رياست ڪي پنهنجي هٿ ۾ ڪرڻو پونــدو، ان ڪري سياسي حوالي ڪان به حڪمران نظريي سان جهيڙڻ هڪ اهم سوال ٿي اڀريـو. شـروع ۾ ته نظـريي ڪي هڪ اٽـڏريو لقـاءَ ســـــمجهيو ٿي ويو (جنهن جو هڪ اهم ســــبب اهو پڻ هو ته مـارڪس ۽ اينگلز جي ڪتـاب (جـرمن آئيـڊيالوجي) جو مڪمل متن 1932ع تائين سامهون نه آيو هو). ان ڪـري انتونيو ليـبرولا ڪان وينـدي ميهرنـگ، ڪائوتسـڪي ۽ پليخـانوف تـائين جا اڳـواڻ نظـريي لاءِ يا ته اٽـڏريو لقـاءَ يا وري انقلابي نظـريي جهـڙا لفظ استعمال ڪندا رهيا.

لينن مـــارڪس جي ڪتـــابڙي ’معاشي ۽ فيلســـوفياٽيوڻ لڪـٽيون‘ (ايڪنـامڪ ۽ فلاسـفڪ مينو اسـڪرپٽس) منجهـان اها سـوچ اخذ ڪـري ٿو ته معاشي رشـتا سـماج جو بنيـاد ٿـاهين ٿا جـــڏهن ته ســـماج تي حـــاوي نظريا انهن معاشي رشـــتن جو آئيڊيالوجيڪل يا فڪري اظهار هونـدا آهن. لينن (سـندس ڪتـاب ڇا ڪـرڻو آهي؟ ۾) ڪائوتسـڪيءَ ڪـان پڻ اها شـيءَ سـکي ٿو ته پورهيت طبقو پاڻهرتو رڳو ٽريڊ يونينسٽ، ٻيجاري جهڙو طبقــاتي شعور جوڙي سگهي ٿـو. سو پـورهيت طبقي ڪي ڪا ٻـاهرين ڌر ئي انقلابي شــعور ڏئي ســگهي ٿي. لينن لکي ٿو ’ جي اســان

پورهيتن جي پنهنجي تحرڪ منجهان حاصل ٿيل هڪ آزاد نظـريي جي ڳالهه ڪريون ته پوءِ صرف هڪ ئي سوال سـامهون اچي ٿو سگهي ته ڪهـڙو نظريـو؟ بورجـوا نظريو يا سوشلسٽ نظريـو؟ انهن ٻنهي چيزن جي وچ ۾ ڪو به وچون دڳ ناهي‘.

لينن جي ڪيل اها (يا ته بورجوا نظريو، يا ته انقلابي نظريو) ورڇ درست ناهي ڇاڪاڻ ته بورجوا يا سرمايدار نظريو سـماجي نظـــــام ۾ پيوست آهي، جـــــڏهن ته ســــــماجواد هڪ سياسي پــراجيڪٽ، پروگــرام آهي). جي اســان ســمجهون ٿا ته نظريو مادي حالتن جي پيداوار آهي ته پوءِ سماجواد نظريو ڪــيئن ٿيــو؟ لينن اها سوچ ان ڪري پـئي رکي جو هن نظـريي کي حڪمـران ڌر طرفــان عــوام کي دوکي ۾ رکڻ جو هڪ اوزار يا ذريعو پــئي سمجهيو. اهڙيءَ ريت لينن مذهب کي پڻ فيورباخ ڪـان اڳ واري انداز ۾ سمجهندي ، ’پادرين جو هٽ ناٽ‘ (عوام لاءِ آفيم نه ڪي مارڪس وانگر عوام جو آفيم) قرار ڏنو. لينن جي نظـريي بـابت سـمجهه کي ڪلاس_رڊڪشـنزم ۽ ايڊيوڪيشـنلزم جي حــوالي سـان سـمجهي سـگهجي ٿـو، ڇاڪـاڻ ته لينن نظـريي کي هڪ طبقي پاران ٻئي طبقي کي ڪنـٽرول ڪــرڻ جو اوزار سـمجهيو، لينن ان اهم نڪــتي کي نظرانــداز ڪــري ڇــڏيو ته نظريو خــود حڪمران طبقي تي ڪهڙا اثر ڇـڏي ٿو (آقا جي آقـائيت غلام کي غلام ته رکي ئي ٿي پر اها آقـــائيت خـــود آقا کي ڪـــيئن آقا پڻ ڪري ٿي رکي. جدليات جو بنيادي اصـول آهي ته شـيون پنهنجن تضادن سان ئي سڃاڻنديون آهن).

ايڊيوڪيشنلزم يا تعليمڪاري مـان مـراد اها آهي ته انقلابين جي هڪ منظم کيپ پــــورهيت طبقي کي بورجـــــوا طبقي جي سازشي نظــريي کين ڌار ڪــري کين ســماجوادي نظــريي جي تعليم ڏئي. اسان ان متي جي حدبندي مٿي ٻڌائي آيا آهيون.

لوڪـــاچ ڏانهن واپس ورنـــدي اهو ٻـــڌائڻ ضـــروري آهي ته لوڪاچ به لينن وانگر ڪٽي ڪٽي نظريي کي اٽـڌريو لقـاءَ ڪــري پيش ڪنـــــدو رهيو پر نظـــــريي بـــــابت ســـــندس بنيـــــادي متو ’آئيـــڊيالوجيڪل فينامينا آف ريئفڪيشـــنـ‘ آهي. ريئفڪيشن جو مطلب نفسـيات جي علم مطـابق آهي ڪنهن شـيءَ يا لقـاءَ کي فڪــري، ذهـني هئڻ جي بــاوجود ان شـيءَ يا لقـاءَ کي زمـان ۾

مڪان ۾ حقيقي وجود رکندڙ ڪا شيءَ سمجهڻ. فلسفي ۾ ان جي معنيٰ اها بيهندي ته ڪنهن تجريدي (ائبسٽريڪٽ) شيءَ کي ٺوس وجود طور قبول ڪرڻ. ريئفڪيشن ڪانڪريٽ ازم به چئي سگهجي ٿو جنهن جو مطلب اهو آهي ته ڪا شيءَ يا لقاءَ جيڪو ٺوس (ڪانڪريٽ) ناهي پر پوءَ به ان کي ٺوس يا زماني مڪاني وجود طور قبولڻ.

لوڪاچ جو نڪتو اهو آهي ته نظريو ڪا ٺوس شيءَ يا لقاءَ ناهي تڏهن به زمان ۽ مڪان ۾ وسندڙ ماڻهو نظريي کي ٺوس وجود طور تسليم ڪندي ان جي ئي آڌار تي پنهنجي عملي حياتيءَ جا سڀئي معامرا طي ڪن ٿا. لوڪاچ جي ان متي ۾ ايڪانمزم (نظريا، سوچون معاشي حالتن جو عڪس ٿينديون آهن، نظريي جو پنهنجو ڪو الڳ وجود ناهي. جهڙي سماجي حالت تهڙو نظريو) ۾ گهٽو فرق ان ڪري به ناهي ته لوڪاچ نظريي کي تجريدي وجود ته سمجهي ٿو پر ان جي ٺوس هئڻ کان انڪار ڪندي چوي ٿو ته نظريو بنيادي طور ريئفائيڊ ڪانشسنيس يا اهڙو شعور آهي، جنهن جو بنياد ته هڪ تجريد آهي پر اهڙو شعور رکندڙ ماڻهو ان کي ٺوس ڪري وٺي ٿو. اها ڳالهه ايتري حد تائين ته درست آهي پر هڪ تجريد ٺوس ڪيئن ٿئي ٿي؟ ماڻهو هڪ تجريد کي ٺوس سمجهن ٿا يا جنهن شيءَ کي اسان ٺوس چئون ٿا اها پاڻ تجريد آهي؟



نظريي تي هڪ ٻيو اهم ڪم اٽلي جي مشهور اڳواڻ ۽ مفڪر انتونيو گرامچيءَ جو ڪيل آهي. گراچي مطابق نظريي بابت ٿيندڙ بحثن کي عدالتي ڪيس وانگر نه سمجهيو وڃي جنهن ۾ هڪڙو فريادي آهي ته ٻيو جوابدار، پر اهڙن بحثن کي ان انداز ۾ ڪٽبو جو ان ۾ پنهنجي مخالف جي نڪته نظر جي سمجهه لاءِ به جاءِ هجي. ان طريقه ڪار کي گرامچي سائنسي طريقه ڪار چوي ٿو. گرامچي

مطابق اهو سائنسي طريقه ڪار تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان پاڻ کي ’نظرين جي قيدخانن کان آجو‘ ڪرائي چڪا هجون. گرامچي نظريي جي اصلي وصف (ائناليٽيڪل سائنس آف آئيڊياز يا سوچن جي تجزياتي سائنس جنهن وسيلي سوچن کي انهن جي حسياتي بنيادن تائين جو تجزيو ڪجي ته پتو پوي ته ڪا سوچ دراصل ڪهڙن حسياتي تجربن جي بنياد تي پيدا ٿي) ڏانهن واپس ورندي سنگمنڊ فرائيڊ کي آخري آئيڊيالوگ يا نظرياداڻ قرار ڏئي ٿو (ان جو سبب اهو هو جو سگمنڊ فرائيڊ انساني نفسيات ۾ عملن کي انسان جي حسياتي تجربن پٺاندر سمجايو).

ٻي اهم ڳالهه جيڪا اسان کي گرامچيءَ مان ملي ٿي سا اها آهي ته گرامچي نظريي ۾ معروضي سچ (آبجيڪٽو ٽرٿ) جي نفاق کي ٿڏيندي چيو ته جنهن شيءَ کي معروضي سچ چيو ٿو وڃي اها پڻ دنيا جي هڪ مخصوص سمجهه آهي ۾ ان معنيٰ ۾ اها به آئيڊيالوجي ئي آهي. سائنس پاڻ هڪ تاريخي ڪيٽيگري آهي ۾ جي سائنسي سچ تبديل ٿيڻ جوڳا نه هجن ها ته پوءِ سائنس جو ڪو وجود ئي نه هجي ها. پر سائنس ۾ نظريي ۾ فرق آهي جنهن کي گرامچيءَ واضع ڪندي چوي ٿو ته سائنس هڪ طريقه ڪار يا ميٿڊ آهي (ميٿڊ يا طريقي ڪار ۾ نتيجن ۾ فرق ائين سمجهي سگهجي ٿو ته سرمايداري دور ۾ ئي سائنس جي اوسر ٿي ۾ سرمايدارن سائنسي اوسر مان پنهنجي مفاد وارا نتيجا پڻ ورتا آهن. انقلابي تحريڪون سرمايدارن پاران سائنس مان ورتل انهن نتيجن کي ٿڏيندي به سائنس جي ميٿڊ يا طريقه ڪار کي نٿيون ٿڏين ڇاڪاڻ ته نتيجا ته ڪنهن گروهه جي مفاد ۾ ٿي سگهن ٿا پر طريقه ڪار يا ميٿڊ نه).

آئيڊيالوجي جو لفظ گرامچيءَ مختلف معنائن ۾ استعمال ڪيو آهي جن مان ڪي نهايت اهم آهن. جهڙوڪ ’الوڪوبريشن آف انڊوڊئل‘ (لاطيني زبان جي لفظ الوڪوبريشن جو مطلب آهي ڏيئي جي روشنيءَ ۾ ڪا شيءَ لکڻ، اهڙي طرح نظريو اها روشني آهي جنهن جي موجودگي ۾، جنهن وسيلي هڪ فرد سماج اندر ڪو ڪم سرانجام ڏئي ٿو).

نظريي جي ٻن قسمن ۾ فرق ڪندي گرامچي لکي ٿو ته

هڪ قسم جو نظريو آهي جيڪو ماڻهن کي ڳنڍي رکي ٿو، ان کي آرگينڪ يا عضوياتي نظريو چئجي ٿو. جڏهن ته ٻيو قسم ارمانن ۽ احساسن خواهشن ۽ خوابن تي آڌاريل ٿيندو آهي. ٽيون قسم، جو نظريو سماج ۽ ماڻهن جي لاءِ اها زمين يا ميدان آهي جنهن تي هو پنهنجو سماجي ڪردار ادا ڪن ٿا جڏهن ته ٻئي قسم جو نظريو رڳو سياسي مناظرن کي ئي جنم ڏئي سگهي ٿو.

اسان ڏسي سگهون ٿا ته گرامچي نظريي لاءِ ڪي قدر هڪاري رويو رکي ٿو جو سندس چوڻ آهي ته جڏهن ڪو فلسفو دانشورن جي قيد مان آزاد ٿي ماڻهن جو ٿئي ٿو ته اهو فلسفو نظريو ٿي پوي ٿو. گرامچيءَ جي ان ڳالهه تي مارڪس جو اثر واضع پسي سگهجي ٿو (مارڪس چواڻي ته ڪو متو تڏهن مادي قوت ٿيندو آهي جڏهن ماڻهو ان کي قبول ڪندا آهن).

گرامچي رياست بابت واضع ڪندي لکي ٿو ته رياست جا ٻه بنياد ٿين ٿا هڪڙو رياست جو پرتشدد بنياد يا پوليٽيڪل سوسائٽي (فوج، پوليس، جيل، عدالتون وغيره) ۽ ٻيو سول سوسائٽي (رياست جو نظرياتي روپ جنهن ۾ تعليم، پريس، مذهب جهڙا ادارا اچي وڃن ٿا). جڏهن رياست کي ان جي نظرياتي ادارن جي شڪست واضع نظر ايندي آهي ته پوءِ رياست پنهنجي پرتشدد ادارن کي اڳيان ڪندي آهي. رياست جي انهن ٻنهي بنيادن جو پاڻ ۾ گهرو ناتو آهي ۽ اهي سماج جن ۾ رياست جا نظرياتي بنيان مظبوط هوندا آهن ته اتي انقلابي تحريڪون رياست جي نظرياتي بنيادن تي وار ڪرڻ سان ئي پنهنجو انقلابي ڪم شروع ڪنديون آهن ته جيئن رياست کان حڪمراني ڪرڻ جو اخلاقي جواز ڦري سگهجي. ٻئين مرحلي ۾ (يا لڳو لڳ) انقلابي قوتون رياست جي



پرتشدد بنياد سان مهاڏو اتڪائينـديون آهن. اهـڙي رياست جيڪا حڪمــرانيءَ جو اخلاقي جــواز وڃــائي چڪي هجي تنهن رياست جي پرتشدد بنياد کي ختم ڪرڻ سولو هوندو آهي.

گــرامچيءَ جي مــٿين ڳالهه انتهــائي اهم آهي پر ان جي به هڪ حدبندي آهي. ٽئين دنيا ۾ موجود سڌيون يا اڻسڌيون فــوجي آمريتــون اهــڙين رياســتن جو مثــال آهن جيڪي گهٽو ٽٽو پنهنجي پرتشدد بنياد جي ڪــري ئي قــائم آهن. اها ڳالهه پڻ درست آهي ته اهڙيون رياسـتون گهڻو وقت جٽـاءُ نـاهن ڪــري سـگهنديون ۽ جي ڪــري به وڃن تــڏهن به اڪــثر انــارڪي کي منهن ڏينــديون رهنديون آهن.

گرامچيءَ جي مٿي جي هڪ ٻي اهم حدبنـدي اها پڻ آهي ته گرامچي نظــريي جي عضــوياتي عمل (آرگنائزنگ فنڪشن يا ٻين لفظن ۾ نظريو ڪــيئن ســماج ۾ موجــود تضــادن کي لــئي مــٿي ڪندي سماج ۾ حڪمرانن جي شعوري عملداري قــائم رکي ٿــو) ۾ دلچسپي ٿي رکي جڏهن ته مارڪس ۽ اينگلز نظــريي جي ڳر کي ماڻهوءَ جي ايلئنيٽڊ سوشلائيزيشن (ويڳاٽي انــداز ۾ ســماجي ٿيڻ جي عمل) طور ڏنو ٿي. (ڇئي سگهجي ٿو ته طبقاتي سماج اندر جنهن انداز ۾ هڪ ماڻهو سـماجي ٿـئي ٿـو، سـماج جو حصو ٿــئي ٿو ان عمل جو بنيـــاد ويڳـــاٽپ آهي، وڌيڪ ســـمجهه لاءِ مـــارڪس جي ويگـــاٽپ جي مـــٿي جو مطـــالعو ڪيو وڃي). گرامچيءَ ڏنو ٿي ته ماڻهو پنهنجي روزمره جي حيـاتي عـام فهم يا ڪــاروهنواري ســمجهه جي بنيــاد تي گــذاري ٿــو(جنهن کي گرامچيءَ سينسو ڪومو يا ڪامن سينس جو نالو ڏنو. اٽليءَ جي سـماج ۾ ان قسم جي سـمجهه جو بنيـاد ڪئٿـولڪ عيسـائيت يا مذهب هو. ان عام فهم يا ڪاروهنواري سمجهه ۾ به تضاد ٿينـــدا آهن ۽ حڪمران نظريو انهن تضادن کي جهـڙيءَ ريت لـئي مـٿي ڪري ٿو، گرامچي ان لـئي مـٿي ڪــرڻ واري عمل کي سـمجهڻ انتهائي اهم قرار ڏنـو. مـاڻهن کي ڪئٿـولڪ عيسـائيت بـابت اهو ٻڌايو ويندو آهي ته سـڀئي عيسـائي برابر آهن. پـوءِ مـاڻهو جـيئن اهو سـوال نه ڪــري، اهو تضــاد نه ڏسي سـگهي ته اها برابــري سـماج انـدر ته نـاهي، پـوءِ اها برابــري ڪــٿي ٿي وســي؟ ان لاءِ برابريءَ واري جملي ڪـانپوءِ اهو پڻ سـمجهايو وينـدو آهي ته اها

برابــري خــدا جي نظر ۾ ٿي وســي، خــدا جي نظر ۾ سڀ برابر آهن. وري ســماجي اڻــبرابريءَ کي جــائز قــرار ڏيڻ لاءِ اهو چيو ويندو آهي ته اهو خدا جنهن جي نظر ۾ سڀ برابر آهن، ان خــدا ئي ســماج ائين نــاهيو. عــام فهم يا ڪــاروهنواري ســمجهه ان سموري ڪٿا ۾ بنيادي تضادن کي وائکو ڪري پــرکڻ ڪــان عــاري ٿــئي ٿي، اها ئي عــام فهم، ڪــاروهنواري ســمجهه جي نشــاني آهي). گـــرامچيءَ ان عـــام فهم، ڪـــاروهنواري ســـمجهه کي آئيڊيالوجي ناهي ڪوٺيو پر حڪمران طبقي پــاران ان عــام فهم، ڪاروهنواري سمجهه ۾ موجود تضادن کي لئي مٿي ڪندڙ سوچ، فڪر، فن، عمل کي آئيڊيالوجيڪل ڪــوٺي ٿــو. ان جي بــرعڪس گــرامچيءَ فلاســافي آف پــريڪٽس (عمليت يا طريقه ڪــار جو فلسفو) جو مٿو پڻ پيش ڪيو. ماڻهن جي شعور تي ڪم ڪـــرڻ، شــعوري تبــديليءَ لاءِ تحــرڪ پيــدا ڪــرڻ جو مطلب اهو آهي ته ماڻهن جي عام فهم، ڪاروهنواري سمجهه کي لــئي مــٿي ڪنــدڙ حڪمــران نظــريي جي بر خلاف عمل ۾ ٿيــوري، مــٿي جي هڪ اهڙي هيڪــڙائي پيــدا ڪجي، جنهن جي نــتيجي ۾ مــاڻهن پنهنجي عام فهم، ڪارونهواري سمجهه ۾ موجود تضــادن کي حڪمــرانن هٿــان يرغمــال ٿيڻ نه ڏين ۾ ســندن عــام فهم، ڪــاروهنواري سمجهه حڪمران نظريي کي ان جي ايليمنٽس يا جــزن ۾ ٽــوڙي (تجزيو ڪري) ڏسي سگهن. (مثــال طــور،حڪمــرانن پــاران خــدا جي نظر ۾ سيني جي برابــريءَ جي پرچــار ۾ ســماجي برابــريءَ جي خلاف هر محاذ تي، هر طرح سان وڙهڻ مان حڪمــرانن جو اصل مقصد ڇا آهي). حڪمــران پرچــار ڪنــدا آهن ته خــدا جي نظر ۾ برابــري اولين، ســماجي برابــري ثــانوي آهي. عمليت يا طريقه ڪـــار جي فلســـفي جي ڪـــري ثـــانوي اولين ٿيو وڃي. ليڪلائو مطــابق اهو عمل هڪ انــٽرپٽو ڊســڪورس (رنڊڪائينــدڙ بيـــانيو) آهي جيڪو حڪمـــران پـــاران مـــاڻهن جي عـــام فهم، ڪاروهنواري سمجهه ۾ موجود تضادن کي لئي مٿي ڪــرڻ واري عمل (نظريي) ۾ رنڊڪ وجهي ٿو.

پنهنجي هيل تـــائين جي ڪيل بحث جي نـــتيجي ۾ اســـان ســمجهي ســگهون ٿا ته گــرامچيءَ مطــابق نظريو ڇا آهي (يــاد رکجي ته گـــرامچيءَ وٽ نظريو گهڻ معنــائون لفظ آهي). اڳين

بحث □ مارڪسـزم جي هڪ انتهـائي اهم فڪـري لاڙي فرينڪفرٽ اسڪول □ فرانس جي مشهور فيلسوف لوئي الٿوزر جي نظريي بابت ڪيل ڪم تي ڳالهه ٻولهه ڪبي.

پاڪستان اندر ڪاپي ڌر جي شاگرد سياست

دانش احمداڻي



چوندا آهن ته انسان کي غلطي ڪرڻ جي عمل کان ايترو نه ڪيٻائڻ گهرجي چو ته غلطيون اسان جي سکڻ جو هڪ سٺو ذريعو هونديون آهن. پر سياسي غلطيون سماج □ قوم جي تاريخ تي تمام گهٽا اثر ڇڏينديون آهن. جي ايم سيد جو 1943 □ پاڪستان جي حق □ سنڌ اسيمبلي مان قرارداد منظور ڪرائڻ به هڪ اهڙي غلطي هئي جنهن نه صرف سنڌ پر هن پوري خطي جي اوسر کي هڪڙا خاص طرف ڏئي ڇڏيا.

پاڪستان جي تخليق پاڻ سان گڏ انيڪ مسئلا ساڻ ڪري آئي. انهن جو هڪ پاسي هن خطي جو عالمي سامراج جي مفادن سان تعلق هو ته ٻي پاسي سندن تعلق تنگ نظر رجعتي حڪمرانن سان هو. نتيجو غلطين مان غلطيون هيون. جنهن □ هڪ قومي رياست جي نظرئي جو پرچار ڪرڻ □ رياست اندر رهندڙ هزارها سال پراڻين قومن جي وجود جو انڪار ڪرڻ، اردو کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ، ون يونٽ جو قيام، آئين جو دير سان ٺهڻ، بدترين آمريتون وغيره اهم آهن.

اهڙي ريت جتي سماج جو هر دائرو مسئلن جي ور چڙهيل هو اتي شاگردن لاءِ به مسئلن جي ڪا کوٽ نه هئي. 1950ع ڌاري ملڪ جي گادي واري هنڌ ڪراچي □ فقط هڪ سائنس، ڪامرس، ميڊيڪل □ لا ڪاليج ميسر هئا. ڪراچي يونيورسٽي کي به پنهنجي ڌار بلڊنگ نه هئي □ ڪراچي سول اسپتال جي ويجهو هڪ گرلز مڊل اسڪول اندر انجا ڪلاس هلايا ويندا هئا.

پاڪستان ٺهڻ وقت فقط هڪ شاگرد تنظيم مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن (MSF) موجود هئي جيڪا مسلم ليگ جي هٿ هيٺ ڪم ڪري رهي هئي. پاڪستان ٺهڻ بعد ملڪ جي ڪاروهنوار ۾ فوج جي مرڪزي ڪردار ۽ سياسي جماعتن بالخصوص مسلم ليگ جي ڪمزور هئڻ ۽ ڌڙن اندر ورهائجڻ ڪري اسٽوڊنٽ ونگ (MSF) به مختلف ڌڙن ۾ تقسيم ٿي وئي ۽ شاگردن لاءِ ڪو ڳاٽيتي جوڳو ڪم نه ڪري سگهي. نتيجي طور شاگردن جي پريشانين کي حل ڪرڻ خاطر ڪجهه سنجيده شاگرد اڳيان وڌيا.

DSF جي ڪهاڻي

1950ع ڌاري ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي جي ڪجهه شاگردن ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (DSF) جي پيڙهه جو پٿر وڌو. جنهن ۾ محمد سرور صدر ۽ هاشمي کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. ڊي ايس ايف اندر ڪم ڪندڙ پين شاگردن ۾ ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي، مظهر سعيد، ڊاڪٽر خورشيد ۽ پيا اڇي وڃن ٿا. جلد ئي ڊي ايس ايف ڪراچي اندر پنهنجو تنظيمي پير ڄمايو ۽ 1951ع ڌاري لاهور ۽ راولپنڊي جي ڪاليجن ۾ پنهنجي موجودگي جو احساس ڏياريو. هڪ مضبوط تنظيمي جوڙجڪ ڪانپوءِ ڊي ايس ايف Charter of Demand جوڙيو جيڪو ڪجهه هن ريت هئو.

1. فيُن ۾ گهٽتائي.
2. هاسٽلن جي فراهمي.
3. لائبريرن جو قيام.
4. ليبارٽرين جو قيام.
5. روزگار جي ضمانت.

مطالبن جي لسٽ جي ٺهي راس ٿيڻ کان پوءِ ڊي ايس ايف جي قيادت حڪومت سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. فضل الرحمان جيڪو ان وقت تعليمي وزير هيو ان شاگردن سان ملاقات ڪرڻ کان انڪار ڪيو. گهڻو وقت حڪومت جي راهه تڪڻ ڪانپوءِ نيٺ 7 جنوري 1953ع ڊي ايس ايف Demand day ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. شاگردن کي ڊي جي سائنس ڪاليج کان ٻاهر نڪرڻ کان روڪڻ لاءِ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو. هزارين شاگردن جا ڪٽڪ ڊي جي سائنس ڪاليج پڄي ويا. پوليس

شاگردن جي ان پرامن ميڙ کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ لاٺي چارج ۽ شيلنگ ڪئي. جلوس چڙوچڙ ته ٿي ويو پر ڪجهه شاگردن مختلف ۾ متبادل رستا وٺي وزير تعليم فضل الرحمان جي گهر پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. سرور ۽ ٻيا ليڊر گرفتار ڪيا ويا پر فضل الرحمان جي گهر ٻاهران ڌرڻو هڻي ويٺل شاگردن جي پرزور مظاهري تي مجبورن ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ کي گرفتار شاگردن کي آزاد ڪرڻو پيو. محمد سرور آزاد ٿيندي ئي ٻئي ڏينهن يعني 8 جنوري تي پوليس ايڪشن خلاف جلوس ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو. هي شهر ۾ پهريون واقعو هيو جو پوليس شهرين تي سڌيون گوليون هلايون جنهن ۾ اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن ڪانسواءِ عام شهري به شامل هئا. ان واقعي هن جدوجهد کي ملڪ گير ڪري ڇڏيو. پوري پاڪستان جي تعليمي ادارن ۾ مظاهرا ڪيا ويا. 7 جنوري جي لاٺي چارج دوران به شاگرد ڪراچي ڪان خيبرميل وٺي سکر پهتا ۽ اينڊڙ ڏينهن سکر جي شاگردن نه صرف اسڪول پر پورو سکر شهر بند ڪرايو. اهو سکر جيڪو ان وقت مسلم ليگ جو ڳڙهه هيو. حڪومت کي صورتحال هٿ مان نڪرندي محسوس ٿي ۽ آخرڪار وزيراعظم خواجه ناظم الدين خود ڊي ا يس ايف سان ملاقات جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ ان ملاقات ۾ شاگردن جون سموريون گهرجون منظور ڪيون ويون. اها ڊي ايس ايف ۽ شاگرد سياست جي پهرين ڪاميابي هئي.

ان بعد هڪ انوکو واقعو پيش آيو ته نشتر ميڊيڪل ڪاليج ملتان طرفان ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال کي هاسٽل افتتاح ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي جنهن تي پرنسپال اسٽوڊنٽ يونين جي صدر سرور کي موڪليو. اهڙو واقعو نه پهرين ڪڏهن ٿيو ۽ نه ئي بعد ۾ ته شاگردن کنهن هاسٽل جو افتتاح ڪيو هجي. ملتان ڪانپوءِ شاگردن جو هي جٿو فيصل آباد مان لاهور، راولپنڊي ۽ پشاور به ويو ۽ ڪجهه مهينا چندو گڏ ڪري ڍاڪا ۽ چٽاگانگ به ويو. ان ئي سال جي آخر ۾ آل پاڪستان اسٽوڊنٽس ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن ۾ پوري ملڪ مان 140 نمائندن شرڪت ڪئي يعني 70 ڪاليجن جا صدر ۽ جنرل سيڪريٽري شريڪ ٿيا. ڪنوينشن جي اختتام تي مڙني ڊي ايس ايف ڪميٽين کي آل پاڪستان اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (APSO)

۾ ضم ڪيو ويو.

شاگرد جدوجهد جي فقط هي مـنزل نه هـئي. پر ان ڪـانپوءِ ڊي ايس ايف جي پليٽ فارم تان ثقافتي پروگرام، مشاعرا، ٿيٽر ۽ ادبي ڪتـابي ميلا به منعقد ڪيا ويـا. بعد ۾ ڊي ايس ايف هڪ شاگرد ميگزين ’اسٽوڊنٽ هيرالڊ‘ جي نالي سان ڪڍڻ لڳي. ڊي ايس ايف هـاٽي پاڪسـتان جي اولهه ڏانهن جهڪـاءُ ۽ سـوويٽ مخـالفت تي کلي عـام تنقيد ڪـرڻ لڳي. انهن مطـالبو ڪيو ته پاڪســتان کي آزاد پـرڏيهي پاليسي اپنــائڻ گهــرجي. ان ۾ ڪا تعجب جي ڳالهه ناهي ته 1954ع ڌاري پاڪستان بغـداد پيڪٽ (cento) آمريڪا سـان صـحيح ڪيو جنهن ڪـري پاڪسـتان کي فوجي امداد ملي ۽ حڪومت ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪسـتان (CPP) تي پابندي لاڳو ڪئي ۽ گڏوگڏ ڊي ايس ايف تي پڻ پابندي مڙهي وئي جيڪا CPP جي شاگرد ونگ سمجهي پئي وئي.

NSF جي ڪٿا:

ڊي ايس ايف جيڪو سياسي شعور ۾ سمجهه پڪـيڙي ان کي ڪا وقـتي پابنـدي پنجو نـٿي ڏيـئي سـگهي. DSF جي جڳهه NSF پنهنجو پير ڄمائڻ ۾ ڪامياب وئي. اين ايس ايف جي تخليق پويان هڪ تمـام دلچسپ ڪهـاڻي آهي ته اين ايس ايف سـاڄي ڌُر جي شاگرد تنظيم طور، ڊي ايس ايف جي مخالفت ۾ لاٿي وئي هـئي. پر رياست جي اکين ۾ مٽي وجهنـدي ڊي ايس ايف جا ميمـبر اين ايس ايف ۾ شموليت ڪري، ۽ جلد ئي پنهنجي تنظيمي صـلاحيتن ڪــري اين ايس ايف جي نظريــاتي جــوڙجڪ تي قبضو ڪــرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ 1956ع ۾ اين ايس ايف ڪـابي ڌر جي مصـري صــدر جمــال عبدالناصر جي حق ۾ ريلي ڪــڍي ۽ اســرائيل ۽ برطانيه مخالف نعرا لڳايا. هن نئين تنظيم جي اسرندڙ شاگردن ۾ فتح ياب علي خان، معـراج محمد خـان، سـيد سـعيد حسـن، علي مختيار رضوي ۽ ٻيا شامل آهن.

1957ع ڌاري اين ايس ايف ڪراچي، لاهور ۽ راولپنڊي جي اسٽوڊنٽ يونين جي چونـڊن ۾ واضح برتـري حاصل ڪـئي ۽ ڊي ايس ايف جي پابنــدي بعد وڃايل مــاڳ واپس وٺڻ ۾ ڪاميــاب وئي، پر جلد ئي اين ايس ايف جي ان اڀرندڙ مزاحمت تي ايـوب

خــان جي 1956ع واري پهــرين مارشل لا وار ڪيــو. ملڪ جي مزني يونين □ سياسي جماعتن تي پابنـدي مـڙهي وئي. 1960ع □ مارشل لائي حڪومت شاگرد يونين تان پابندي هٽائي. 60 جي ڏهاڪي جي شروع ٿينـدي ئي اسـلامي جميعت طلبه (IJT) جيڪا جمـاعت اسـلامي جي شـاگرد ونگ هـئي، جي ذريعي سـاڄي ڌر جي شاگرد سياست جو ڪئمپس □ پير پيو. جيتـوڻيڪ IJT گـذريل ڏهـاڪي ڪن ڪـان پنهنجو غلبو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش ڪـري رهي هـئي پر اين ايس ايف ان راهه □ سڀ ڪـان وڏي رڪــاوٽ پــئي ثــابت ٿي. اين ايس ايف جي مجمــوعي قيــادت ســوويت مارڪسست ســوچ رکنــدڙ هــئي پر 1962ع جي چائنــا- روس جهڳڙي ڪري اين ايس ايف اندر هڪ ٻيو چائنا حامي ڌڙو ظــاهر ٿيـــو. هڪ ڌڙو اين ايس ايف معـــراج گـــروپ هو جيڪو 1967 ڪــــانپوءِ پي پي پي جي حمــــايت □ سياست ڪــــرڻ لڳو □ ٻيو ڪاظمي گـروپ هيو جيڪو NAP جو حمـايتي ٿيـو. اين ايس ايف جي هنن ڌڙن جي باهمي اختلاف IJT جي وڌڻ ويجهڻ □ سولائي پيدا ڪئي. 1965 واري صدارتي چونـڊن □ اين ايس ايف معـراج گـروپ ايـوب خـان جي حمـايت ڪـئي جـڏهن ته مسـلم ليـگ، جمـاعت اسـلامي، NAP □ ڪـاظمي گـروپ فاطمه جنـاح جي حمايت □ ميدان □ لٿا.

1967ع □ هڪ مضبوط پورهيت انقلابي مهم جي شـروعات ٿي جنهن ايـوب آمـريت جي تـڏا ويڙهه ڪـئي. هن جدوجهد جي شــروعات کنڊ جي قيمت □ اضــافي خلاف مظــاهرا ڪــرڻ جي صورت □ ٿي جيڪا ڏسـندي ڏسـندي پـوري ملڪ □ ڦهلجي وئي. مـزدورن فيڪـٽرين □ ملن جو بائيڪـاٽ ڪيـو. هڙتـال ڪميـٽيون ٺاهيون ويون جن شـهر بند ڪـري ڇـڏيا. فيصل آبـاد جي ضـلعي انتظاميا ڪي ضـلعي انـدر سـامان جي رسد لاءِ مـزدور ليـڊر رانا مختيار کان اجازت وٺڻي ٿي پئي. هي سڄو مـاحول ائين اچـانڪ ڪونه ٿيوهو. هي غصو، ڪِروڌ، چِڙ □ جوش صـدا هـئي ان پـيڙا جي جا هن ملڪ جي غـريب عــوام هيل تـائين سَـني هـئي. اين ايس ايف ان مهم □ مزدورن □ هارين جو ڀرپور ساٿ ڏنو.

هڪ بين الاقــوامي اداري جي خـــبر مطـــابق 66 ســيڪٽرو صنعتي، 86 سيڪـٽرو بينڪنگ □ 97 سيڪـٽرو انشورنس بزنس جو

سرمايو 22 ”خاندانن“ جي هٿ ۾ هيو. هي ئي وقت هيو جڏهن لوهه گرم هيو ۽ ڀٽي جو هٿوڙو ڏک هڻڻ ۾ ڪامياب ويو. ڀٽو هي سچو ماحول هائيجيڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو. 1967 ۾ پي پي پي جو وجود پيو جيڪا نج سوشلسٽ نعرا هڻي ميدان ۾ لٿي جنهن جو منشور هڪ ڪميونسٽ ليڊر جلال الدين عبدالرحيم لکيو. ڀٽو ڪاٻي ڌر ۾ مقبول ٿيو ۽ اين ايس ايف معراج گروپ خاص طور پي پي پي جي شاگرد ونگ طور ڪم ڪرڻ لڳي.

شاگرد سياست جو سنهري دؤر:

70 جو ڏهاڪو شاگرد سياست جو سنهري دؤر ڪوٺي سگهجي ٿو. ان دؤر ۾ ئي حڪومت شاگرد سياست جي همت افزائي ڪرڻ لڳي. 1974ع ۾ اسٽوڊنٽ يونين آرڊيننس منظور ڪيو ويو. پر اهو به نه وسارڻ گهرجي ته 70 جي ڏهاڪي ۾ ئي IJT هڪ طاقتور قوت طور اڀري. IJT تعليمي ادارن اندر اسٽڊي سرڪلس هلائڻ شروع ڪيا جن ۾ جماعت اسلامي جو باني مودودي پاڻ ليڪچر ڏيڻ ايندو هو. اين ايس ايف هڪ ڀيرو ٻيهر 1972 جي چونڊن ۾ ڪراچي جي مڙني ڪاليجن ۾ ڪاميابي ماڻي پر ان لاءِ کين ڪاٻي ڌر جي نيشنلسٽ تنظيم بلوچ اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن (BSO) سان اتحاد ڪرڻو پيو. پر پنجاب يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي ۾ IJT ڪاميابي ماڻي.

شاگرد سياست جي هن سنهري دؤر ۾ ئي، رياستي سطح تي ڪجهه اهڙا عوام دشمن قدم کنيا ويا جن جا اثر اڄ سوڌي محسوس ٿي رهيا آهن.

1972ع ۾ ڪراچي سائيٽ ايريا لانڍي ۾ مزدورن ۽ شاگردن جي مظاهري تي گوليون هلايون ويون. جنهن ۾ ڪيترائي شاگرد ۽ مزدور شهيد ٿيا. ان واقعي کانپوءِ ۾ 1973ع ۾ بلوچستان ۾ آپريشن شروع ڪيو ويو جنهن خلاف احتجاج ۾ اين ايس ايف پنهنجا رستا پي پي پي کان ڌار ڪيا. ذوالفقار ڀُٽي پنهنجو اصلي روپ ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سوشلسٽ منشور ۾ ڪاٻي ڌر جي سياست جو چوغو لاهي، وڏيري ۽ سرمائيدار جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. مذهبي تنظيمن جي زور تي 1974 ۾ احمدين کي غير مسلم قرار ڏنو ويو. جلد ئي ڀٽي جي حڪومت جي پاڪستان نيشنل الائنس PNA جي هٿان تڏا ويڙهه ٿي ۾

ضياالحق هڪ آمر طور ظاهر ٿيو. ضيائي حڪومت دوران نه صرف پي پي پي ۾ ان جي شاگرد ونگ پي ايس ايف جيڪا 1972 ۾ وجود ۾ آئي، پر سموري ڪاپي ڏر جي جماعتن ۾ شاگرد تنظيمن کي ضيائي جبر ۾ ڏاڍ کي منهن ڏيڻو پيو. نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي صدر نذير عباسي پنهنجي ساٿين سهيل سانگي، بدر ابڙو، ڪمال وصي، شبير شر، امر لال ۽ پروفيسر جمال نقوي سميت ڪنپيو ويو جنهن ڪانپوءِ نذير عباسي کي فوجي تحويل ۾ شهيد ڪيو ويو. ضيائي دؤر ۾ توڙي جو ڪاپي ڏر مٿان جبر، تشدد ۽ ڏاڍ جا قهر ٽٽي پيا پر ان باوجود به1983 جي اسٽوڊنٽ يونين جي چونڊن ۾ اين ايس ايف کي ڀرپور موٽ ملي ۽ حڪومتي جماعت IJT کي سخت شڪت جو منهن ڏسڻو پيو ۽ شايد ان ئي سبب ڪري 1984 ۾ شاگرد يونين تي پابندي مڙهي وئي پر اها پابندي فقط ڪاپي ڏر جي تنظيمن لاءِ هئي، IJT هڪ ساڄي ڏر جي حڪومتي تنظيم جي حيثيت ۾ بعد ۾ به تعليمي ادارن اندر پنهنجو ڪم جاري رکيو. جيتوڻيڪ اين ايس ايف ڪئمپس ۾ پنهنجو ڪم جاري رکيو اسٽوڊنٽ يونين جون اليڪشنز به ڪرايون پر حڪومت ان کي غير قانوني چئي غير فعال ڪري ڇڏيو. آهستي آهستي ائين ترقي پسند شاگرد سياست ڪمزور ٿيندي وئي ۽ 92 ۾ روس جي ٽٽڻ سان وچي چند گروپن تائين محدود ٿي وئي.

شاگرد سياست اندر هٿيارن جي راند:

ضياءَ پاڪستان کي اسلامائيز ڪرڻ خاطر جماعت اسلامي کي پنهنجي ڪيبنيٽ جو حصو بڻايو ۽ IJT جو بدنامي زمانه (Thundr Squad) جيڪو 1960 ۾ وجود ۾ آيو اهو هاٽي ڪئمپس تي قبضو ڪري ويو. ان Thundr Squad ڪاپي ڏر جي شاگردن کي هيسائڻ ۾ مارڻ شروع ڪيو. اُهي IJT ۾ رياست جا هٿ ٺئي هئا جن تعليمي ادارن اندر جديد هٿيارن جو تعارف ڪرايو. ان طوفاني عملي (Thundr Squad) جا شاگرد 1971 جي اسٽوڊنٽس يونين جي چونڊن ۾ AK 47 ڪٽي گهمندي نظر آيا. 1977 کان 1979 جي وچ وارو دؤر جهيڙن، جهڳڙن ۽ فسادن جو دؤر هو. هن ئي صورتحال مان پي ايس ايف جو بدنام زمانه

سليم الله ٽيپو (Tipu) اپريو. ٽيپو پنهنجي گروپ کي هڪ ملٽنٽ ونگ طور اپاريو جنهن جو بنيادي مقصد ضياءَ سان جهيڙو هيو. ٽيپو ئي اهو پهريون شاگرد هيو جنهن هٿان تعليمي اداري اندر پهريون خون ٿيو. اهو خون IJT جي ليڊر جو هيو. ٽيپو ساٿين سميت پشاور □ اتان ڪانپوءِ افغانستان پڄي ويو □ ڪابل □ هو مرتضيٰ ڀٽي □ شاهنواز ڀٽي سان مليو. جن ضيائي آمريت خلاف گوريلا ونگ ’الذوالفقار آرگنائيزيشن‘ (AZO) جوڙي هئي. الذوالفار پي آئي اي (PIA) جهاز هائيجيڪ ڪيو □ حڪومت کي هڪ لسٽ موڪلي وئي جنهن □ پي ايس ايف جي ميمبرن جا نالا هيا جن کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو. ان کان علاوه IJT جي هٿياربند ونگ Thunder Squad کي منهن ڏيڻ لاءِ BSO يورو بلوچ □ PSF شيرين خان ڪراچي يونيورسٽي □ داخل ٿيا. جنهن کان پوءِ ادارن اندر اڪثر گوليون، جهيڙا □ فساد هلندا رهيا.

چار مارچ تحريڪ □ شاگرد مزاحمت

سنڌ جي شاگرد سياست جي شروعات □ عروج جا به اهي ساڳا ڏهاڪا آهن جيڪي ڪاپي ڏر جي شاگرد سياست جو سنهري دؤر سڏبا هيا. سنڌ جي شاگرد سياست کي به ڊي ايس ايف □ ا ين ايس ايف جي سياست جو پاٽي پيو. چار مارچ واري مزاحمت جو بنياد اُهو تضاد بڻيو جيڪو مادر علمي سنڌ يونيورسٽي □ ٿيو □ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ □ ڦهلجي ويو. هي جهيڙو هڪ بيوروڪريٽ جي تعليمي اداري اندر مداخلت جو نتيجو هو. جنهن □ ڪمشنر مسرور حسن سنڌ يونيورسٽي جي وي سي حسن علي عبدالرحمان کي ان جي عهدي تان هٽائڻ چاهيو ٿي. شاگردن ان مداخلت خلاف حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن (HSF) جي پليٽ فارم تان جهيڙو ڪيو جنهن جو صدر يوسف لغاري □ جنرل سيڪريٽري ڄام ساقي هيو. يوسف لغاري ئي هن جدوجهد جو مک ڪردار آهي. شاگردن جي مزاحمت باوجود به وي سي جي برطرفي جو فيصلو اچي ويو □ شاگردن مظاهرن □ ڌرڻن هٽڻ جو سلسلو شروع ڪيو □ ان فيصلي تي پڪا ته نئين وي سي کي چارج وٺڻ نه ڏني ويندي. ان ئي ٻن ڏينهن جي پڄ پڄاڻ □ 4 مارچ 1967 تي شاگردن جي

پوائنٽن کي راجپوتانا وٽ روڪي لاٺي چارج ۽ شيلنگ ڪئي وئي جنهن ۾ ڪيترائي شاگرد زخمي ۽ مرٽينگ ٿي پيا ۽ گرفتار ڪيا ويا. 4 مارچ جي ان واقعي تحريڪ کي چوڏاري ڦيلائي ڇڏيو ۽ وي سي حسن علي عبدالرحمان واپس پنهنجي چارج ورتي. جيئي سنڌ محاذ ۾ پيا شاگرد ڌڙا ان ئي HSF جي جدوجهد مان بعد ۾ به ڦٽي نڪتا.

موجوده سياسي صورتحال تي تنقيدي نظر

DSF جي جنم کان شاگرد سياست تي پابندي تائين شاگرد سياست ڪيئي لاها چاڙها، عروج ۽ زوال ڏٺا. ڊي ايس ايف جا 4 سال ڪي معمولي سال نه هيا. انهن چئن سالن جيڪا سياسي سجاڳي ۽ شعور پيدا ڪيو، سو ايندڙ نسلن جي سياست کي پڻ پاٽي ڏيندو رهيو. چوندا آهن ته ’Its all easy but the beggining‘ يعني شروعات ئي سڀ کان مشڪل هوندي آهي. ڊي ايس ايف اها شروعات لانگهي شاگرد سياست لاءِ هڪ مثال ناهي وئي. جنهن ۾ شاگرد سياست لاءِ هڪ سڌو رستو، طريقو منشور ۽ عوامي سياست جا انمول اصول ڏنا ويا. جيڪي ايندڙ سياست ڪندڙ جهڙو اين ايس ايف ۽ بين قومپرست ڌڙن لاءِ پڻ رهنمائي جو سبب بڻيا.

ان شاگرد سياست کي سندن مذر پارٽين مان به گهٽو نقصان پهتو. جيئن 1962 ۾ چائنا- روس جهڳڙي ڪري اين ايس ايف جو ٻن ڌڙن ۾ ورهائجڻ، 1980 ۾ روس جي افغانستان تي حملي جي صورت ۾ به ٻين ڌڙن جو جنم وٺڻ، هڪ ڌڙو اهو جيڪو افغانستان ۾ روس حملي جي مخالفت ڪرڻ لڳو ته ٻيو ضيائي ۽ آمريڪي جهاد خلاف روس جي دفاع ۾ اڳيان آيو. انهن ڌڙا بندين، ترقي پسند شاگرد سياسي جي سگهه کي ورهائيIJT کي وڏيڪ طاقت وٺرائي.

انهن ترقي پسند سياسي شاگرد تنظيمن جو پي پي پي هٿان هائيجيڪ ٿيڻ به هڪ تاريخي الميو آهي. 1967 واري عوامي جدوجهد ڪا معمولي جدوجهد نه هئي. هڪ پاسي بنگالي جدوجهد پنهنجي عروج تي هئي ته ٻئي پاسي اولهه پاڪستان ۾ هي جدوجهد هن ملڪ جي ڪرتا ڌرتا فوجي آمريت کان ملڪ

جـون واڳـون چـڙائڻ ۾ پنهنجو ڪـردار ادا ڪـري رهي هـئي. ان وقت پٽي سڄي مهم کي ڪـوڙن اشتراڪي نعـرن ذريعي پنهنجي اثر هيٺ آندو. پٽي جنهن پاڪـستان کي بچـايو پـئي اهو فـوج جو پاڪستان هو.

1980ع ڪــانپوءِ ضـــيائي هٿياربند ۽ مـــذهبي سياست ادارن متعــارف ڪــئي وئي جنهن جي باقيــات اڄ به تعليمي ادارن انــدر ڏسي سـگهجي ٿي. مثـال طـور ڪـراچي يونيورسـٽي ۽ پنجـاب يونيورسٽي جي ادارن ۾ هٿياربند مـذهبي سياست گهر ڪـري وئي ۽ اها حقيقي سياست جا ڊي ايس ايـــــف، اين ايس ايف ۽ پين قومي ڌڙن ڪئي هـئي سا داڳـدار ۽ بـدبودار ٿي وئي ۽ صـورتحال ان حد تي وڃي پهتي جو شاگرد سياست کان ماڻهن نفـرت ڪـرڻ شروع ڪئي. سنڌ جي تعليمي ادارن اندر مذهبي انتهاپسـندي ته نه پکڙجي سـگهي پر اتي نج هٿياربند سياست جو ميـدن همـوار ڪيو ويو جيڪو اســان پنهنجي تعليمي ســالن ۾ اکين ســان ڏسي آيا آهيـون. ويجهـڙائي جي سـالن ۾ اسـان کي ان سياست ۾ ڪجهه تبــديلي پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ بائيڪــاٽ ڪلچر ۾ مانــائي آئي ته رياست کان اها شيءِ شايد هضم نه ٿي سگهي ۽ رينجــرس جيڪا هيـترا سـال صـرف تماشـائي ڪانسـواءِ ڪجهه به نه هـئي اچـانڪ طاقت جو مظاهرو ڪـرڻ لڳي ۽ هڪ پـيرو ٻيهر سـنڌ جي تعليمي ادارن اندر به باقي ملڪ جيان مذهبي انتهاپسـندي جو ڄـار پکـيڙيو پيو وڃي. مـذهبي جنـونيت جو ٻج ڇـٽيو پيو وڃي، جهـادي لـٽريچر هاسـٽلن تي ورهـايو پيو وڃي ۽ مــذهبي جلسا ڪرايا پيا وڃ. پـاڻ ڏسنداسين ته جلـدي ئي IJT يا ان جهڙيـون مـذهبي ڌريـون جيڪي اڄ جي مودودي حافظ سعيد جي هٺ هيٺ ڪم ڪنديون هونـديون ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌ جي ٻين تعليمي ادارن مـان ڪشـمير لاءِ جهادي تيار ڪيا وينـدا. جيڪي لطيـف، جي ايم سـيد ۽ آءِ آءِ قاضي تي ٺوڪون ڪندا ته مارڪس ۽ لينن کي لعنتون وجهندا.

آزاد خیالی کے سماجی تصورکا دیوالیہ پن

(Bankruptcy of the Social Concept of Liberalism)

شاداب مرتضیٰ

آزاد خیالی (Neo-Liberalism / Liberalism) سرمایہ دارانہ نظام کا سماجی تصور ہے۔ آزاد خیال مفکرین کا ماننا یہ ہے کہ چونکہ کائنات میں سب کچھ قوانینِ فطرت کے تحت وقوع پذیرہوتا ہے لہذا انسانی معاشرے کا ارتقاء بھی فطری قوانین (تاریخی جبر) کے تحت ہوا ہے اوریہ ہمیشہ فطری قوانین کے تابع رہے گا۔اسی لئے انسانی معاشرے میں موجود طبقاتی تفریق یعنی امارت اورغربت کا فرق،انسان کے ہاتھوں انسان کا استحصال،ظلم، ناانصافی اورعدم مساوات جیسی برائیاں بھی فطری ارتقاء کا نتیجہ ہیں اوران برائیوں کوانسانی معاشرے سے ختم کرنا ممکن نہیں ہے چونکہ فطرت کی کوئی اخلاقیات نہیں لہذا یہ صحیح اورغلط، طاقتوراورکمزورکے درمیان کوئی فرق نہیں کرتی ہے فطرت کے لئے سب یکساں ہیں۔ان دلائل سے آزاد خیال مفکرین یہ نتیجہ اخذ کرتے ہیں کہ انسانی معاشرے سے ظلم وناانصافی کوختم کرنے اورغیرطبقاتی سماج قائم کرنے کی کوشش بیکارہے۔ فطری ارتقاء کے نتیجے میں سائنسی اورعلمی ترقی

کے ذریعے معاشرے سے ظلم، ناانصافی اورعدم مساوات جیسی خرابیاں خود بخود ختم ہوجائیں گی۔ آزادخیالی کے اس غیرحقیقت پسندانہ تصورکے پیچھے یہ غلط مفروضہ کارفرما ہے کہ انسانی معاشرے کا تاریخی ارتقاء بھی حیاتیاتی اورطبعیاتی ارتقاء کے قوانین کے تحت ہوتا ہے۔ جب کہ حقیقت یہ ہے کہ سماجی ارتقاء کے قوانین، حیاتیاتی اورطبعیاتی قوانین سے مختلف ہوتے ہیں۔

حیاتیاتی ارتقاء کے قوانین جانداراجسام ، یعنی انسان،جانوراورپودوں کے جسمانی ارتقاء کی وضاحت کرتے ہیں۔ ان سے ہمیں پتہ چلتا ہے کہ جانداراجسام کس طرح وجود میں آتے ہیں اورفطری ماحول میں یہ اپنے وجود کوکس طرح سے برقراررکھتے ہیں۔ انسان کے علاوہ کسی بھی جاندارمیں فطری ماحول کو تبدیل کرنے کی صلاحیت موجود نہیں چنانچہ تمام دیگرجانداراپنی بقاء کے لئے فطری ماحول پرانحصارکرتے ہوئے خود کواس کے مطابق ڈھالنے کی کوشسش کرتے ہیں۔ انسان وہ واحد جاندارہے جو اپنی بقاء کے لئے نہ صرف فطری ماحول سے مطابقت پیدا کرتا ہے بلکہ جہاں جہاں ممکن ہوفطری ماحول کواپنی ضرورت کے مطابق تبدیل کرلیتا ہے۔انسان سخت سردی میں گرم کپڑوں،آگ اورموافق خوراک کے استعمال سے خود کو زندہ رکھ سکتا ہے جب کہ دیگرجاندارصرف فطری خصوصیات اورصلاحیتوں کو ہی بروئے کارلاسکتے ہیں۔انسان مصنوعی بارش

سےخشک زمین کو قابلِ کاشت بنا سکتا ہے۔ بیماریوں سے پیشگی بچائو کے لئے ادویات ایجاد کرسکتا ہے۔ قدرتی آفات سے محفوظ رہنے کے لئے حفاظتی تعمیرات کرسکتا ہے۔الغرض انسان نے اپنے شعوراورارادے کی قوت سے فطری ماحول کوبڑی حد تک اپنی بقاء کے لئے سازگار بنا لیا ہے اورفطری ماحول پراپنے انحصارکو بہت حد تک کم کر لیا ہے۔ جب کہ دیگر تمام جاندارآج بھی فطری ماحول کے اسی قدرپابند ہیں جتنے کہ پہلے کبھی تھے۔حیاتیاتی ارتقاء کے قوانین فطرت کے خلاف جدوجہد میں ان کی کوئی مدد نہیں کرسکتے۔صرف انسان ہی فطری ارتقاء کے قوانین کی معلومات کواستعمال میں لاکراپنے اوردیگر جانداروں کی بقاء کے امکانات کووسیع کر سکتا ہے۔ اس کے برعکس انسان کے باہمی رشتوں (سماجی رشتوں)، اخلاقی قدروں اورمعاشرتی نظام کے وجود میں آنےاورترقی کرنے کے حوالے سے حیاتیاتی ارتقاء کے قوانین ہماری معلومات میں کوئی اضافہ نہیں کرتے کیونکہ یہ تمام معاملات حیاتیاتی سائنس کا موضوع نہیں ہیں۔

اسی طرح طبعیاتی ارتقاء کے قوانین انسان کے مادی وجود کی دیگرمادی اجسام سے تعلق کی وضاحت کرتے ہیں اورہمیں بتاتے ہیں کہ بحیثیت ایک مادی وجود انسان بھی دیگر مادی اجسام کی طرح اندرونی اوربیرونی طبعیاتی عوامل سے متاثرہوتا ہے،جیسے کہ کششِ تقل، اوراپنے وجود کے لئے زمان

ومکان کا پابند ہے۔زندہ رہنے کے لئے اسے مستقل توانائی کی ضرورت ہے۔ طبعیاتی قوانین کے تحت انسان اوردیگر کسی بھی مادی جسم میں کوئی خاص فرق نہیں۔ چنانچہ طبعیاتی قوانین بھی انسان کے سماجی ارتقاء پرکوئی روشنی نہیں ڈالتے۔

انسان کے معاشرتی ارتقاء کے قوانین کوبیان کرنے والی سائنس سیاسی-معیشت(Political Economy) کہلاتی ہے۔ اس کے مطابق ابتدائی انسانی معاشرہ غیرطبقاتی تھا۔ نجی ملکیت کے تحت طریقِ پیداوار(Mode of Production) کے نتیجے میں انسانی سماج طبقوں میں تقسیم ہوگیا۔ہرنیا پیداواری طریقہ اپنے ساتھ نئے پیداواری رشتے (Relations of Production) لایا جن کے تحت نئے طبقات وجود میں آئے۔ملکیت دارطبقے نے غیرملکیتی طبقے کے استحصال کا عمل شروع کیا جوآج تک جاری ہے۔ آزادخیال دانشوروں کے نزدیک نجی ملکیت اورانسانی استحصال فطری عوامل ہیں جن سے پیچھا نہیں چھڑایا جا سکتا۔لیکن ساتھ ساتھ وہ یہ بھی کہتے ہیں کہ انسان کی علمی اورسائنسی ترقی کے نتیجے میں انسانی معاشرے سے طبقات، ظلم اورناانصافی خود بخود ختم ہو جائیں گے! آزاد خیالی کے اس فکری تضاد سے دلچسپ صورتحال پیدا ہوتی ہے۔ جو آزاد خیال دانشوروں کی نظریاتی منافقت کا پردہ چاک کرتی ہے۔ آئیے اس کا جائزہ لیں۔

نجی ملکیت اورانسانی استحصال اگر فطری

قوانین کے تحت ہونے والے سماجی ارتقاء کا نتیجہ ہیں تویہ ممکن نہیں کہ یہ عوامل ازخود ختم ہوجائیں گے۔کیونکہ خودآزادخیالی کے مطابق فطرت کی کوئی اخلاقیات نہیں اورقوانینِ فطرت اٹل ہیں۔ توپھرآزادخیالی کی اس خوش فہمی کی وجہ کیا ہے کہ فطری عمل کے نتیجہ میں ہی ناانصافی، ظلم،جبرواستحصال اورعدم مساوات انسانی معاشرہ سے ایک دن ختم ہوجائیں گے؟ آزادخیال دانشوروں کے نزدیک اس خوش فہمی کی وجہ ان کا یہ یقین ہے کہ سائنسی ترقی بالآخرانسانی سماج سے استحصال کا خاتمہ کردے گی۔ اس مفروضہ سے ایک بات واضح ہے کہ آزادخیال دانشورانسانی ارادہ،اختیاراورشعورکی اہمیت کو تسلیم کرتے ہیں اوردرپردہ اس بات کا اقرارکرتے ہیں کہ انسان فطری قوانین کے تابع ہونے کے باوجود اپنے علم اورعمل کے ذریعے فطری ماحول کوتبدیل کرنے کی صلاحیت رکھتاہے۔اگرایسا نہ ہوتا توعلمی اورسائنسی ترقی جوکہ انسان کے شعوراورارادے اور تاریخ کے مرہونِ منت ہے، اس کے ذریعے انسان فطری ماحول کو تبدیل نہیں کرسکتا تھا! چنانچہ آزادخیالی کی منطق فطری ماحول کوتبدیل کرنے کی انسانی صلاحیت کا اقرارکرکے اپنے اس خیال کو خود ہی رد بھی کر دیتی ہے کہ فطری قوانین کا پابند ہونے کی وجہ سے انسانی سماج سے ناانصافی،ظلم واستحصال اورطبقات کا خاتمہ ممکن نہیں! یہ آزاد

خیالی یا سرمایہ داری کے سماجی نظریہ کا بنیادی فکری تضاد ہے جسے وہ اپنی طبقاتی فطرت کی وجہ سے کبھی حل نہیں کرسکتی۔

لاکھ کوششوں کے باوجود بھی آزادخیال دانشوروں کو یہ حقیقت تسلیم کرنا پڑتی ہے کہ انسان کا سماجی ارتقاء فطری پابندیوں سے آزادی کی جانب ایک مسلسل سفر ہے۔انسان نے فطری حالات کو مسلسل تبدیل کرتے ہوئے اپنی بقاء کے امکانات کو روزافزوں وسیع تر کیا ہے اورفطرت پراپنے انحصار کوبتدریج کم کیا ہے۔ آزاد خیالی فطری قوانین کے آگے انسان کو مجبورِ محض ظاہر کر کے نجی ملکیت اورطبقاتی نظام کا تحفظ کرتی ہے۔ انسانی ارادے کی اہمیت کو بادلِ نخواستہ تسلیم کرتے ہوئے آزادخیالی نجی ملکیت اورطبقاتی نظام کے خلاف انسانی جدوجہد کے عمل پرمنفی تنقید کر کے اسے روکنے کی کوشش کرتی ہے اورظلم، ناانصافی اورعدم مساوات کوقسمت کا لکھا قراردے کرانہیں

سائنسی ترقی کے نتیجے میں معاشرے سے ظلم اورناانصافی کے خاتمے کی نوید آزادخیالی کے غیرحقیقت پسندانہ موقف کو مزید واضح کرتی ہے۔ برسہابرس سے ہونے والی سائنسی ترقی سے نسل انسانی نے خوب فائدہ اٹھایا ہے لیکن اس سچائی کو کیسے جھٹلایا جائے کہ طبقاتی نظام میں سائنسی ترقی کے ثمرات بھی متمول طبقے تک محدود ہوتے ہیں۔ نجی ملکیت پونے کے نتیجے میں سائنسی

ایجادات اورسہولیات غریب عوام کی قوتِ خرید سے باہرہوتی ہیں۔ سرمایہ دارانہ طبقاتی نظام میں سائنسی ایجادات کوصنعت کا درجہ حاصل ہے۔ جس کا مقصد منافع کا حصول ہے۔ انسانیت کی بھلائی نہیں ہے اوراسی پہ بس نہیں۔سرمایہ دارطبقہ اپنی ملکیت کے تحفظ اورعوامی وسائل کی لوٹ مار کے لئے سائنسی معلومات اورایجادات کوانسانیت کے خلاف جبرواستبداد کے لئے بھی استعمال کرتا ہے۔ جس کی واضح مثال ایٹمی اورکیمیائی ہتھیارہیں۔ چنانچہ جب تک پیداوارکے زرائع اورپیداواری اجناس نجی ملکیت سے آزاد ہو کرسماجی ملکیت نہیں بن جاتے تب تک سائنسی علم اورایجادات کوتمام انسانیت کی بھلائی کے لئے استعمال کیا جانا ممکن ہی نہیں ہے۔ طبقاتی سماج میں سائنسی ترقی کے ثمرات چند افراد تک محدود ہوتے ہیں۔سماجی ملکیت میں یہ ثمرات تمام انسانوں کی ضروریات کی تسکین کا باعث بنتے ہیں۔ لہذا سائنسی علم کو ترقی دینے اوراس کے ثمرات پوری انسانیت تک پہنچانے کے لئے یہ لازم ہے کہ سماج کو طبقاتی نظام کے شکنجے سے آزادی دلائی جائے۔

آزاد خیال دانشور یہ مانتے ہوئے بھی کہ تمام عوامل فطری قوانین کے تحت وقوع پزیر ہوتے ہیں، طبقاتی نظام کے ظلم وجبر کے خلاف ہونے والی جدوجہد کو تنقید کا نشانہ بناتے ہیں حالانکہ خود ان کے نظریے کی رو سے دیکھا جائے تو چونکہ سب کچھ

قوانین فطرت کے تحت ہوتا ہے لہذا استحصال اورناانصافی کے خلاف انسانی ردعمل کو بھی فطری عمل ہی تسلیم کرنا چاہیے! لیکن اس کے باوجود آزاد خیال دانشورظلم وجبرکے خلاف انسانی ردعمل پرتنقید کر کے اسے بے معنی قراردیتے ہیں وہ ڈارون کے نظریے ارتقاء کوانسان کے سماجی ارتقاء پرلاگو کرتے ہوئے یہ خیال پیش کرتے ہیں کہ فطری انتخاب کے اصول کے تحت طاقتوراورکمزورکی لڑائی میں فطرت طاقتورکا انتخاب کرتی ہے جبکہ کمزورکا نام ونشان مٹ جاتا ہے۔ یعنی ایک جانب وہ یہ تسلیم کرتے ہیں کہ طاقتوراورکمزورکی لڑائی میں فطرت طاقتورکا ساتھ دیتی ہے اوردوسری جانب یہ کہتے ہیں کہ فطرت غیرجانبدارہے! اگر ان کے اس فکری تضاد کونظراندازکربھی دیا جائے تو بھی آزادخیال دانشوروں کا یہ اصراربے معنی ہے کہ ظلم وجبراورناانصافی کے خلاف جدوجہد کرنا بیکار ہے۔ استحصال کا شکارطبقہ،یعنی محنت کرنے والے عوام استحصالی طبقہ کے مقابلے پرنہایت کثیرعددی اکثریت رکھتے ہیں۔متحد ہوکروہ آسانی سے سرمایہ داری کا خاتمہ کرسکتے ہیں۔لہذا طاقتورکی بقاء کا فطری اصول محنت کش عوام کے حق میں ہی دلیل دیتا ہے ان کے خلاف نہیں۔

طبقاتی نظام کی تشکیل اوراس کو قائم رکھنے میں فطری قوانین کا کوئی عمل دخل نہیں۔ طبقاتی معاشرے نجی ملکیت کی بنیاد پرقائم پیداواری رشتوں

کا شاخسانہ ہے جس میں انسان کی شعوری
کوششوں کا عمل دخل ہے۔ شعوری کوشش
اورجدوجہد کے ذریعے طبقاتی نظام کو ختم کیا
جاسکتا ہے اورایسا کرنا فطرت کے اصولوں کے
برخلاف نہیں بلکہ ان کےعین مطابق ہے۔فطرت
انسانوں میں تفریق نہیں کرتی ہےاس نے تمام انسانوں
کو یکساں پیدا کیا ہے اوراس کی نعمتیں تمام انسانوں
کے لئے یکساں ہیں فطری طورپرکچھ انسانوں کے
اعلی اوربرتراورکچھ کے کم ترہونے، کچھ انسانوں کے
غلام ہونے اورکچھ کے آقا ہونے، کچھ انسانوں کے
طاقتورہونے اورکچھ کے کمزورہونے کے نظریات
انسانی سماج کی طبقات میں تقسیم کے وقت سے
اب تک چلے آرہے ہیں۔اپنی نجی ملکیت کے تحفظ کے
لئے حکمران طبقات ہردورمیں ایسے استحصالی
نظریات پھیلاتے رہیں ہیں تاکہ نام نہاد قوانینِ قدرت
کے نام پرمحنت کش عوام کا استحصال جاری رکھ
سکیں۔ محنت کش عوام کوطرح طرح کی اعتقاد
پرستیوں میں مبتلا کرکے،سائنسی علم سے دوررکھ
کرسرمایہ داری ان آزادخیال نظریات کے ذریعے اپنے
استحصالی کردار کوقابل قبول بنانے کی کوشش کرتی
ہے تاکہ محنت کش عوام سرمایہ داری کے خلاف
جدوجہد پرآمادہ نہ ہو سکیں۔

آج کا وینگارڈ

عاصم سجاد اختر

آج سے سو سال قبل انقلابات کا ایسا دور شروع ہو رہا تھا جس نے اگلے کئی دہائیوں تک ساری دنیا کو اپنی لپیٹ میں لے رکھا۔ ایسا دور پہلے انسانی تاریخ میں کبھی نہیں دیکھنے کو ملا: مغربی ممالک میں مزدور طبقے کی سیاست عروج پر تھی، یورپی نوآبادیوں میں آزادی کی تحریکیں چل رہی تھیں ،لاطینی امریکہ میں امریکی سامراج کیخلاف تاریخی ابھار تھا ۔ ان سب کے لیے روس اور بعد ازیں چین کے انقلابات روشنی کے کرن تھے (اور آج دن تک ہمیں امید دلاتے ہیں کہ انسانیت کو ملکیت اور طبقات سے نجات مل سکتی ہے)۔

بیسوی صدی اور آج کی سیاست میں بنیادی نوعیت کا فرق ہے۔ بہت سارے پہلوؤں پر بحث ہو سکتی ہے: اس مضمون میں صرف ایک پہلوکو اجاگر کرنے کی کوشش کی گئی ہے جس کو لیننزم کی بنیاد سمجھا جاتا ہے۔ لینن کے بقول انقلاب کے لیے لازم ہے کہ انقلابیوں کا ایک ایسا حلقہ تیار کیا جائے جوکہ مقصد کے حصول کے لیے سب کچھ قربان کرنے کے لیے تیار ہو۔ لینن نے اس حلقے کو وینگارڈ کا نام دیا جس کو ہم اکثر ہروال بھی کہتے ہیں۔ وینگارڈ کے تصور پر بہت کچھ کہا اور لکھا گیا ہے۔ مثال کے طور پر لینن کی زندگی میں ہی روزا لکسمبرگ نے وینگارڈ کے تصور کو اس بنیاد پر چیلنج کیا کہ لینن چند لوگوں کو ضرورت سے زیادہ اختیارا ت دینے کی بات کررہے تھے۔ لکسمبرگ کا خیال تھا کہ ا نقلابی تنظیم کی

ساخت زیادہ کھلی ڈلی ہونی چاہیے۔ مارکسسٹ حلقوں کے باہر وینگارڈ کے تصور کو بہت زیادہ تنقید کا نشانہ بنایا جاتا ہے : بورژوا ماہرین کا کہنا ہے کہ مارکسسٹوں کی سیاسی کوششوں کے نتائج ہمیشہ آمرانہ طرز حکمرانی ہوتی ہے۔ یہ بحثیں پرانی بھی ہیں اور میرے نزدیک کافی بے معنی ہوچکی ہیں۔لکسمبرگ جس ماحول کے اندر لینن کے ساتھ اختلاف کررہی تھیں وہ ماحول آج نہیں ہے۔ جبکہ بورژوا ماہرین کو اس لیے جواب دینا ضروری نہیں ہے کہ سرمایہ دارنہ نظام سے زیادہ آمرانہ، انسان دشمن اور ماحول دشمن نظام تاریخ میں کبھی نہیں دکھا گیا چنانچہ ایسے ماہرین کی جانب سے مارکسسٹوں کو جمہوریت کے لیکچر دینا مذاق کے سوا کچھ نہیں ہے۔

جب وینگارڈ کی بات ہوتی ہے تو بحث کا دائرہ جمہوریت بمقابلہ آمریت نہیں ہونا چاہیے بلکہ لینن کے تصور کے اصلی جز کو اجاگر کرنا چاہیے، یعنی کہ حقیقی انقلابی کی تعریف کیا ہے۔

ہم ایک ایسے ردِ انقلابی دور میں جی رہے ہیں جس میں انقلابی تو بننا دور کی بات ہے ، یہ بھی عجیب بات سمجھتی جاتی ہے کہ فرد اجتماعی مقصد کے لیے ذاتی مفادات کو نظر انداز کرے ۔ یہاں پاکستان سمیت دنیا میں ایسی تحریکیں موجود ہیں جن کو چلانے والے افراد بہت حد تک مین سٹریم سماج سے کٹ چکے ہیں اور اپنا تن من دھن سب کچھ مقصد کے حصول کے لیے لگا بیٹھے ہیں (نیکسلائٹ، بلوچ قومی آزادی کی تحریک ، اور دیگر)۔مگر دیکھا جائے تو عمومی طور پر ایسی تحریکوں اور افراد کو سیاسی اور سماج طور پر پذیرائی نہیں ملتی ہے بہت

ساروں کو ''دہشت گرد'' کہا جاتا ہے اور مجموعی طور پر سماج کے اندر قربانی کے جذبے کے ساتھ جدو جہد کرنے والوں کو تقویت نہیں بلکہ ان کو دورِ حاضر سے کٹا ہوا سمجھا جاتا ہے۔ جس کی ایک وجہ تو یہ ہے کہ موجودہ دور میں جب عسکریت پسند تحریکوں کا سوچا جاتا ہے تو رجعتی طرز کی تحریکیں زیادہ ذہن میں آتی ہیں (خاص طور پر جہادی تحریکیں)۔ لیکن اس پہلو سے ہٹ کر بھی عمومی رائے یہی ہے کہ بنیادی سماج تبدیلی کے لیے جدو جہد کرنا اور قربانی دینا زیادہ عقل مندی کی بات نہیں ہے۔

سابقہ ادوار میں، یا کم از کم 1970ء کی دہائی تک ایسا نہیں تھا۔ انقلاب کے تصور کو عام سطح پر پذیر ائی حاصل تھی، نوجوان انقلابات اور انقلابیوں سے بے حد متاثر تھے، دانشور ان کے بارے میں پڑھتے اور لکھتے تھے اور زرائع ابلاغ ان کی کسی نہ کسی حد تک تشریع کرتے تھے۔ حطہ کہ انقلابات اور انقلابیوں پر تنقید بھی ان کی شہرت کا باعث بنتی تھی۔ آج اگر انقلاب کی بات عام سطح پر ہوتی بھی ہے تو اکثر مذاق کے طور پر ہوتی ہے۔جس کی سب سے نمایاں مثال طاہر القادری کی ہے جن کا ''انقلاب'' اب لطیفہ بن چکا ہے۔ یعنی کہ ان جیسے جعلی لوگوں اور تحریکوں کی وجہ سے انقلاب جیسے انتہائی سنجیدہ عمل کو بالکل غیر سنجیدہ بنادیا گیا ہے۔

ویسے تو پاکستان میں بائیں بازو کے خیالات کو ہمیشہ عوام کے اندر متنازع بنانے کی کوشش کی گئی ہے مگریہ تھوڑے لوگ جانتے ہیں کہ ہمارے ہاں دایاں بازو نے بھی لینن کے طرز کے وینگارڈ بنانے پر بہت زور دیا۔ جماعت اسلامی کے تنظیمی ڈھانچے کا ماڈل لینن کی انقلابی

تنظیم تھی، اور جماعتیوں کی تربیت بھی انقلابی کی طرح اس معنی میں ہوتی تھی کہ ان کے لیے مثالی مسلمان کی طرح زندگی گزارنا لازم تھا۔ مولانا مودودی کا خیال تھا کہ پکے اور سچے مسلمانوں کا ایک وینگارڈ ہی سماج کے اندر اسلامی انقلاب برپا کرنے کی صلاحیت رکھتا ہے۔ یہ الگ بات ہے کہ جماعت اسلامی ہمیشہ اسٹیبلشمنٹ کی بی ٹیم رہی اور اس کا انقلاب کرنے کا سوال کبھی پیدا نہیں ہوا۔ لیکن یہ اپنی جگہ بات درست ہے کہ جماعت کے تربیت شدہ کیڈر ہی تھے جن کو ضیاالحق کے دور میں ریاستی اداروں کے اندر بھرتی کیا گیا اور یہی وینگارڈ ایک طرح سے پاکستانی سماج میں دور رس تبدیلی کا باعث بنا۔ ہم آج دن تک جماعت کے وینگارڈ کو بھگت رہے ہیں۔

1987ء میں قاضی حسین احمد جماعت کا امیر بنا تو اس نے کسی حد تک پرانے وینگارڈ کی جگہ زیادہ populistطرزِ سیاست کو اپنایا۔ مبصرین کا کہنا ہے کہ جماعت کے اندر ہونے والی اس تبدیلی کی وجہ سے پارٹی زیادہ مقبول ہوئی اور انتخابی سیاست کے اندر اس مقبولیت کا کہیں نہ کہیں نتیجہ بھی نکلا۔ بہر حال جماعت کے پرانے کارکن آج بھی سمجھتے ہیں کہ خالص نظریاتی رجحان اور طرزِ زندگی لازم ہے کہ اگر سماج میں اسلام کا راج قائم کرنا ہے۔ بلکہ بہت سارے پچھتاتے ہیں کہ زمانہ بدلنے کے نتیجے میں پرانے طرز کے کارکن نا پید ہو گئے ہیں۔ رونا پیٹنا اپنی جگہ لیکن جماعت آج بھی مین سٹریم کا حصہ ہے۔ تاہم یہ سوچنے والی بات ہے کہ ایک ایسی پارٹی جو کہ شروع دن سے ریاست کے ساتھ ہم آہنگ ہے، اس کے پرانے کارکنان آج معروض کے جبر

کے بارے میں پچھتارہے ہیں۔

یقیناًبائیں بازو کے لیے صورتِ حال اس سے بہت زیادہ سنگین ہے۔ آج کا ’’کامیاب‘‘ سیاسی کارکن نظریات، سادہ طرزِ زندگی اور قربانی کے جذبہ کی بجائے کاروباری ذہن کا مالک ہے۔ بایاں بازو کی کمزوری سیاست کے تبدیل شدہ معیار کا سبب اور نتیجہ بھی ہے۔ اب سوال یہ ہے کہ موجودہ دور کے تقاضوں کو ہم کیا پورا کرنے کی کوشش کریں یا اپنے کلاسیکی تصورات کو بہر حال اجاگر کرنے میں ہی ہماری سیاست آگے بڑھ سکتی ہے؟ کیا ویسے بھی ممکن ہے کہ ہم ’’کاروباری‘‘ سیاست میں مین سٹریم حلقوں سے زیادہ کامیاب ہو سکتے ہیں؟

ہم لینن کے دور کے پیشہ ور انقلابیوں اور وینگارڈ تنظیموں سے آج بہت دور ہیں۔ اور صرف خواہش کی بنیاد پر یا نعرے لگا کر وہ پیمانے زندہ نہیں کئے جا سکتے۔ ہمیں بہر حال آج کے حالات کو مد نظر رکھتے ہوئے کہیں سے تو شروع کرنا پڑے گا، کوئی مثالیں قائم کرنی پڑیں گی، اپنی سیاست کا کوئی خدوخال بنانا پڑیگا۔میں یہاں واضح کرنا چاہتا ہوں کہ مین سٹریم سیاست کرنے والے بہت وقت، توانائی اور وسائل لگاتے ہیں یہ ماننے والی بات ہے کہ بائیں بازو کے بہت سے ساتھی بند کمروں میں نظریاتی پختگی کی باتیں ضرور کرتے ہیں مگر سماج کے گلیوں ، کوچوں اور دیہاتوں میں بہت سارے ’’کاروباری‘‘ سیاست کرنے والے ہم سے زیادہ سرگرم ہیں۔ ہاں ان کا مقصد سماج کو تبدیل کرنا نہیں بلکہ اپنا اثر بڑھانا اور دولت کمانا ہوگا، لیکن اگر ہم کاروباریوں کے مقابلے میں بھی سست ہیں تو ہمیں اس سوال کا خود ہی جواب دینا چاہیے کہ بائیں بازو کمزور کیوں ہے۔


آج ہمارے سامنے چیلنج یہ ہے کہ ہم نئے سرے سے سماج کے اندر انقلابی سیاست کو اجاگر کریں یہ ضروری نہیں ہے کہ ہماری زندگیوں میں ہم اس طرح پھر طاقتور ہو جائیں جیسا کہ بیسوی صدی کے عروج کے دور میں تھے۔ مگر آج بنیاد ڈالیں گے تو آنے والی نسلیں انقلاب کی جد و جہد کو آگے بڑھائیں گے۔ اور اگر ہم حقیقی معنوں میں لینن اور دیگر عظیم انقلابیوں کے نقش قدم پر چلنا چاہتے ہیں تو آج بنیاد ڈالنے کا مطلب ایک ایسی طرزِ زندگی اپنانا ہے کہ جس سے ثابت ہو کہ ہم وہ وینگارڈ بنانا چاہتے ہیں جس کے بغیر انقلابی ممکن نہیں ہے۔ اگر ہم فوری طور پر پیشہ وار انقلابی نہیں بھی بن سکتے تو کم ازکم ہم انقلاب کا پرچم طاہر القادری جیسے فراڈیوں سے تو واپس لے سکتے ہیں اور وہ ہم اس صورت میں لینگے جب ہم ایک دوسرے کے ساتھ وہ انسانی رویہ قائم کریں گے اور ایک دوسرے اور اپنے مقصد کے لیے وہ قربانی دینا شروع کریں گے جس کی مثالیں ہمارے ہیروز نے ایک سو سال پہلے قائم کی تھیں۔

سبب ۽ نتيجو

(Cause and effect)

بخشل ٿلهو

(جدلي ڪيٽيگورين ڪي سلسليوار سمجهڻ جي ڪوشش ۾ اسان هن وقت تائين هوند ۽ اڻ هوند، ذيڪ ۽ جوهر، قطعي ۽ نسبتي جي ڪيٽگورين تي سماجواد جي پوئين ڪڙين ۾ لکي آيا آهيون هن ڪڙيءَ ۾ اسان سبب ۽ نتيجي جي ڪيٽيگوريءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. چاڪاڻ جو لازميت ۽ اتفاق، امڪان ۽ حقيقت جهڙين پيچيده ڪيٽيگورين کي سمجهڻ کان پهرين سبب ۽ نتيجي جي ڪيٽيگوريءَ کي سمجهڻ بنيادي ۽ ضروري آهي. هتي هڪ وضاحت يا اعتراف ڪندو هلجي ته ڪيٽيگورين کي سمجهڻ جو هي طريقو بذاتِ خود جدلي ڪونهي. چاڪاڻ ته هر لقاءُ اندر جدلي ڪيٽيگوريون مختلف تعلقن ۾ پنهنجو اظهار ڪنديون آهن. پر سمجهڻ خاطر اسان هر ڪيٽيگوريءَ کي نج تجريدي انداز ۾ پين سمورن جدلي قانونن ۽ ڪيٽيگورين کان الڳ ڪري سمجهندا آهيون جڏهن ته معروضي حقيقت ۾ اها عليحدگي موجود ناهي هوندي. اميد ته هن سلسلي جي پڄاڙيءَ ۾ اسان انهيءَ پيچيده تعلق تي موضوع جي پوري اميرائپ سان گڏ ڪجهه اکر لکڻ جي ڪوشش ڪنداسين. تنهنڪري جيڪو ڪجهه به هنن موضوعن هيٺ هتي پڙهجي ۽ سمجهجي پيو ان کي فلسفي ۾ جدليات جي ا ب ت سمجهڻ گهرجي نه کي آخري يا اونچو ڏاڪو. ادارو)



اڄوڪي اخبار (يعني 11 جون 2015ع) ۾ ۽ هڪ خبر هئي ته سنڌ جي هڪ شهر ۾ هڪ پاءُ بازار ۾ ڊوڙائي ڊوڙائي پنهنجي پيڻ کي ڪاري ڪري ماريو. انهيءَ ڏکدائڪ واقعي جو ڪارڻ ڪهڙو

آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن عام ماڻهوءَ کان پڇبو ته هو پهــرين ڏک ۾ غيرت کي سبب طور اڳيـان ڪـٽي ايـنـدو. پر ڇا هن دنيا جي ست ارب آباديءَ ۾ اسان ئي سڀ کـان وڌيڪ غـيرت مند آهيـون؟ ڇا غــيرت مــاپڻ جو واحد بنيــاد اهو آهي ته اســان ڪيــتري انگ ۾ پنهنجي پيٽن، امڙن ۽ ڌيئن کي قتل ڪندا آهيـون؟ انهن سـمورن ســوالن کي هڪ پاسي رکي اســان اهو ڏســون ته ســبب طــور ڄاڻايل غيرت ڪنهن ٻي شئي جو نتيجو به آهي يا نه.؟ ٿورو غور ڪرڻ سان خبر پوندي ته انهيءَ جـذبي جـون پـاڙون جـاگيرداري اخلاقيات ۾ لڪل نظر ايندي‎ون. پر وري سـوال ٿينـدو جـاگيرداري اخلاقيات ڪهڙي سبب جو نتيجو آهي؟. ته جـواب طـور اسـانکي جاگيرداراڻو پيدواري طريقو نظر نه ٿو اچي پر هي رياست، انجو نظام ۽ انجون اوليتون سبب طــور نظر ايـنـديون پر وري جــڏهن هن رياست جي هوند جو ســـوال بحث هيٺ اينـــدو ته مــــامرو عــالمي ســامراج ۽ انجي هن خطي جي مفــادن تي وڃي ڇيهه ڪنــدو. اهــڙيءَ ريت اســان ســبب ۽ نــتيجي جو هڪ نه ڪٽنــدڙ سلسلو ڏسون ٿا جيڪو ڪنهن مخصـوص (Particular) مـامري کان شروع ٿي عمومي (General) مامري تـائين هلنـدو ٿو هلي ۽ جنهن ۾ سبب طور ڄاڻايل هڪ حقيقت غور ڪرڻ سان ڪنهن ٻي سبب جو نتيجو ٿي ظاهر ٿئي ٿي. هلو ٿورو ٻي طريقي سـان اسان هن سوال کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا.

هيٺ ڏنل ڪجهه سياسي بيانن تي ٿورو غور ڪيو

1. سنڌي قوم جيئن ته جاهل، نااهـل، ڪاهل آهي تنهنڪـري اڃا تائين غلام آهي

2. سـنڌي قـوم جـيئن ته غلام آهي تنهنڪـري ان ۾ ناڪـاري رجحان سگهارا آهن.

1. پــورهيت طبقو جـــيئن ته غـــير منظم آهي تنهن ڪـــري حڪمران آساني سان پورهيت دشمن قانونن تي عمل پيرا آهن.

2. حڪمران جيئن ته پورهيت دشمن پاليسين تي عمل پــيرا آهن تنهن ڪري پورهيت طبقو منظم ناهي.

1. ماڻهو جيسيتائين پنهنجي انـدر منجهـان لالچ، ٻي حسي ۽

بي ايمانيءَ کي ختم نه ڪندا تيسيتائين هي نظام موجود هوندو.
2. هي نظام جسيستائين موجود هوندو تيستائين ماڻهو پنهنجي اندر منجهان لالچ، بي حسي ۽ بي ايمانيءَ کي ختم نه ڪندا.

1. جيسيتائين عالمي سامراجي قوتون موجود آهن، مظلوم قومن جي سياسي، معاشي آزادي ممڪن ڪونهي.
2. جيسيتائين مظلوم قومون جدوجهد ڪري سياسي، معاشي آزادي حاصل نه ٿيون ڪن تيستائين عالمي سامراج جو زوال ممڪن ڪونهي.

انهن مٿي ڏنل بيانن منجهان ڪهڙو نتيجو صحيح ۽ ڪهڙو غلط آهي، انهيءَ بحث ۾ ڦاٿي بغير جا شئي سمورن بيانن ۾ ساڳي آهي سا آهي سبب ۽ نتيجو.

ڇا دنيا ۾ ڪو اهڙو لقاءُ، واقعو يا عمل ٿي سگهي ٿو جنهنجو ڪو سبب نه هجي يا انجا ڪي اثر يا نتيجا نه هجن؟ ڪوبه فلسفو، ايتري قدر جو عام شعور به سبب ۽ نتيجي جي ڪائناتي هوند کان انڪار نه ٿو ڪري سگهي. باقي فڪر جي دنيا اندر سبب ۽ نتيجي بابت سمورا فرق انهن ٻنهي جي پاڻ ۾ رشتي جي سمجهه جي حوالي سان آهن. انهيءَ رشتي کي فلسفي جي ٻوليءَ ۾ اسبابيت (CAUSALITY) چئبو آهي. ان کان پهرين جو اسان اسبابيت جي جدليات سمجهون اچو ته اهو ڏسون ته عام شعور يا مابعد الطبعياتي فلسفو سبب ۽ نتيجي جي تعلق کي ڪيئن ٿو ڏسي؟

عام شعور **(Common sense)** ۽ مابعد الطبعياتي نقطه نظر:

جيئن پاڻ مٿي چئي آيا آهيون ته عام شعور به سبب ۽ نتيجي جي هوند کان انڪاري ڪونهي پر اُهو سبب ۽ نتيجي جي تعلق کي سادي انداز ۾ ڏسندو آهي. جنهن ۾ هڪ سبب ڪنهن ٻي سبب جو نتيجو ناهي هوندو مثال طور عام شعور مطابق سماج جي طبقاتي تقسيم آسماني قوت جي منشا جو نتيجو آهي پر آسماني قوت

ڪنهن جو نتيجو آهي جي جواب ۾ ڪا وضاحت ڪونهي. ياد رهي ته ڪنهن به لقاءُ جي وضاحت ڪرڻ معني ته ان لقاءُ جو سبب سمجهائڻ، جنهن به لقاءُ جي سبب جي پاڻ کي چاڻ ناهي هوندي پوءِ ان لقاءُ جي اسان وضاحت به نٿا ڪري سگهون ۾ پوءِ مامرو عقل جي دائري کان نڪري ايمان جي دائري ۾ ڦاسي پوندو آهي. انهي سان گڏوگڏ عام شعور سبب ۾ نتيجي جي تعلق کي لازمي نه پر اتفاقي طور ڏسي ٿو مثال طور اسان وٽ ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪا موتمار بيماري ٿي پئي ته هرڪو انهيءَ کي اتفاقي امر چوندو پر هڪ خطي اندر جتي عوام جي وڏي اڪثريت کي پيئڻ جو صاف پاڻي به ميسر نه هجي ۾ مثان وري صحت جي نظام کي پاڻ بيماري لڳل هجي اتي عام ماڻهو جو تعارف بيمار ماڻهو جو ٿي پوڻ ڪو اتفاق نه پر لازمي حقيقت ٿي پوي ٿي. جيڪڏهن صرف ڪنهن هڪ بيماري جو ئي مثال ڏجي ته پاڪستان ۾ سوا ڪروڙ ماڻهو هيپاٽائٽس جو شڪار آهن جن جي گهڻائي سنڌ ۾ بلوچستان ۾ رهي ٿي. مابعدالطبعيات هڪ فلسفياڻو ۾ عام شعور کان اسريل نقطه نظر آهي جيڪو به مختلف طريقن ۾ خيالن سان سبب ۾ نتيجي جي تعلق کي ٽتل ۾ ميڪانڪي انداز ۾ ڏسندو آهي. جنهن ۾ سبب پنهنجي نتيجي کان ۾ قوت پنهنجي اثر کان بلڪل الڳ ٿي ظاهر ٿيندي آهي. مثال طور لبرل حضرات جي خيالن کي ڏسي وٺو جيڪي هن سرمائيدارانٽي نظام کي ته چاهين ٿا پر ان جي اثرن (ڪرپشن، بيروزگاري، دهشتگردي،) جي بغير. هو سمجهن ٿا ته سڌارن سان هڪ سٺي سرمائيداري ممڪن آهي جنهنجا ڪي سائيڊ افيڪٽ نه هجن پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته باهه گرميءَ کانسواءِ ڇاآهي؟ هڪ اثر پنهنجي قوت جو اهڙيءَ ريت اظهار آهي جهڙي ريت هڪ نتيجو پنهنجي سبب جو. سبب ۾ نتيجي يا قوت ۾ انجي اثر جي وچ۾ ڪا ديوارِ چين ڪونهي جيڪا قطعي انداز ۾ ٻنهي کي ڌار ڪندي هجي. انهيءَ کان علاوه مابعدالطبعياتي نقطه نظر سبب ۾ نتيجي جي تعلق کي اهڙي ريت ڏسندو آهي جنهن ۾ سبب فاعل ۾ نتيجو مفعول ٿي ظاهر ٿيندو آهي. سبب ۾ نتيجي جو اهڙو ڳانڍاپو ميڪانڪي آهي. جنهن ۾ مفعول جو فاعل تي اثر ناهي ٿيندو. ڪيميائي دنيا ۾ جڏهن ٻن عنصرن جو عمل (ريئڪشن) ٿيندو آهي ته هڪ فاعل ٻيو

مفعـول نـاهي هونـدو. پـئي عنصـر هڪ ئي وقت فاعـل مفعـول هوندا آهن. ان جو اهو مطلب ناهي ته سبب نتيجي جي لاڳـاپي سبب کي نتيجي تي اوليت حاصل ناهي هوندي. مثال طور تـاريخي ماديت جي اصولن پٽانـدر سـماجي مـادي پيـدوار لاڳاپا سـماجي شعور جي شڪيلن (اخلاق، فن، قانون، مذهب، سياست، سـائنس فلسـفو) کي طـئي ڪنـدا آهن. ان لحـاظ کـان پهـرين حقيقت (سماجي وجود) بنياد يا سـبب ٿيو ٻي حقيقت (سـماجي شـعور) نتيجو پر اسـان اهو به ڏسـون ٿا ته سـماجي شـعور واپس پنهنجي سبب تي اثرانداز ٿيندي انجي تبديليءَ پنهنجو ڪردار به ادا ڪري ٿو. اڄ مابعد جديديت (Post modernism)   مابعد هيئت (Post struncturalism) جا فلسفا يا خيال سبب جي اوليت جا انڪـاري آهن (خاص طـور تي انهيءَ نقطهءِ نظر جو اهم نـالو دريـدا). اهي ٻين ڪيـتيگورين جيـان سـبب نـتيجي جي ڪيـتيگوريءَ کي به رد ڪنـدا آهن. سـندن خيـال سـبب کي نـتيجي کـان اوليت ڏيڻ ئي غلط آهي. سبب هڪ لقاءُ آهي نتيجو ٻيو لقــاءُ جنهن ڪنهن به شئي کي اوليت ڏئي نـٿي سـگهجي. پنهنجي دفـاع هو نٽشي جو سُئي وارو دليل ڪٽي ايندا آهن ته بظـاهر ته سـوئي جي لڳڻ سـان تڪليف ٿيندي آهي ان لحـاظ کـان سُـئي سـبب تڪليف نـتيجو آهي پر موضـوعي حـوالي سـان اها تڪليف ئي هونـدي آهي جيڪا اسان لاءِ تڪليف جو سبب ڳولڻ جو محـرڪ بڻـبي آهي. ان لحـاظ کان تڪيلف سبب سُئي نـتيجو آهي. اهـڙي خيـال پسـند تشـريح جي ســراج نــالي هڪ مارڪسسٽ پت ايئن وائکي ڪــري ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن مـاڻهو جو نانگ جي چڪ سـبب مـوت ٿي پـئي ته نٽشي مطــابق سـبب نـتيجي جو تعلق عجب جوڳو ٿي پـئي ٿو جنهن موت سبب هوندو نانگ جو چڪ نتيجو. بهرحال سبب نــتيجي جي رشـــتي جي صـــحيح ســـمجهه، اســـبابيت جي ڪيٽگـــوريءَ ئي ســمجهائي ٿي پر ان کـــان پهــرين خـــود انهيءَ ڪيٽيگوريءَ جي تاريخي ارتقا تي به اکر ضروري آهن.

اسبابيت تائين خيال جي ارتقا:

فلسفي جي تاريخ هيـوم پهريـون مـاڻهو هو جنهن اسـبابيت جي رشتي تي لکيو اسپينوزا جوهر يا بنياد جي ڳالهه ٻولهه ڪــئي.

هيوم ان ڪان اڳتي وڌي بنياد جي اهم لاڳاپن جي ڳالهه ڪئي. جنهن ۾ هُن اسبابيت تي ڪم ڪيو. هُن چيو ته جڏهن اسان اهو چوندا آهيون ته ”ب“ نتيجو آهي ”الف“ جو ته اسان صرف شين جي ترتيب تي ڳالهائيندا آهيون جنهن ۾ الف پهرين هوندو آهي ۽ ب پوءِ. پر صرف پهرين ۽ پوءِ جي ترتيب سمجهڻ سان اسان پهرين (سبب) ۽ پوءِ(نتيجو) جي تعلق کي نٿا سمجهي سگهون. مثال طور هر ڏينهن پٺيان رات ايندي آهي يا ائين به چئي سگهجي ٿو ته هر رات پٺيان ڏينهن ايندو آهي پر اڄ هر ڪوئي سمجهي ٿو ته نه ڏينهن رات جو ۽ نه ئي رات ڏينهن جو سبب آهي. انجي ابتڙ ڏينهن ۽ رات ڪنهن ٽين حقيقت جو لازمي نتيجو آهن ۽ اها ٽين حقيقت زمين جو پنهنجي محور چوڌاري ڦرڻ آهي. اهڙي ريت اسبابيت اها ٽين حقيقت آهي جنهن ۾ سبب ۽ نتيجو هڪ ٿين ٿا پر هيوم جيئن ته تجربيت پسند (اُهي فيلوسوف جيڪي ڄاڻ جو بنياد يا ماخذ حواسن يا تجربي کي سمجهندا آهن) هيو تنهنڪري هُن سمورن ڪائناتي تصورن يا خيالن تي سوال اٿاريو. پهرين ڏاڪي ۾ برڪلي کان متاثر هيوم جو دليل اهو هو ته انسان جي تجربي جي هڪ حد آهي ۽ ڪائنات لاحد آهي سو هڪ حد، لاحد بابت ڪجهه به صحتمندي سان ڪيئن طئي ڪري سگهي ٿي. هيوم مطابق مثال طور ٿرماميٽر جي اوزار منهنجي تجربي ۾ به سو دفعا جسم جو گرمي پد (بخار) بلڪل صحيح ٻڌايو هوندو. پر اهڙا هزارين تجربا اڃا رهيل هوندا. سو جن تجربن منجهان آءٌ گذريو ناهيان انهن بابت آءٌ ڪيئن ڪجهه چوان، ٿي سگهي ٿو مسقبل جي انيڪ امڪانن منجهان اها ڳالهه رد ٿي وڃي ته ٿرماميٽر جسم جو گرمي پد صحيح ٻڌائي ٿو وغيره. هيوم جي نقطئه نظر جي اهڙي بيهڪ کيس تشڪيڪ پسند (Sceptic) بڻائي ڇڏيو. ڪانٽ (هڪ عقليت پسند فلسفي جيڪي ڄاڻ جو ماخذ دليل يا منطق کي سمجهندا آهن) انهي سوال کي بعد ۾ کنيو ۽ چيو ته حواس يا تجربو ڄاڻ جو صرف خام مال ميسر ڪندا آهن پر انهيءَ خام مال کي عقل ئي ڄاڻ ۾ بدلائي ٿو. عقل جي پيدائشي بيهڪ ئي اهڙي آهي جو هو ڪائناتي تصورن ذريعي ئي حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙي ريت ڪانٽ سمورين ڪيٽيگورين کي موضوعي ۽ دماغ جي ساخت جو

سوال ٻڌائي ڇڏيو. ساڳي وقت هُن هيوم جي تشڪيڪ پسنديءَ سان اتفاق ڪندي اجا انکي طاقت ڏني ته اسان شين جون صرف ظاهري خاصيتون ڄاڻون ٿا يا ڄاڻي سگهون ٿا پر شيون پنهنجي پاڻ ۾ ڇا آهن. اسان اهو ڪڏهن به نه ٿا ڄاڻي سگهون. ٻين لفظن ۾ اسان شين جي ڏيک بابت ڪجهه چئي سگهون ٿا پر جوهر بابت نه. ڪانٽ تي تنقيد ڪندي هيگل لکيو ته توڻي جو جوهر ۽ ڏيک ۾ فرق آهي پر ڏيک جوهر کان ڪو الڳ وجود ڪونهي. اهو جوهر ئي آهي جيڪو ائين اظهارجي ٿو ساڳي وقت سموريون ڪيٽيگوريون صرف اسانجي ذهن جي پيداوار ناهن پر اهي معروضي طور موجود هونديون آهن جن جي عڪس کي اسان پنهنجي ذهن ۾ سمجهون ٿا. سبب ۽ نتيجو به صرف اسانجي ذهن جو نقشو نه پر معروضي دنيا جو تجريدي عڪس آهي. بهرحال هيگل لاءِ معروضي دنيا جو سبب يا جوهر خيال آهي. تنهنڪري اسانجا خيال ان خيال جا عڪس آهن، جيڪي معروضي طور ڪٿي ظاهر ته ڪٿي لڪل انداز ۾ هن مادي دنيا جو ڳر آهن. مارڪس ۽ ٻين ماديت پسند فلسفين پوءِ سبب ۽ نتيجي جي ڪيٽيگوريءَ يا رشتي تي اجا بهتر ڪم ڪيو ۽ سوال پهرين جي ڀيٽ ۾ بهتر انداز ۾ جوابيو رهيو.

اسبابيت (**CAUSALITY**):

عام شعور جي نظر ۾ ڪائنات صرف شين جو ميڙ آهي، جڏهن ته سائنسدانن ۽ جدلي فلسفين لاءِ ڪائنات لاڳاپن ۽ رشتن جو ميڙ آهي. انهن لاڳاپن ۾ هڪ اهم رشتو اسبابيت آهي. اسبابيت اهو رشتو آهي، جيڪو هڪ امڪان (Potential) کي حقيقت (Actual) ۾ بدلائي ٿو. اهو انهيءَ رشتي جي سمجهه جو نتيجو آهي جو اسان پنهنجي ڪائنات ۾ صرف انتشار نه ٿا ڏسون پر سمجهه ۾ اچڻ جوڳي ترتيب به ڏسون ٿا. هڪ اهڙي ترتيب جنهن ۾ لازميت جو عنصر موجود هوندو آهي، جنهن ۾ الف جو ظهور ب جي اظهار جو لازمي شرط هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ اسبابيت جي رشتي سبب ئي اسان سبب ۽ نتيجي جي جدلي ڳانڍاپي کي سمجهي سگهون ٿا. ٻي صورت ۾ سبب ۽ نتيجو هڪٻئي کان الڳ ۽ اتفاقي ٿي ظاهر ٿيندا. اسبابيت کي

سمجهائيندي اسپرڪن ڏاڍو سنو لکي ٿو ته ”اسبابيت ڪائناتي حقيقت آهي. دنيا ۾ ڪوبه لقاءُ اهڙو ڪونهي جيڪو ڪنهن ٻي لقاءُ جو نتيجو نه هجي ۽ خود ڪي نتيجا نه جنميندو هجي............اسبابيت جي (عمل جي) اهم خاصيت سبب ۽ نتيجي جي تعلق جو تسلسل آهي. انهيءَ سببي تعلق جي لڙيءُ جي نه ته شروعات آهي نه پڇاڙي. اها لڙي ٿتي ڪونه ٿي....اها ڪائنات وانگي لامحدود آهي. نه ته ڪوئي پهريون سبب (جيڪو پاڻ بي سبب هجي) هوندو آهي ۽ نه وري ڪو آخري نتيجو (جنهنجا ٻيا ڪي نتيجا نه هجن). جيڪڏهن اسان پهرئين سبب جي وجود کي مڃي وٺون ته اسان مادي ۽ حرڪت جي بقا جي قانون کي ٽوڙي ڇڏينداسين. (تنهنڪري) قطعي پهريون ۽ قطعي آخري کي ڳولڻ جي ڪوشش فضول آهي جيڪا نفسياتي طور وڃي معجزن جي ڪُن ۾ ڪيرائيندي.“

سبب ۽ نتيجي جي جدلي ڳانڍاپي تي اسان مٿين سب هيڊنگز ۾ ڪجهه مثالن سان ڳالهه رکي آيا آهيون پر ڪجهه ڳالهيون ٻيون به آهن جن کي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي.

ڪنهن به هڪ نتيجي جا ڪوڙ سارا سبب ٿي سگهن ٿا جن منجهان ڪي بنيادي هوندا ته ڪي ثانوي. ڪي داخلي هوندا ته ڪي خارجي. انهن سمورن سببن جو نتيجو هڪ ٿي ظاهر ٿيندو آهي. مثال طور ميڊيڪل سائنس مٽي جي سور جا انيڪ سبب ٻڌائي ٿي. يا سنڌ ۾ بي روزگاري کي جيڪڏهن هڪ نتيجي طور سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ته پوءِ سنڌ جو معيار ۽ مقدار جي حساب سان تيزي سان ڪرندڙ تعليمي نظام(جهنجو هڪ نتيجو هاٺوڪي نظام جي گهرجن پٽاندر فني ماهرن جي اڻ هوند ۾ ظاهر ٿئي ٿو.) پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جي نااهلي(جيڪا هرسال روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ بجاءِ اربين رپيا خرچ نه ڪري سگهندي آهي، اهي پيسا واپس وفاقي خزاني ۾ جمع ٿي ويندا آهن) سياست ۾ سماج مٿان جاگيرداراڻي پڪڙ(جيڪا پنهنجي طبقاتي مفادن آهر هر هاڪاري سماجي تبديليءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿي) هي سرمائيدارڻو نظام (جيڪو اجرتن کي هڪ حد ۾ رکڻ لاءَ سماج ۾ بيروزگاري قائم رکندو آهي ۽ ساڳي وقت پنهنجي اڻ برابر

اوسر جي فطرت سبيان سيني کي ترقي جا برابر موقعا ڏيڻ
کان لاچار آهي.) هي رياست جيڪا هن نظام ۾ ذاتي ملڪيت
جو تحفظ ڪري ٿي. اهڙيءَ ريت گهڻ قومي ڪمپنين جي ڦرلٽ
قانوني ڪري اجا به پيا ڪجهه سبب ڳڻائي سگهجن ٿا جن جو
گڏيل نتيجو سنڌ اندر بيروزگاري آهي. (پر متي ڄاڻايل سمورا
اهم سبب چڏي ڪري ڪجهه قومپرست ڌريون صرف ڌاري
آبادڪاريءَ جي ثانوي سبب کي اڳيان ڪٽي اچن ٿيون. اها ڳالهه
توجهه طلب آهي ته سنڌ جي ڊيموگرافڪ تبديليءَ ۾ ٻاهرين
آبادڪاريءَ جو سوال بنيادي (جنهن خلاف گڏيل جدوجهد به ٿيڻ
گهرجي) ۾ سنڌ ۾ بيروزگاريءَ جي حوالي سان ثانوي سوال
آهي.) ساڳي ريت هڪڙي سبب جا ڪوڙ سارا نتيجا ٿي سگهن ٿا،
جن منجهان هڪڙين حالتن هڪڙا سبب اهم ته ٻين حالتن ۾ ٻيا
سبب اهم ٿي سگهن ٿا. مثال طور هڪڙي جسماني بيماريءَ جو
پنهنجو اظهار مختلف اشارن (Symptoms)۔ ۾ ڪرڻ، يا
سرمائيداري نظام کي جيڪڏهن سبب طور ڪٽجي ته نتيجن جي
هڪ ڊگهي لسٽ هتي هڪ ٻي مضمون جي تقاضا ڪندي. هن
بحث کي اتي ئي ڇڏي هڪ ٻي وضاحت ڏيڻ ضروري آهي ته
ڪنهن به سبب کي سبب ٿيڻ لاءِ ۾ نتيجا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪجهه
خاص حالتون، ڪجهه خاص محرڪ گهربل هوندا آهن. جن کي
جيڪڏهن گم ڪري ڇڏجي ته سبب سبب نه رهندو.

اسبابيت ۾ حالتون:

لطيف سائين چيو آهي ته

"تڏهن ڦڪيون فرق ڪن جڏهن امُر ٿئي"

هتي عام طور تي امر جي معني آسماني حڪم جي ورتي
ويندي آهي پر درحقيقت "امُر" اهي حالتون آهن جيڪي ڪنهن
خاص عمل کي سببي يا انجي ظهور کي لازمي يا يقيني بڻائين
ٿيون. ڪنهن به سبب کي عمل پذير ٿيڻ لاءِ خاص حالتون گهربل
هونديون آهن. اهو انڪري به ته هڪ سبب جو سبب ٿيڻ ۾ نتيجا
پيدا ڪرڻ هڪ پورو عمل (Process) آهي، جنهن ۾ ڪوڙ سارا ٻيا
عمل ٿورو يا گهڻو پنهنجو حصو وجهندا آهن. جدلي منطق انهيءَ
پوري پيچده عمل ۾ هڪ سبب کي ۾ ان سان لاڳاپيل حالتن کان

الڳ ڪري ڏسندو آهي پر رسمي منطق سبب ۾ انجي حالتن ۾ فرق ناهي ڪندو ۾ حالتن کي به سبب طور ڏسندو آهي. مثال طور جانورن (خاص ڪري مينهن) کي هڪ بيماري ٿيندي آهي گهوگهو (Hemorrhagic Septicemia) جنهنجو ڪارڻ يا سبب هڪ بيڪٽيريا آهي جنهن کي (Pasteurella multocida) چوندا آهن. اهو بيڪٽيريا هر وقت هوا، يا خارجي ماحول ۾ ايتريقدر جو جانور جي جسم ۾ به موجود ٿي سگهي ٿو پر هو بيماري پيدا ڪرڻ جي اهل ناهي هوندو. پر جڏهن جانور جسماني طور ڪنهن بي سبب جي ڪري ڪمزور ٿئي، يا برساتن ڪانپوءِ جڏهن هوا ۾ گهم جو مقدار وڌيل هجي ۾ جانور دٻاءُ جو شڪار ٿئي ته پوءِ اهو بيڪٽيريا تمام گهٽي تيزي سان پنهنجي انگ کي وڌائيندي بيماري پيدا ڪري وجهندو آهي. پر عام پاڇيي لاءِ بيماري جو اهو سبب برسات طور ظاهر ٿيندو آهي جيڪڏهن واقعي به برسات سبب هجي ها ته سموريون مينهنون بيمار ٿين ها. تنهن ڪري پيا سمورا محرڪ سبب نه پر اُهي حالتون هيا جن ۾ ڪو سبب عمل پذير ٿي سگهي ٿو. لينن جي ان مشهور جملي کي هتي ورجائڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي ته بغير انقلابي حالتن جي ڪو به انقلاب نه ٿو اچي سگهي ساڳي وقت ضروري ناهي ته هر انقلابي حالت لازمي طور تي انقلاب کي جنمي. اهڙي ريت هِن ڪيٽگوري کي سمجهڻ مان اسانکي اِهو سبق به حاصل ٿئي ٿو ته اسان سماجي تبديلي ۾ آزادي جي خواب کي تيستائين ساپيان نه ٿا ڪري سگهون، جيستائين پنهنجي طبقاتي ۾ قومي غلاميءَ جي سببن ۾ حالتن جي پيچيده رشتي کي گهرائي سان نه ٿا سمجهون.

خطرناڪ طبقن کان خاموش باغين تائين
ٽين دنيا □ شهري پورهيتن جي سياست

آصف بعيت/ شآهه عنايت



تعارف: قومي رياستن جي ڪردار □ ملڪي سرحدن جي خاتمي، زندگي جيئڻ جي ڍنگ سميت مختلف ثقافتن، سياسي □ سماجي فرقن جي ميسارجڻ □ هڪ عالمگير هم آهنگي جي جنم جهڙن گلوبلائيزيشن ٿيسز جي ڪن سواين "نڪاٽُن" ۔ ڪي نه مجيندي به ان حقيقت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته سرمائي جي بي انداز ڦهلاءُ کان ويندي اُن جي بي بها ارتڪاز □ عالمگير منڊي جي اصولن مابعد بينڪيتي سماجن تي تمام گهرا اثر ڇڏيا آهن. ترقي پذير مُلڪن □ "عالمگيريت" ۔ جي ان نئين □ جديد انداز □ جُڙت جو هڪ به رُخو □ واضح اثر نظر اچي ٿو جنهن □ هڪ پاسي ته هڪ عالمگير يڪسانيت جنم وٺي پئي □ ساڳئي ئي وقت ٻئي پاسي کان پورهئي جي تيزي سان غير رسمي ٿيڻ سبب ان پرت جي مضبوط □ هِڪ ڪرو سماجي ڪردار تيزي

ســـان گهٽجنـــدو پيو وڃي. (يعـــني هڪ پاسي ته دُنيا جي وڏي اڪثريت کي کوڙ سارين معنائُن ۾ جـوڙڻ ۾ هڪ کـرڻ جو عمل تيزي سان جاري آهي پر ٻـئي پاسي انهن سـماجن جي هڪ وڏي اڪثريت کي مختلف غـير رسـمي پـورهين ۾ ورهـائي کين گـڏيل سماجي ترقي منجهان خـارج ڪيو پيو وڃي.) ٽين دُنيا جي اڪـثر مُلڪن ۾ سوشلسٽ ۽ عوامي حُڪومتن جي سلسـليوار خـاتمي ۽ "اسٽرڪچرل ايڊجسٽمينٽ پلان" تحت نيوـلبرل معيشـتن جي قيام سان اُتي قـائِم فلاحي رياسـتن ۽ گـڏيل سـماجي ذميـواري جي تصـور جي بيک نڪـري چُڪي آهي. ان ڪـري انهن مُلڪن ۾ موجــود اُهي لکين ڪــرُوڙين مســڪين ۽ نــادار مــاڻهو جن جي گُذران جي ذميواري اڳي رياست تي هوندي هُئي هاڻي بي يــار و مددگار آهن ۽ سندن گُذر سـفر جي سڄي ذميـواري سـندن ئي ڪمـزور ڪُلهن تي اچي ڪِـري آهي. رهـائش، ڪِـرائي ۽ سـيدي سامان جي قيمتن تي رياسـتي ڪنـٽرول جي خـاتمي سـان انهن لکين خاندانن جي بي گهر ۽ بي سهارا بڻجڻ جو عمل سماجن ۾ تــيزيءَ ســان ڦهلجي رهيو آهي. ســماجي ڀلائي جي ڪمن تــان رياست جي سلسليوار هٿ ڪٽڻ جي عمل سان انهن مــاڻهن جي صـحت، تعليم، رهـائش ۽ شـهري تـرقيءَ جي مناسب سـهولتن تائين رسائي ذري گهٽ نـاممڪن بڻجي وئي آهي. غـذائي جنسن ۾ ڪراين پاڙن تي اڳي ملندڙ سرڪاري ريـاعيتن جي سلسـليوار خــاتمي انهن لکن ڪــروڙن مــاڻهن جي زنــدگيءَ جي معيــار کي خطرنــاڪ حد تــائين ڇيهو رســايو آهي. ان ئي وچ ۾ ســرڪاري ادارن کي خانگائڻ يا نيم سرڪاري بنـائڻ جي لهر جو نـتيجو اهو نڪتو آهي جو قنــاعتي پاليســين جي نــالي ۾ لکن جي تعــداد ۾ پـورهيتن کي انهن ادارن مـان نيڪـالي ته ڏني وئي آهي پر نه ته سـرڪار انهن لاءِ ڪنهن ٻـئي مناسب روزگـار جو بندوبست ڪيو آهي ۽ نه ئي وري انهن "قناعتي پاليسين" سان ملڪي معيشتن ۾ ڪي ذڪر جوڳا سُڌارا آيا آهن. ورلڊ بينڪ جي 1995 جي هڪ رپورٽ مطابق لاطيني آمريڪا ۾ وچ اوڀر جي پُراڻين سوشلسٽ ملڪن ۾ نيو لبرل معاشي پاليسين جي اطلاق دوران صرف نوي جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ ئي رسمي شعبي ۾ روزگـار ڪنـدڙ پورهيتن جي تعداد ۾ 5 کان 15 سيڪڙي تـائين لاٿ آئي. جـڏهن

ته آفريڪا ۾ اسي جي ڏهاڪي ۾ بيروزگاري جي وڌندڙ شرح ساليانو 10 سيڪڙو هُئي ۾ بيروزگارن جي ان هر سال وڌندڙ فوج کي ڏهاڙي تي ئي سهي پر گهٽ ۾ گهٽ روزگار مُهيا ڪرڻ جي شرح پڻ وڌڻ بجاءِ ساليانو طور گهٽجي رهي هُئي. سي آئي اي جي 1992 جي هڪ رپورٽ مطابق نوي جي ڏهاڪي تائين دُنيا اندر بيروزگارن جو تعداد هڪ عرب ماڻهن جي چرڪائيندڙ انگ تائين پُهچي چُڪو هو جيڪو اُن وقت دُنيا جي ڪُل آبادي جو ٽيون حصو بڻيو پئي ۾ انهن بيروزگارن کي يا ته سِري ڪان ڪوئي روزگار هُيو ئي ڪونه ۾ جي منجهن کي جيئڻ جي جُهد ۾ ڪنهن ڏنڌي سان لڳا به پئي ته به سندن معاشي حالت انتهائي ابتر هُئي. هاڻي صورتحال وڃي ان نهج تي پُهتي آهي جو ڪنهن دور ۾ پڙهيل لکيل، سُڪين ستابن، نوڪري يافته يا شاگردن توٽي ٻني ٻاري منجهان مُناسب گذر سفر ڪندڙ ۾ ماضي ۾ وچولي طبقي ۾ شمار ٿيندڙ ماڻهن جو هِڪ وڏو تعداد معاشي تنگدستيءَ سبب شهري مزدورن ۾ تبديل ٿي ويو آهي جيڪي گهٽي ڀاڳي شهرن ۾ جاري اڏاوت جي ڪمن ۾ مزدوريون ڪن ٿا. اهڙي ريت جتي هڪ پاسي ان نئين معاشي عالمگيريت تين دُنيا جي سماجن ۾ ڪن مخصوص گروهن کي معاشي ترقي جي معراج تائين پُهچايو آهي اُتي ئي انهن ساڳين ئي معاشي پاليسين سبب ڪروڙن جي تعداد ۾ ماڻهو نه صرف ترقيءَ جي سفر مان ڪٽجي معاشي تنزل جو شڪار ٿيا آهن پر ساڳئي ئي وقت غير رسمي شعبن جي ور چڙهي پنهجي گڏيل طاقت پڻ وڃائي چُڪا آهن. هاڻي انهن سماجن ۾ بيروزگارن، ناڪافي ۾ "هوائي" روزگار تي گُذران ڪندڙ ماڻهن، گِلين ۾ چونڪن تي روزگار جي تلا ش ۾ سرگردان مزدورن، لاوارث رُلندڙ ٻارن ۾ جُرم جي دُنيا ۾ غرق انهن سماجي "اڇوتن" جي هڪ فوج آهي جنهن کي ڪتي سماجي طور ڌتڪاريل، ڪتي شهري اڇوتن ته ڪٿي وري شهري غريبن جي نانءُ سان سڏيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ سماجي اڇوتن جو اهو گروهه تاريخي طور ڪا بلڪل نئين سماجي اِڪائي ناهي تنهن هوندي به هن جديد معاشي عالمگيريت جو خاصو اهو آهي ته ان سماجي طور ڌتڪاريل انهن ماڻهن جي تعداد کي نه صرف تاريخ جي بلند ترين

انگ تـائين پُڄـايو آهي پر ڪين معاشي طـور انسـاني تـاريخ جي اونهي تــرين اوڙاهه ۾ پڻ ڦٽو ڪيو آهي. بين الاقــوامي پورهــئي جي تنظيم جي 1999 جي هڪ رپــــورٽ مطـــــابق 1998 جي معاشي بحـران جي نـتيجي ۾ روزگـار وڃائينـدڙن جو تعـداد ڏکڻ ڪوريا ۾ 20 لک، ٿائيلينڊ ۾ 30 لک ۾ انڊونيشيا انـدر هڪ ڪـروڙ جي چرڪائيندڙ چوٽيءَ تي وڃي پُهتو. هن جُڳ جي نئين ۾ انوکي خاصـيت اها آهي ته هن ۾ لڳ ڀڳ سـمورن سـماجن سـماجن ۾ ماضي ۾ خوشـحال رهنـدڙ ۾ مـاني مچيءَ واري مـڊل ڪلاس جو پڻ هڪ وڏو حصو معاشي تـنزل جو شــڪار ٿيو آهي. غــريب هــاٽي رڳو ڪچين آبـادين ۾ رهنـدڙ، گهـٽين ۾ گهـور ڪنـدڙ، يا روزگــار جي تلاش ۾ رُلندڙ پورهيت نه رهيا آهن بلڪه پڙهيل لکيـل، سُـهڻي ۾ سُنهري مستقبل جا خواب ڏسندڙ وچـولي طبقي جا لکين مـاڻهو پڻ ان گروهه جو حصو بڻجي ويا آهن.

سوال اهو آهي ته ٽين دُنيا جي شهرن ۾ ڪرُوڙن جي تعــداد ۾ رهندڙ اهي سماجي اڇوت سـندن زنـدگين تي اثر انـداز ٿينـدڙ مجموئي سماجي صـورتحال کي مُنهن ڏيڻ لاءِ جيڪـڏنهن ڪُجهه ڪن ٿا ته ڇا ۾ ڪـــيئن؟ اُهي جيڪي ان معاشي عـــالمگيريت جا حـامي آهن چـون ٿا ته قـوم جي سلسـليوار معاشي تـرقي نيٺ هڪ ڏينهن اوسر جي عبــوري دور ۾ قُربــانيون ڏينــدڙ ۾ تڪليف ڏسندڙ پـورهيتن تـائين پڻ پُڄنـدي ۾ سـندن سـمورا ڏُک درد دور ڪـــري ڇڏينــدي. جيســتائين اهو ٿــئي تيســتائين ڪنهن ممڪن سماجي بغاوت کـان بچڻ لاءِ اين جي اوز کي فنڊ ڏئي همٿـايو ٿو وڃي ته اُهي سماجي ڀلائي ۾ ٿوري ٿڪي روزگار جي سهولتن ۾ سيڙپڪاري ڪري ان زخم تي وقتي طـور ڪو ملم رکن. حقيقت ۾ ڪي ماڻهو ٽين دُنيا اندر اسي جي ڏهاڪي کـان اينـدڙ اين جي اوز جي تعـــداد ۾ ڪم ۾ مســـتقل واڌاري کي ڏسن ئي هيـــئين سطح تي سماجي ترقي لاءِ هڪ منظم تحرڪ جي صورت ۾ ٿـا. تنهن هونـدي به پلي اهو مڃي به ونجي ته ســماجي تــرقي جي شــعبن ۾ ڪم ڪنــدڙ مختلف اين جي اوز جي ڪم ۾ ڪـــردار ۾ فرق موجود آهي تڏنهن به اهو چوڻ يا مڃڻ خام خيـالي ئي آهي ته ڪو اهي اين جي اوز غريبن کي آزاد، هڪ ڪـري ۾ جمهـوري اوٿر ڏيـــارڻ ســـگهه رکن ٿيـــون. جـــيئن نيل ويبســـتر (1995)

هندستان ۾ اين جي اوز جي ڪم تي ڳالهائيندي لکي ٿو ته اين جي اوز جا حامي سندن ڪم جا گُڻ ڳائيندي ڪُجهه سوايو ئي جذباتي ٿي وڃن ٿا ۾ منجهن ڪي گهٽيون ئي اميدون وابسطه ڪري ٿا ويهن. ايئن ڪندي هو اين جي اوز جي جُڙت جي ڪجهه بنيادي تضادن ۾ انهن جي نتيجي ۾ جنم وٺندڙ سندن حد بندين جهڙوڪ مڊل ڪلاس ۾ نوڪري پيشه سماج سڌارڪن جي سرواڻي، سماجي جوابدهي يا ذميواري ڪان آزادي ٽوٽي اين جي اوز جي سچي سمجهه ڪان پڻ اکين ٻوٽي ٿا ڇڏين. وچ اوپر ۾ اين جي اوز جي ترقي جي نالي ۾ ڪيل ڪم کي جانچڻ ڪان پوءِ آءُ پاڻ نيل جي راءِ سان سهمت آهيان.

ڪاٻي ڌُر ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي شناخت جي بنياد تي سياست ڪندڙ ڪيئي رد انقلابي ۾ تنزل پرست سياسي ڌُرين ڏانهن اشارو ڪندي ڪين ان معاشي عالمگيريت خلاف مزاحمت جي ئي هڪ صورت طور سمجهائين ٿا جيڪي ان عالمگير نظام خلاف ان جي ئي هٿيارن يعني جديد ٽيڪنالاجي جي اوزارن جو استعمال ڪن ٿيون. اهي شناخت جي بنياد تي سياست ڪندڙ ڌريون مابعد ٻينڪيتي سماجن ۾ گلوبلائيزيشن جي پيدا ڪيل ڪجهه چيلينجن سان جهيڙين ته ضرور ٿيون پر ياد رهي ته اهي عام ماڻهو جي حقيقي پيڙائُن ۾ مسئلن ڪان وڌيڪ مڊل ڪلاس دانشورن جي جذبن جون ترجمان هونديون آهن. سماج جا اهي "هريجن" ڇا سوچين ٿا يا ڇاڪن ٿا؟ جيڪڏنهن اهي ڪائي سياست ڪن ٿا ته اها ڪهڙي آهي؟ هن مضمون جو مقصد ئي انهن سوالن کي جوابڻ جي ڪوشش آهي. حال ۾ موجود ان گروهه جي سياسي صورتن ٽوٽي اهم سماجي پاسن جهڙوڪ سندن غربت جي ثقافت، جيئندان لاءِ جُهد، شهري سماجي تحريڪن ۾ روزاني جي بنياد تي ٿيندڙ مزاحمتن جو تنقيدي جائزو وٺندي منهنجي ڪوشش اِهو ڏيکارڻ هوندي ته هي نئون معاشي نظام ڪيئن هڪ پيرو ٻيهر غلامي جي صورتن جهڙوڪ بيروزگارن جي هڪ فوج جي صورت ۾ ديوار سان لڳايل ۾ ڌتڪاريل ماڻهن، روزگار جي ڳولها ۾ سرگردان پورهيتن ٽوٽي ڳلين ۾ رُلندڙ ٻارن کي جنمي ٿو. منهجي اها ڪوشش پڻ هوندي ته آءُ انهن سماجن ۾ ان قسم جي سياسي اٿل پٿل جي

گنجائش ۾ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ سياست کي پڻ سمجهايان جنهن کي موجوده (۾ جامد) نظرياتي نقطه نظر نه ٿا سمجهائي سگهن. آءُ ٿين دنيا جي شهرن ۾ رهندڙ انهن اڇوتن جي مزاحمت کي هڪ نئين انداز ۾ سمجهائڻ جو سعيو ڪيان ٿو جنهن کي آءُ "خامش سرائِيت" سڏيندو آهيان. خاموش سرائيت مان منهجي مراد اها غير اجتمائي پر طويل ۾ سڌي مزاحمت آهي جيڪا اهي فرد يا خاندان خاموش ۾ (عام اک سان) نظر نه ايندڙ غير قانوني طريقي سان زندگي جي بنيادي سهولتن جهڙوڪ اجهي، روزگار يا واپار جي مناسب سهولتن يا سماج اندر پنهجي لاءِ جاءِ ناهڻ لاءِ ڪن ٿا. جيتوڻيڪ منهنجو اهو نقطه نظر وچ اوير جي شهرن ۾ مڊل ڪلاس جي سماجي عملن جي اپياس منجهان جڙيو آهي تنهن هوندي به آءُ پانيان ٿو ته اهو ٿين دنيا جي ٻين شهرن تي پڻ لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

موجوده نقطه نظر

شهري اڇوتن جي اهڙي سماجي جائزي جا پيرا پُنتي اوڻويهين صديءَ تائين وڃن ٿا. شهرن جي جڙڻ يا اسرڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن جهڙوڪ شهرن اندر ٿيندڙ جُرم، بيروزگاري، لڏپلاڻ يا ثقافتي فرقن کي سماجي ماهرن نهايت ئي غير جانبدار ۾ سائنسي انداز ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. جارج سِميل جو ڪتاب "اجنبي" پورهئي جي تلاش ۾ شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ايندڙ انهن پورهيتن جي سماجي_نفسياتي رجحانن جو جائزو هو جڏهن ته دُرخائيم وري خاص ڪري انهن گروهن جي اخلاقي پستيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. اهو ۾ ان جهڙو ٻيو ڪافي نظرياتي ڪم هو جنهن بعد ۾ 1920 ۾ 1930 جي ڏهاڪن ۾ آمريڪا جي شهر شڪاگو ۾ موجود "شڪاگو اسڪول آف سوشيولاجي اينڊ اربن اسٽڊي" طرفان ان ئي موضوع تي ٿيندڙ ڪم ۾ نهايت ئي بنيادي ڪردار ادا ڪيو. ان دور ۾ شڪاگو اندر هنڌين ماڳهين مختلف نسلن ۾ ثقافتن سان واسطو رکندڙ اهڙا لکين پورهيت موجود هُئا ۾ روزاني جي بنياد تي لڏپلاڻ ڪري پهچي رهيا هُئا جيڪي آمريڪا جي مختلف علائقن منجهان هُئا. ايوريٽ اسٽونڪئِسٽ (1935)۽ ۾ رابرٽ

پارڪ (1928) لڏپلاڻ ڪري ايندڙ انهن پورهيتن جو جائزو وٺندي ان نتيجي تي پهتا هُئا ته اهي پورهيت سياسي، سماجي ۽ ثقافتي طور "مارجينل" هُئا. سندن اهڙي حيثيت انهن جي ثقافتي دوئي سبب پيدا ٿي هُئي. ٻين لفظن ۾ اهي پورهيت ٻن ثقافتن (شهرن جي ثقافت ۽ سندن اصلوڪي ثقافت) جي وچ تي لٽڪيل هُئا ۽ ٻنهي منجهان ڪنهن به هڪ ۾ پوري ريت شامل نه هُئا.

شڪاگو جي انهن "فعليت پسند" سماجي فلسفين جي اُبتڙ ان دور جي مشهور مارڪسي دانشورن ان ڳالهه تي ڪو گهڻو ڌيان نه ڏنو. رسمي مزدورن کي انقلاب جو هر اول دستو سڏيندي ان دور جي مارڪسي نظرئيدانن يا ته شهرن ۾ رهندڙ ۽ غير رسمي پورهيا ڪندڙ انهن ماڻهن کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو يا پوءِ انهن کي لمپن پرولتاري يا نيم پرولتاري سڏي سماجي تبديلي جي عمل کان ڌار ڪيو ٿي. هال ڊريپر (1978) لکي ٿو ته ان دور جي مارڪسسٽن جي اهڙي روش انهن پورهيتن جي حالت ۽ قوت بابت هڪ نه ختم ٿيندڙ غلط فهمي ۽ غلط ڪٿ يا اندازي کي جنم ڏنو. مارڪس وٽ لمپن پرولتاري سياسي معيشت جي هڪ اهڙو ڪُليو هو جنهن ۾ سماج جا اهي ملڪيت کان وانجهيل ماڻهو شمار ٿيا ٿي جيڪي ڪا پيداوار نه پياڪن. پورهيو نه ڪندڙ اهڙا پرولتاري جن ۾ فقيرن، چورن، ٺڳن ۽ مُجرمن جهڙا متروڪ سماجي عنصر شمار ٿي ٿيا جيڪي ٻين جي پورهئي تي ٽڳندا هُجن. سندن اهڙي پوزيشن سبب مارڪس سمجهو ٿي ته جيئن ته انهن جا پورهيتن جي سياست سان ڪي سڌي ريت جُڙيل مفاد نه آهن انڪري اهي سياسي طور اعتماد لائق ناهن ڇاڪاڻ ته سندن سياست آخري نتيجي ۾ پورهيتن جي سياست کي ڇيهو رسائيندي. سندن اها اٽ چٽي سياسي پوزيشن ئي آهي جيڪا لمپن پرولتارين کي مارڪس ۽ اينگلس جي نظر ۾ "سماجي گجُ"، "طبقن مان خارج" يا پوءِ "خطرناڪ طبقو" بڻائي ٿي. جيتوڻيڪ مارڪس ٻئي دور ۾ اچي انهن ماڻهن کي سرمائيداري اندر پورهيتن جي هڪ واڌو فوج سڏيندي ڪين بحرحال پورهيتن ۾ شمار ڪيو پر تنهن هوندي به مارڪس جي ان خيال جي اهميت ۾ وُقعت سرمائيداري جي جديد ۾ نئين سِر

جُـڙت (نيوــلبرل دور) ۾ بحث هيٺ آهي جنهن ۾ مـارڪس پـاران "پورهيتن جي واڌو فوج" سـڏيل انهن مـاڻهن کي روزگـار ملڻ جا امڪان نه هُجڻ برابر آهن. ڪجهه سماجي نظرئيدان ته ان نـتيجي تي پڻ پهتا ته جديد سـرمائيداري پـورهيتن جي ان واڌو فـوج کي بچائي رکڻ بجـائي کين سـرمائيداري تعلقن ۾ ضِـم کـري چُڪي آهي. ايسـتائين جو فرانز فينن طرفـان ان لمپن پرولتـاري طبقي جي بينڪيتن انـدر انقلابي ڪـردار جي دعـويٰ ڪنـدي سـندن سگهاري دفـاع بـاوجود به ٽين دنيا جـون ڪميونسٽ پـارٽيون انهن شهري اڇوتن کي پورهئي لاءِ جاکوڙيندڙ ڏڻ کان مـتي کا حيـثيت ڏئي نه سـگهيون جيکوپـورهيت طبقي سـان سـندن جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي امکاني سگهه رکي ٿو. ان باوجود به کـوڙ سـارين اُسرندڙ معيشتن ۾ غير رسمي شعبن ۾ کم کندڙ انهن پـورهيتن جو تعداد رسمي پـورهين ۾ بر سـرِ پيـڪـار مـزدورن کـان پڻ گهڻو وڌي وڃڻ ۾ ان سـبب انهن معيشـتن لاءِ پيـدا ٿينـدڙ امڪـاني سياسي خطرن سبب اهي اڇوت هڪ پيرو پيهر علمي ۾ سياسي بحثن جو موضـوع بنجي ويا آهن. ان کـري ئي "غـير رسـمي" ۾ "لمپن پرولتاري" جهـڙن تزليل آمـيز لفظن جي جـاءِ تي مِـکگي (1979)ـ ۾ کوهِن (1982) انهن پـورهيتن کي "ابتـدائي يا اوائِلي پورهيت" (Proto-proletariat) سڏيو آهي ۾ ورسلي (1984) کين شـهري پـورهيت چـئي ٿـو. مـٿين تنهي نـالن منجهـان انهن پـورهيتن جي سياسي ۾ سـماجي کـردار جو اعـتراف واضح نظر اچي ٿو. ان کانسِواءِ آمريڪا اندر 1960 جي ڏهـاڪي ۾ سـماجي سائنسـدانن گهـٽي پـاڳي ٽين دنيا جي انهن شـهري پـورهيتن جي سماجي حـالتن ۾ سـندن سياسي کـردار تي ئي هڪ سـنجيده ۾ منظم کم کيو. اُسرندڙ مُلکن ۾ جديديت ۾ شـهرن ڏانهن ٿينـدڙ لڏپلاڻ سبب انهن مُفلس ۾ غـريب پـورهيتن جي کچين بسـتين ۾ هڪ ڊرامائي انداز ۾ اضافو ٿيو آهي. ايستائين جو ان هيئين پـرت جي ان انداز ۾ اوسر کي ته ڏٺو ئي انهن مُلکن ۾ ريڊيکل گوريلا تحريکن لاءِ هڪ موزون هنڌ جي صورت ۾ ٽي ويـو، جيکي سـرد جنگ جي زمـاني ۾ انهن مُلکن انـدر ڏيهي امـير طبقي ۾ آمريکا جي سياسي مفادن کي چيهو رسائيندڙ سمجهيا ٿي ويا. ان ڏس ۾ سياسي پنڊت چيني انقلاب (1949)، کيوبا جو انقلاب (1959) ۾

ٽين دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ اسرندڙ گوريلا بغاوتن کي ان ڳالهه جي هڪ ثبوت طور ڏسندا هُئا. تنهن هوندي به اهو بهرحال لاطيني آمريڪا ئي هو جنهن تمام گهٽي بحث هيٺ رهندڙ ان شهري هيٺئين پرت جي سياسي ۽ سماجي ڪردار بابت موجود نظرين يا خيالن تي تجربن لاءِ هڪ ليبارٽري جو ڪم ڏنو. ڪيترن سارن سياسي پنڊتن جيان سيموئيل هنٽنگٽن (1968)۽ جون نيلسن (1970) جو ڪيل ڪم پڻ انهن ئي خدشن جو اظهار هو. ان سموري ڪم ۾ اهم ڳالهه اها آهي ته ان ۾ گهٽو تٽو بحث رياستن اندر جاري نظام کي غريبن پاران موجود سياسي خطري تي ئي ٽيل آهي. دانشور، خاص ڪري سياسي سائنسدان ان هڪ سوال ۾ ئي ڦاٿل هُئا ته ڇا شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ايندڙ اهي غريب واقعي هڪ اهڙي قوت آهن جيڪا موجود نظام کي ڊاهي پٽ ڪري؟ جون نيلسن جو مڃڻ هو ته ان ڳالهه جي ڪا به شاهدي نه آهي ته ڪو شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ايندڙ اهي غريب ريڊيڪل يا تشدد ڏانهن مائل به ٿي سگهن ٿا. اهڙي سمجهه تڏنهن انهن غريبن جي زندگيءَ جي روزاني جي ڪارونهوار پنهيان موجود مُحرڪن کي نظرانداز ٿي ڪيو. ڪيترن سارن دانشورن ان دور ۾ انهن پورهيتن جي سياست کي هڪ اهڙي ڪُن ۾ ڦاٿل ٿي ڀانيو جنهن جي هڪ پاسي مزاحمت هُئي ۽ ٻئي پاسي مانار. اهو ئي سبب هو جو اُهي ان مسئلي کي هڪ نئين انداز سان سمجهڻ ۾ ڏسڻ کان قاصر هُئا. لازميت تضاد جي ٻنهي ڇيڙن جي مدد ٿي ڪئي. انهن جاري بحثن جي نتيجي ۾ اهو موضوع چار واضح ڌارائُن ۾ ورهائجي ويو جهڙوڪ "ماٺاريل غريب"، "جيئندان لاءِ جُهد"، "شهري علاقائي مزاحمت" ۽ "روزاني جي بنياد تي جاري مزاحمت".

ماٺاريل غريب

جيتوڻيڪ عمليت پسند نقطه نظر رکندڙ ڪافي تجزئي نگار انهن شهري غريبن کي انتشار پسند ۽ اخلاقي طور پست ماڻهن جي صورت ۾ ڏسندا هُئا، تنهن هوندي به ڪيترا اهڙا پڻ هُئا جيڪي کين سياسي طور ماٺاريل ماڻهن جو هڪ اهڙو گروهه سمجهندا هُئا جيڪو صرف پيٽ گذران لاءِ جُهد ۾ ئي سُڪ هُجي.

ميڪسيڪو ۾ پيورٽو ريڪو ۾ شهري غريبن جي اهڙين آبادين جي مطالعي تي آڌاريل آسڪر ليوس جو "غربت جي ثقافت" جو نظريو ان ئي خيال جو سائنسي جواز فراهم ڪري ٿو. تقدير پرستي، روايت پسندي، حالتن سان عدم ٺهڪاءُ، بي مقصدگي، ڏُرم، نراسائي ۾ ڪنهن هڪ هنڌ ٽڪاٽو نه ڪرڻ جهڙن چند ثقافتي ۾ سياسي قدرن کي "غربت جي ثقافت" جي مُک پاسن طور ڳڻائيندي ليوس نه چاهيندي به "ماناريل غريب" جي تصور جا بنياد رکي ويو. ان ديوار سان لڳايل ۾ پاسيري ٿيل ماڻهُن جي گروهه جي هڪ الڳ ثقافتي شناخت تي اٽِڪڙي ريت زور ڏيندي "غُربت جي ثقافت" جو اهو تصور ڪئي سالن تائين هڪ سگهاري نقطه نظر طور پاڻ اظهاريندو رهيو ۾ نه صرف آمريڪا اندر غربت مخالف بحثن ۾ پاليسين پر ٽين دنيا اندر مالدار طبقن جي غريبن ڏانهن عمومي تصور جي جُڙت ۾ پڻ بنيادي ڪردار ادا ڪندو رهيو.

ليوس وٽ انهن نادار ۾ مفلس ماڻهن لاءِ موجود هزار همدرديءَ باوجود به سندس نقطه نظر جي ڪوٺُن جي اظهارڻ ۾ ڪا گهٽي ويرم ڪانه لڳي. آسان لفظن ۾ ليوس غريبن جي ان ثقافت کي سماج ۾ موجود مختلف ثقافتن کان الڳ ۾ لازمي وجود طور ڳڻايو ٿي. ليوس پنهنجي اهڙي عموميت پسندي سبب ان حقيقت کي مڃڻ کان بلڪُل عاري هو ته اهي غريب مختلف ثقافتن اندر پنهنجي غربت کي منهن ڏيڻ لاءِ نين ۾ مخطلف طريقن کي آزمائين ٿا ۾ هر هنڌ سندن سماجي ورتاءُ هڪ جهڙو يا آفاقي نه آهي. ورسلي (1984ع) ۾ ان جهڙن ٻين نقادن ليوس جي اهڙي سمجهه تي تنقيد ڪندي کيس هڪ مڊل ڪلاس دانشور سڏيو آهي جيڪو غريبن کي ئي سندن غربت ۾ ماٺار جو ذميوار ٿو سمجهي. اها هڪ دلچسپ ڳالهه آهي ته ليوس جو نقطه نظر جا ڪوڙ سارا پاسا نه صرف شڪاگو اسڪول جي شهري سماجيات دانن جهڙوڪ اسٽونڪوِسٽ ۾ رابرٽ پارڪ جي نقطه نظر پر پٺئين نسل جي ڪجهه دانشورن جهڙوڪ سِميل وغيره جي نظرين سان جام هڪجهڙائي رکن ٿا. جينيس پرلمين (1976ع) ۾ مينيويل ڪيسل (1986) جي غربت جي ان ثقافت تي هڪ سگهاري تنقيد جيتوڻيڪ ان نقطه نظر جي

سرڪاري حلقن ۾ حمايت ته ختم نه ڪري سگهي تنهن هوندي به گهٽ ۾ گهٽ پڙهيل ڪڙهيل حلقن ۾ ان سمجهه جي اهميت ۽ حيثيت ختم ڪرڻ ۾ ضرور ڪامياب وئي. (حصو پهريون)

معاشي طور غلام سماج ۾ فڪري (نظرياتي) آزادي

عبدالنبي چانڊيو



جڏهن شعور يا سمجهه جي ڳالهه ٿئي ته ان مان سماج/ ماڻهو ئي سمجهيو وڃي ٿو. هن جو مطلب اهو آهي ته شعور انساني سماج جو ئي مظهر آهي ان کان ٻاهر ان جو ڪو وجود ڪونهي نه ئي ٿي سگهي ٿو. اهو شعور ۽ سمجهه ئي آهي جنهن وسيلي انسان پنهنجي چوڌاري موجود هن دنيا جي شين ۾ لقائن کان واقف ٿئي ٿو، پنهنجي وجود کي ڄاڻڻ لڳي ٿو ۽ پاڻ ۾ موجود ٻئي دنيا ۾ فرق محسوس ڪري ٿو. سمجهه ۽ شعور ذريعي انسان کي اهو احساس ٿئي ٿو ته دنيا ۾ سماج ۾ ڇا وهي واپري ٿو.

بهرحال هن وسيع ڪائنات، دنيا ۾ سماج کي، سماجي مسئلن ۽ سماج جي پنتي پيل (حقيقت ۾ ڄاڻي واڻي پنتي ڪيل) پرتن، طبقن يعني پورهيت عوام ۽ قومن جي فلاح بهبود، ترقي ۽ خوشحالي جي رازن کي عقل، فهم، غور، ويچار ۽ انساني عمل ذريعي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ کي انساني شعور ۽ سمجهه چئجي ٿو.

عام طور تي، سوچ، عقل، خيال، احساس، ارادا، خواهش، آس امنگ وغيره کي گڏيل طور سمجهه چئجي ٿو. هي شعور مادي دنيا جو عڪس هوندو آهي.

انسان سماجي جيو آهي ان ڪري هن جي شعور ۾ سماجي ماحول جو علم، وهم، ويساهه، عقيدا ۽ اخلاقي قدر سمايل هجن ٿا جنهن سماج ۾ انسان رهي ٿو ان جا قانون ۽ اخلاقي معيار، سوچن ۽ خيالن جا اصول (نظريه) ۽ جمالياتي حسن وغيره هڪ ڏگهي تاريخي عمل رستي ٺهندا آهن هاڻي هي سوال

ته انسان جو شعور يا سمجهه آزاد ڪليل ماحول □ اوسر □ ترقي ڪيئن ڪندو؟ يا اهو سوال هـيئن ڪجي ته ڇا هن سـرمائيداراڻي غلام سماج □ انسان آزادي سان، سوچي سمجهي، غـور □ فڪر ڪري سگهي ٿو. ڀلا جيڪڏهن آزاد ماحول □ آزادي سان سـوچي سمجهي غور □ فڪر ڪـري به سـگهي ته اها ڪهـڙي قسم جي سمجهه □ فڪر هوندو؟ وغيره جهڙن سوالن ڪي اڇو ته تـاريخي طور سمجهون يعني جواب ڳوليون. مان سمجهان ٿو ته انسـاني شــــعور ڪي ٻن دؤرن □ ورهـــائي ســــگهجي ٿـــو. هڪ اوائلي اشتراڪي نظام وارو دؤر جنهن □ انسـان جو شـعور ڪنهن آقـا، حاڪم، سلطان وغـيره جي تـابع هو □ نه ئي رياست □ سـلطنت جاگيرداري، سرمائيداري □ سامراج جي تابع □ هٿ وس هو. اهو سڀ ڪجهه ان ڪــــري هو ڇو ته ان وقت ذاتي ملڪيت جو ڪو وجـود نه هـو. ذاتي ملڪيت نه هـئي نه آقـا، سـلطان، رياست □ سلطنت جو به ڪو وجود نه هو نه وري طبقن جو ڪو وجود هو.

مطلب ته غير طبقاتي سماج □ انسـان جو انسـان تي ڏاڍ □ جبر به نه هو جڏهن معروضي طور ڏاڍ، جبر □ استحصــال نه هو ته موضوعي طور، نفسياتي طور □ شعوري طـور به استحصـال جي ڪا شـڪل موجـود نه هـئي. ان ڪـري چـئي سـگهجي ٿو ته انســان جي ســوچ، ســمجهه □ شــعور به آزاد □ بنا ڪنهن رنڊ روڪ، سـواءِ ڪنهن ڏبـاءَ جي اوسـر، تـرقي، □ واڌ ويجهه پـئي ڪــئي □ ان ڳالهه ڪــان به ڪو انڪــار ڪــونهي ته ان وقت جو شعور اڄ جي ڀيٽ □ گهٽ اسريل هو.

پر اڄ جو شــــعور يعــــني ذاتي ملڪيت جو وجــــود □ اچڻ، طبقــاتي ورڇ، حــاڪم، آقا □ حڪمــران طبقي جو وجـود □ اچڻ سـان استحصــال، ڏاڍ □ جـبر جي شـروعات ٿي يعـني فڪـري، ذهني، نظرياتي مطلب استحصال جي هر شـڪل □ صـورت جي شروعات ٿي.

سرمائيداراڻي نظام □ غالب حڪمـران طبقي جو ئي نظريو هونـدو آهي، ڪنهن به سـماج تي معاشي طـور حڪـومت ڪنـدڙ طبقو ئي ان سـماج تي پڻ ذهـني طــور حڪــومت ڪنــدو آهي، جنهن طبقي جي هٿ □ مـادي پيـداوار جي وسـيلن جي مـالڪي هوندي آهي. ان ئي طبقي وٽ سندس سماج جي ذهـني پيـداوار

جو پڻ اختيار هوندو آهي ان ڪري مادي پيداوار جي وسيلن جي مالڪي ڪان وانجهيل ماڻهن جي اڪثريت جا خيال پڻ حڪمران ڌر جي خيالن جي تابع هوندا آهن.

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته ماڻهو هر عمل پنهنجي مرضي سان ڪري ٿو. ماڻهو بکيو، بيروزگار ان ڪري آهي ڇاڪاڻ ته پاڻ محنت نٿو ڪري، ڪمائي نٿو يا ماڻهو بيمار، ڪمزور ان ڪري آهي ته هو پاڻ صفائي سترائي جو خيال نٿو رکي ۾ توانائي بخش کاڌو نٿو کائي. واقعي ۾ ظاهري ڏيک ۾ ائين ئي لڳي ٿو ته ماڻهو جو پنهنجو عمل آهي جنهن جو هُو پاڻ ذميوار آهي. پر سماجي سائنس جون فلسفياڻيون ڪيٽيگريون ڪجهه ٻيو ٻڌائين ٿيون، ڪيٽيگريون ٻڌائين ٿيون ته ڏيک ۾ حقيقت ۾ تمام وڏو فرق آهي جيڪي شيون يا عمل ظاهر ۾ جيئن نظر اينديون آهن اهي حقيقت ۾ ائين نه هونديون آهن حقيقت ڪجهه ٻئي هوندي آهي.

اهڙي نموني ماڻهو جو عمل يا سماج جا مجموعي عمل سرمائيداراڻي رياست اندر به ماڻهن جا پنهنجا عمل نٿا ٿي سگهن، پلي ظاهري طور ائين لڳندو به هجي پر حقيقت ۾ حڪمران طبقا جهڙي قسم جو سماج جوڙيندا اهڙي قسم جو شعور جڙندو ڇو ته واڳ ڌڻي حڪمران طبقو هوندو آهي. ان ڪري انسان جو سياسي، سماجي، علمي، فڪري، مذهبي فڪر، سوچ، سمجهه ۾ شعور سندن پنهنجي مرضي مطابق يا آزاد نه آهي پر اهو مروج نظام جي تابع يا تاريخي اوسر جو پابند آهي. هڪ اهڙِي سماجي قوت، هڪ اهڙو طبقو جيڪو پنهنجي مرضي سان پنهنجي فائدي لاءِ، سماج جي هر ميدان ۾ پنهنجا فڪر، فلسفا ۾ سوچون وغيره متعارف ڪرائيندو آهي نه رڳو متعارف پر عملي طرح اهو طبقو اهڙو ماحول جوڙيندو آهي جو ڪي فرد اڻ سڌي طرح اڻڄاڻائي بي سمجهي ۾ گهٽ علم سبب ان ڪي صحيح، سچو سمجهي پنهنجو ڪن ٿا ته ڪي وري سڌي طرح ڄاڻندي به سڀ ڪجهه سمجهندي به حڪمران طبقن جي فڪر، فلسفي، سوچ ۾ عقيدي جي ونگار وهندا آهن سنڌ ۾ ڪيترائي اديب، ليکڪ ۾ شاعر وغيره اهو ئي ڪم ڪندي نظر اچن ٿا.

ان ڪري هن نظام جو فڪر، سوچون، خيال ۽ فلسفا وغيره نه رڳو معروضي طور سماج تي حڪمراني ڪن ٿا پر موضوعي، خيالي، روحاني طور به عام فرد ڪان ويندي مجموعي طور سڄي سماج تي سندن حاڪميت هوندي آهي.

هي نظام انسان دشمن، وطن دشمن، قوم دشمن ۽ پورهيت دشمن، فڪر، فلسفن، سوچن، علمن، عقيدن ۽ روين کي قانوني شڪل ڏيڻ لاءِ ۽ پنهنجي حڪمراني کي هميشه قائم رکڻ لاءِ سڀ کان اعليٰ اداري يعني ”رياست“ کي استعمال ڪندو آهي نه رڳو رياست پر ٻين ڪيترن ئي ادارن، هٿ ٺوڪين تنظيمن ميڊيائي ادارن ۽ خاص طور مذهب جيڪو فڪري، نفسياتي جبر جو اهم ۽ وڏو ڪارگر ادارو آهي، جي ذريعي پروپيگنڊا ڪري پنهنجي هر عمل، ڳالهه کي صحيح سچو اخلاقي ۽ انسان دوست ثابت ڪندو آهي يعني هڪ پاسي ته پرامن نموني ماڻهن جي نفسيات ۽ ذهنن تي حڪمراني قائم ڪئي ويندي آهي ٻئي پاسي ضرورت پوڻ تي رياستي مشينري ذريعي جڏهن پُرامن طريقي سان ڪم نه هليو ته پوءِ تشدد، ڏاڍ، جبر، ظلم ۽ بربريت وسيلي عمل ڪرايو ويندو آهي. هي انهن ادارا ئي هوندا آهن جن جي رياست تمام شاندار نموني پالنا ڪندي آهي ڇاڪاڻ ته عسڪري ڪانسواءِ رياست پنهنجو وجود ئي برقرار نه ٿي رکي سگهي.

هن جديد سامراجي دور ۾ سرمائيدار رياستن جي حڪمرانن ۾ طبقن طرفان سڌي جنگ ڪرڻ يا پورهيت تحريڪن ۽ قومن کي ڪچلڻ ڏکيو پلي ٿي پيو آهي پر ناممڪن ناهي. اهو ان ڪري به جو عوام تشدد ۽ جنگ کي رد ڪري ٿو جنهن ڪري عوامي حمايت نٿي ملي ۽ ٻئي پاسي جنگي خرچ آهن جنهن ڪري سرمائيدارن ۽ حڪمران طبقن طرفان نظرياتي، فڪري، علمي ۽ نفسياتي طور سماج، قومن ۽ فردن ۽ پورهيتن کي لولو لنگڙو، ويڳاڻو، اڻ ڄاڻ، جاهل ۽ بيمار رکيو وڃي ٿو.

مڊل ڪلاس جيڪو ٻنهي طرفن لوڏن ۾ هوندو آهي، جي ڳالهه پنهنجي جاءِ تي پر پورهيتن تي به هن سرمائي جو اثر ٿيندو آهي يعني دولتمند ٿيڻ جو جنون، پر پورهيت وٽ سواءِ پنهنجي پورهئي جي سگهه وڪڻڻ جي ٻيو ڪجهه به ڪونهي ان

ڪري پورهيت وڏيڪ محنت ڪري پنهنجون ضرورتون پوريون ڪندو آهي.

هن سڄي بحث مان لڳي ائين ٿو ته جڻ عوام لاءِ، پورهيتن ۽ نوجوانن لاءِ سندن ذهني، نفسياتي، علمي ۽ نظرياتي تربيت ۽ تعليم لاءِ صحيح، سچو انسان دوست، قوم دوست، وطن دوست ۽ پورهيت دوست فڪر فلسفو يعني ڪو متبادل ئي نه هجي مطلب ته ڪا تنظيم ڪا تحريڪ ئي نه هجي؟ مان سمجهان ٿو ته ائين ناهي نه ئي ائين ٿي سگهي ٿو. جدلياتي سائنس ٻڌائي ٿي ته اهو ممڪن ئي ناهي ته تضاد جو هڪ پاسو يعني ظلم ۽ جبر موجود هجي ۽ اُن جو ابتڙ يعني مزاحمت ۽ بغاوت موجود نه هجي.

ها ايترو ضرور آهي ته علمي ۽ نظرياتي (ليبني) تنظيمون ۽ تحريڪون ڪمزور آهن، سڪڙجي ويون آهن، پنهنجي حقيقي قوت وڃائي چڪيون آهن هڪ طرف ڪيترين ئي تحريڪون/ تنظيمون رياستي ڏاڍ سبب سڪڙجي وڃي اُن نهج تي پهتيون آهن جو هاڻي رڳو پنهنجي تنظيمي ڍانچي کي زنده رکيون پيون اچن. ٻئي طرف ڪيترين ئي تنظيمون حڪمرانن جي فڪر جي اثر هيٺ حڪمرانن ۽ رياستي راهه تي روان دوان آهن يعني بورجوازي طبقي جون نمائنده تنظيمون بڻجي چڪيون آهن پر تئين پاسي اها حقيقت به قابل غور آهي ته پورهيت دوست سياسي تنظيمون نئين سر اڀرن ٿيون. طبقاتي قومي ۽ جمهوري سياست ۽ تحريڪ ۽ نئون ساهه وجهن ٿيون نئون ۽ مارڪسزم سان ليس نوجوان ڪيڊر تيار ڪن ٿيون ۽ انهن تنظيمن جي ڪارڪنن لاءِ اتساهه جو سبب بڻجن ٿيون جن جي قيادت پورهيت دوست ڪر کي چڏي شخصيت پرستي جي اوڙاهه ۾ ڪري چڪي آهي. پر پوءِ به اهي تنظيمون نئين جڙت جي مرحلي ۾ آهن. تنهن ڪري رياستي فڪر، فلسفا، اصول ۽ بورجوازي تنظيمون عوام تي ۽ خاص طور تي عام نوجوانن تي حاوي آهن جنهن سبب عوام ۽ نوجوانن ۾ بورجوازي رنگ ۽ ڍنگ، طرز، سياست ۽ نفسيات جو اثر جڙڻ اٽتر آهي. نتيجي طور نه رڳو سياست مان عوامي ۽ پورهيت دوست ڳر ڀَري (دور) ٿي ويو آهي. پر ادب مان به انقلابي فڪر، هليو ويو آهي

جنهن ڪري ادب به لولو لنگڙو ۾ درٻاري قسم جو پيو لکجي، هڪ طرف انقلابي ادب پورهيت دوست ۾ انقلابي تحريڪن جي نتيجي ۾ جڙندو آهي ته ٻئي پاسي پورهيت ۾ انقلابي سياست ادب مان اتساهه وٺندي آهي. انقلابي ۾ نظرياتي ادب ۾ انقلابي ۾ نظرياتي سياست هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن هڪ جو موت ٻئي جو موت هوندو آهي.


تنهنڪري هِن سرمائيداراڻي نِظام ۾ فڪر جي آزادي سميت ڪا آزادي ممڪن ڪونهي. ها اها آزادي لينن جي لفظن ۾ ته ”ڪنهن سرمائيداري سماج ۾ آزاديءَ جو مطلب ساڳيو آهي جيڪو آڳاٽين يونين رياستن ۾ هو انسانن کي غلام بنائيندڙ جي آزادي.“

ٻي عالمي جنگ؛
سوويت هاءِ ڪمانڊ ۾ جوزف اسٽالن جو ڪردار

جاويد يعقوب

”آءُ روسي ماڻهو آهيان،
ڳاڙهي فوج جو سپاهي.
منهنجي ملڪ مونکي هٿن ۾ رائفل ڏني آهي،
۽ هٽلر جي ڪارن ڪتڪن جيڪي منهنجي ملڪ ۾ گهڙي آيا آهن
انهن خلاف وڙهڻ لاءِ مونکي موڪليو آهي.
اسٽالن مونکي ٻڌايو ته لڙائي سخت ۽ خونريزه هوندي، پر فتح اسانجي ٿيندي
مون اسٽالن کي ٻُڌو، ۽ ڄاڻان ٿو ته ائين ئي ٿيندو.
آءُ 193 ملين آزاد سوويت شهرين مان آهيان
۽ انهن سيني لاءِ هٽلر جي غلامي کان موت بهتر آهي......
منهنجي اکين هزارين عورتن ۽ ٻارڙن جا لاشا ڏٺا
جيڪي ريلوي لائين ۽ شاهراهن تي پيل هئا
انهن کي وحشي نازين قتل ڪري ڇڏيو هو.......
عورتن ۽ ٻارڙن جا ڳوڙها منهنجي دل ۾ ٿهڪن پيا.
جلاد هٽلر ۽ سندس ڪتڪن کي وهيل ڳوڙهن جو حساب پنهنجي خون سان ڏيڻو پوندو
بدلو وٺندڙ جي نفرت آڏو رحم ڪا معنى نٿو رکي.“

(سرڪوف جي نثري نظم ”هڪ سپاهي جو حلف“ جيڪو 1941 ۾ لکيو ويو)



اسٽالن جي فوت ٿيڻ کان اڳ ۾ پوءِ

پوري سرمائيدار دنيا ۾ مختلف ڪتابن، اخباري مضمونن، مقالن، فلمن ۽ ايتري حد تائين جو ڊاڪومينٽريز ذريعي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي رهي آهي ته اسٽالن هڪ سفاڪ، ظالم ۽ درنده صفت آمر هو ۽ ڄڻ ته خود هٽلر به ان جي پيٽ ۾ معصوم ٻالڪ هو. نه صرف سرمائيدار مغربي دنيا ۾، پر خود سوويت يونين ۾ پڻ اسٽالن جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ اسٽالن جي ڪردار تي تمام گهٽي سخت تنقيد ڪئي وئي. (جيتوڻيڪ هن مضمون ۾ اسٽالن جي سچي زندگيءَ ۽ سندس ڪردار بابت ٿيل واجبي ۽ غيرواجبي تنقيدن جو جائزو ته نه ورتو اٿم پر فقط ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ اسٽالن جي ڪردار جو مختصر جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. اُن جو هڪڙو سبب هي آهي ته آگسٽ جو مهينو ٻي عالمي جنگ جي پڄاڻيءَ وارو مهينو به آهي.)

توڻي جو، سرمائيدار دنيا هٽلر ۽ اسٽالن کي هڪجهڙو ڪري پيش ڪندي رهي آهي پر اُهي چمبرلين، ونسٽن چرچل ۽ روزويلٽ جهڙن عيار ۽ سفاڪ حڪمرانن تي اکر به ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهن! ٻي عالمي جنگ تي ڪيٽريون ئي فلمون ٺهيل آهن. جن مان ڪجهه نازين طرفان يهودين سان ڪيل ظلم جي داستان تي (Diary of Anne Frank, The Pianist, Grey Zone) ٺهيل آهن. تازو ٺهيل فلم ”ڊريسڊن“ (Dresden) ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته جرمني جي شهر ڊريسڊن کي 1945ع ۾ برطانيه جي بمبار جهازن ڪيئن تباهه ڪيو. پر برطانيه ائين ڇو ڪيو؟ اهو الزام پڻ سوويت يونين تي هنيو اٿن. فلم ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته برطانيه جي حڪمرانن اسٽالن جي مطالبي کي پورو ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ڊريسڊن شهر تي بمباري ڪئي! مطلب ته هنن ”ملائڪن“ جو اهڙو ڪوبه ارادو ڪونه هو!

حقيقت هي آهي ته هڪ طرف نازي جرمني، اٽلي، هنگري، رومانيه جون فوجون ۽ ٻئي طرف، سامراجي جاپان، ته ٽئين طرف ڳجهه ڳوهه ۾ برطانيه، فرانس ۽ آمريڪا طرفان گهيري هيٺ آِيل اڪيلو سوويت يونين هجي ۽ اُن ملڪ جو اڌ حصو ۽ فوج ۽ وسيلا تباهه ٿي چڪا هجن، اهڙين بدترين حالتن ۾ هڪڙي نئين سوشلسٽ ملڪ نه صرف جنگ ۾ سوڀ ماڻي پر انهن سڀني سامراجي ملڪن کي بري شڪست پڻ ڏني ان سموري

ڪارنامي ۽ اسٽالن جي قابليت، دانائي، بردباري، بهادري ۽ اٽڪ جذبي جو تمام وڏو ڪردار هو.

ٻي عالمي جنگ جي حوالي سان جوزف اسٽالن تي سڀ کان گهٽي تنقيد هٽلر سان معاهدو ڪرڻ تي ڪئي ويندي رهي آهي. اصل ۾ برطانيه ۽ فرانس طرفان اتحاد ٺاهڻ واري آڇ رد ٿيڻ ڪانپوءِ مجبور ٿي ڪري اسٽالن آگسٽ 1939 ۾ هٽلر سان ٺاهه ڪيو، جنهن کي Non-Aggression Pact (يعني سوويت يونين ۽ جرمني هڪٻئي سان جنگ نه ڪندا) سڏيو وڃي ٿو، اهو هڪ اهڙو تاريخي ڪارنامو هو جنهن جي نتيجي ۾ برطانيه ۽ فرانس طرفان جيڪا راند سوويت يونين جي خلاف رچائي وئي هئي، اسٽالن وڏي دانائي سان، انهيءَ تير (نازي جرمني) جو رخ موڙي هنن (برطانيه ۽ فرانس) ڏانهن ڪري ڇڏيو. حقيقت ۾، اسٽالن معاهدو ان لاءِ ڪيو ته سوويت يونين ڪنهن به ريت برطانيه ۽ فرانس جي پڙڪايل جنگ جو حصو نه بڻجي ۽ ٻيو ته خود پنهنجي مضبوط دفاع لاءِ سوويت يونين کي پڻ وقت گهربل هو. اسٽالن اهي ٻئي مقصد ان معاهدي ذريعي عارضي طور حاصل ڪيا.[1] جيڪا اسٽالن جي وڏي سفارتي ڪاميابي هئي.

ان حقيقت کي سمجهڻ لاءِ هينري وليم چيمبرلن جهون هي سٽون ڪافي آهن. جيڪي هن پنهنجي ڪتاب ”آمريڪا جو ٻيو جهاد“ ۾ لکيون آهن ته ”ميونخ واري معاملي ڪانپوءِ برطانيه ۽ فرانس کي متبادل پاليسي تي عمل ڪرڻ گهرجي ها، اهي هٽلر کي اوڀر يورپ ڏانهن وڃڻ ڏين ها، چاڪاڻ ته وڏو امڪان اهو هجي ها ته هن جو ٽڪر اسٽالن سان ٿئي ها. هوئن به هٽلر جو مقصد اولهه طرف اڳرائي ڪرڻ جو ته هئو ئي ڪونه. جيڪڏهن هٽلر ڀرپائين برطانيه، فرانس ۽ اولهه جي ٻين جمهوريتن تي حملي ڪرڻ بدران اڳ ۾ اسٽالن جي سلطنت تي حملو ڪري ها ته فوجي، سياسي ۽ جاگرافيائي نقطه نگاهه کان تمام پلو ٿئي ها.[2]

[1] A Lifelong Cause, by Marshal, A. M. Vasilevsky, p, 84, 85

[2] America’s Second Crusade, By William Henry Chamerlain, p, 50-51

ٻي عالمي جنگ ۾ جوزف اسٽالن جي ڪردار جي حوالي سان مٿس سخت تنقيد انڪري به ڪئي ويندي رهي آهي ته هُو (اسٽالن) نازي حملي بابت درست اندازو ڇو نه لڳائي سگهيو؟ نازي حملي کان بچاءَ لاءِ اڳواٽ بندوبست ڇو نه ڪيا ويا؟ وقت سر هدايتون جاري نه ڪري وڏي بربادي ڇو ٿيڻ ڏني؟ جيتوڻيڪ، سوويت جرمن معاهدو ڪرڻ وقت اسٽالن کي پڪ هئي ته جيڪڏهن هٽلر کي موقعو مليو ته اهو سوويت يونين تي حملو ضرور ڪندو، اُن باوجود جوزف اسٽالن کي جڏهن نازي حملي بابت اطلاع ڏنو ويو ته ڪيس اعتبار ڇو نه پئي آيو؟ اسٽالن، جنهن کي جرمني طرفان حملي جي تيارين بابت ڇٽي خبر هئي، ان باوجود، هن سرحدي علائقن ۾ فوجن کي اڳواٽ خبردار ڪرڻ لاءِ منظوري ڇو نه ڏني؟ اصل ۾، جنگ ۾ وقت کان گهٽو اڳ تياري جي حالت ۾ خبردار رهڻ به اوترو ئي خطرناڪ هوندو آهي جيترو دير سان خبردار ڪرڻ. بهرحال سوويت يونين کي ٿيل نقصان لاءِ اسٽالن کي ذميوار قرار ڏنو ويندو آهي ۽ مٿس تمام گهڻي تنقيد پڻ ڪئي ويندي رهي آهي.

مارشل ويسلوسڪي لکي ٿو ته جيتوڻيڪ اسان جنگ لاءِ اڃا تيار نه هئاسين، پر جڏهن ان جو وقت اچي ويجي ته پوءِ اسانکي در جي چائنٺ کان ٻاهر نڪرڻ گهرجي. اسٽالن، پنهنجي بهترين نيڪ نيتي سان، ائين ڪرڻ جي همت نه ساري. ان دير سبب سوويت فوجون بدترين حالتن ۾ وڙهڻ تي مجبور ٿيون. پر جيڪڏهن سوويت فوجون وقت سر متحرڪ ٿي وڃن ها ته دشمن کي پهرين ڏينهن ۾ ايترو نقصان ٿئي ها جو هُو ايترو اڳتي نه اچي سگهي ها. جيتوڻيڪ نازي فوج پنهنجي اقتصاديات کي جنگي بنيادن تي هلايو هو ۽ ان وٽ هٿيارن سميت عددي برتري ۽ جنگي تجربو پڻ هو. اسٽالن درست وقت تي فيصلو نه ڪري سگهيو جيڪا سندس اهم سياسي غلطي هئي. پر اهي ڪهڙا سبب هئا جن اهڙي دورانديش ۽ تجربيڪار شخص کان ايڏي وڏي غلطي ڪرائي؟ اُن جا ڪوڙ سارا سبب هئا.

مثال طور اسٽالن کي اهو يقين هو ته هٽلر حملو ڪندو پر هن پڪو ئي ٿيو ته هٽلر اها جنگ 1942 جي اونهاري ۾ ڪندو، تيسيتائين ڳاڙهي فوج مضبوط ٿي چڪي هوندي. اهو ئي سبب

هو جو جڏهن سوويت ۾ برطانوي جاسوسن طرفان اڳواٽ اطلاع ڏنا ويا ته جرمني حملو ڪرڻ وارو آهي ته اسٽالن ۾ سندس صلاحڪارن اهو مڃڻ کان انڪار ڪيو ۾ هُنن اهو سمجهيو ته جرمني پنهنجا سياسي مطالبا مڃرائڻ لاءِ فوجي ڇرپر ڪري رهيو هوندو. جڏهن ته برطانيه جي جاسوس ادارن طرفان ٻڌايو ويو ته پولينڊ وٽ جرمني جنگي تياريون پيو ڪري. پر ان قسم جي اطلاعن کي مورڳو برطانيه طرفان سوويت يونين ۾ جرمني وچ ۾ ڦيٽاڙو وجهڻ لاءِ هلايل افواهه سمجهيو ويو.

ان حوالي سان مارشل زوڪوف درست ڳالهه ڪئي ته (ان جو بنيادي سبب) سوويت جاسوسي ادارا هئا جيڪي نازي جرمني جي جنگي تيارين بابت صحيح ۾ حقيقي تصوير پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا. مطلب ته انٽيليجنس ادارن جو سوويت جنرل اسٽاف سان لاڳاپو نه هجڻ اهم خامي هئي، جنهن سبب اها غلطي ٿي. اسٽالن جرمني واري معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ سفارتڪاري تي وڌيڪ ڀاڙيو. ٻيو اها ڳالهه اعتبار جوڳي نه پئي لڳي ته جرمني هڪ ئي وقت ٻن محاذن تي جنگ ڪندو. انهن ڏينهن ۾ سوويت حڪومت جنگ کي ٽارڻ/پوئتي ڪرڻ لاءِ هر موقعي جو استعمال ڪيو ته جيئن هٿياربند فوج کي تيار ڪري سگهجي. ساڳئي وقت سوويت جنرل اسٽاف جي اڪثر جنرلن پڻ اها توقع پئي ڪئي ته جيڪڏهن جرمني سوويت يونين مٿان حملو ڪندو تڏهن به ڪيس فوجون ۾ هٿيار جمع ڪرڻ ۾ انهن جي مقرري ۾ ترتيب ڏيڻ ۾ به 10 کان 15 ڏينهن لڳي ويندا. ائين جنگ کان اڳ اسان کي حملي جي خبر پئجي ويندي.

بهرحال، سوويت هاءِ ڪمانڊ مستقبل ۾ ايندڙ طوفان بابت اڳواٽ ئي باخبر ٿي چڪي هئي. فيبروري کان اپريل تائين مختلف سرحدي علائقن جي ڪمانڊرن سان مسلسل آپريشنل معاملن تي بحث مباحثا ٿيندا رهيا. جون جي ابتدا ۾ اٽڪل 8 لک بچت فوج تربيت لاءِ سڏائي وئي ۾ پرتي طور سرحدي علائقن ڏانهن موڪلي وئي. انتهائي تيز رفتاري سان تياريون ڪيون ويون هيون، اهو ئي سبب هو ته 1941 جي وچ ڌاري سوويت يونين وٽ اٽڪل 50 لک فوج هئي. 12 کان 15 جون دوران

سرحدي علائقن جي ڪمانڊرن کي هدايت ڪئي وئي ته فوج کي مهڙ وٽ آڻين. 19 جون تي چيو ويو ته دشمن کي دوڪو ڏيڻ لاءِ هترادو هوائي اڏا، فوجي جٿا، ڊيپو جوڙيا وڃن ۽ جهازن کي ٿورو پري پري بيهاريو وڃي. بهرحال، سوويت هاءِ ڪمانڊ، ڳاڙهي فوج کي حرڪت ۾ آڻڻ ۽ ترتيب ڏيڻ لاءِ جيڪا رٿابندي ڪئي هئي ان کي مڪمل نه ڪري سگهي.

جوزف اسٽالن تي تمام گهڻي تنقيد اها به ٿيندي رهي آهي ته جنگ دوران هُن جو ورتاءُ بي رحماڻو، فيصلي سازيءَ ۾ آمراڻو ۽ ماتحت آفيسرن سان اڏنگو رويو هوندو هئس. هي اڪيلي سر فيصلا ڪندو هو، ڪنهن ٻئي جي راءِ کي اهميت نه ڏيندو هو، هن جي انفرادي ۽ آمراڻن فيصلن جي ڪري تمام وڏا نقصان ٿيا وغيره وغيره.


پر حقيقتون اُنهن تنقيدن جي بلڪل ابتڙ تصوير پيش ڪن ٿيون. پلي چيف آف جنرل اسٽاف ڪيترو به قابل چونه هجي پر هُو تخليقي ذهن رکندڙ چونڊ ماهرن، تجربيڪار ۽ تربيت يافته ماتحتن ڪانسواءِ ڪجهه به نه ڪري سگهندو. 30 جون 1941 تي اسٽالن جي چيئرمينن شپ هيٺ رياست جي دفاع بابت ڪميٽي جوڙي وئي جنهن ۾ اسٽالن کي سپريم ڪمانڊر جا اختيار ڏنا ويا ۽ ٽن جنگي محاذن لاءِ مختلف هاءِ ڪمانڊر پڻ مقرر ڪيا جن ۾ اتر اولهه ۾ وروشلوف(Voroshilov)ــ ، مغرب ۾ تمنشنڪو(Timoshenko)ـ ۽ ڏکڻ_مغرب محاذ جي ڪمانڊ بديني (Budyonny) وٽ هئي. جنگ جي ابتدا ۾ مختلف جنگي محاذن لاءِ هاءِ ڪمانڊ جو جوڙيل نظام ڪارگر ثابت نه ٿيو. نتيجي طور ان قسم جي وچين سطح واري اداري کي ئي ختم ڪري جي ايچ ڪيو ۾ محاذن ۾ سڌو ڳانڍاپو پيدا ڪيو ويو. مولوتوف، وروشلوف، تموشنڪو، زوڪوف، شپوشنڪوف ۽ بدوني جي ايچ ڪيو جا ميمبر هئا ۽ اها جوڙجڪ جنگ جي آخر تائين رهي. جي ايچ ڪيو، پنهنجي ابتدا کان، ڪجهه جمهوري نوعيت وارو ادارو هو. جنگ دوران مرڪزيت تي وڏيڪ زور ڏنو ويو باقي هيٺين سطح تي لڙائين کي سنڀالڻ لاءِ لچڪدار باڊيون هيون. بهرحال، جنگي ۽ اقتصادي معاملن جي منصوبابندي لاءِ مرڪزي ڪميٽي پولٽ بيورو ۽ فوجي قيادت هميشه گڏيل

فيصلي سازي (Collective Decision-making) واري اصول تي عمل ڪندي هئي.[3] 30 جولائي تي مارشل شپوشنڪوف کي جنرل اسٽاف جي چارج ڏني وئي چاڪاڻ ته اسٽالن هميشه مارشل زوڪوف کي محاذن ڏانهن موڪلڻ کي ترجيح ڏيندو هو.

جنرل اسٽاف، جي ايچ ڪيو جو ڪم ڪندڙ ادارو هوندو هو، جيڪو سڌي ريت سپريم ڪمانڊر جي ماتحت هو. پر ان جون سرگرميون فقط چوديواري جي اندر تائين محدود نه هيون پر جنرل اسٽاف جو هميشه ميدان تي ٿيندڙ ويڙهه جي نبض تي هٿ هوندو هو. سپريم ڪمانڊ جا هدايت نامه لکڻ، رٿابندي ڪرڻ، اهم آپريشنن جي تياري ۾ عمل ۾ آڻڻ جهڙا ڪم سرانجام ڏيڻ سان گڏوگڏ مختلف محاذن جي مهڙ وارين جاين جو جائزو وٺڻ لاءِ ذميوار آفيسرن کي موڪليو ويندو هو.[4]

سپريم ڪمانڊر جو پهريون ڊپٽي جي کي زوڪوف هو ۾ جنرل اسٽاف جو چيف اي ايم ويسلوسڪي مقرر ٿيو هو. پر اڪثر ڪري اهي ٻئي مختلف محاذن ڏانهن جي ايچ ڪيو جي نمائندي طور دورا ڪندا رهندا هئا. جيئن ئي هڪڙي محاذ تان موٽندا هئا ته اسٽالن کين وري ڪنهن ٻئي محاذ ڏانهن اماڻڻ لاءِ چوندو هو. چاڪاڻ ته اسٽالن جو خيال هو ته بهترين اسٽاف آفيسر اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو ميدان جنگ جي تجربي کان واقف هجي. زوڪوف ۾ وتوتن سميت ڪيترائي جنرل اسٽاف جا ماڻهو مختلف محاذن جا ڪمانڊر مقرر ٿيا. ڊپٽي چيف آف جنرل اسٽاف، انتونوف هو جيڪو روزانو 24 ڪلاڪن مان 17/18 ڪلاڪ ڪم ڪندو هو. وقت جي سخت پابندي هئي ڪم ۾ آرام جو ٽائيم ٽيبل سپني لاءِ ساڳيو هوندو هو. ڏينهن ۾ ٽِي پيرا سپريم ڪمانڊر کي رپورٽ ڏني ويندي هئي.

سپريم ڪمانڊر صبح جو فون ڪري، ڪڏهن سلام ڪندو، ته ڪڏهن بغير سلام جي سڌو پهريون



...nal, A. M. Vasilevsky, p,

...r, p, 117

سوال ئي اهو ڪندو هو ته ”ڇا پيو ٿئي؟ نئين ڳالهه ڪهڙي آهي؟“ رپورٽ جي ابتدا اڪثر ڪري ان علائقي کان ڪئي ويندي هئي جتي سخت ويڙهه هلندڙ هوندي هئي.[5]

اسٽالن هر پيري جڏهن به ڪنهن محاذ جي ڪمانڊر طرفان ڪا تجويز ايندي هئي ته اڪثر ڪري پڇندو هو ته ”جنرل اسٽاف جي ڪهڙي راءِ آهي؟“ سپريم ڪمانڊر اسٽالن نوجوان ڪرنلن سان پدرانا شفقت سان پيش ايندو هو. جيڪڏهن اُهي ڪجهه غلط ڪندا هئا ته هي ڪاوڙ نه ڪندو هو ۾ ايتريقدر جو، هن ڪڏهن پنهنجو آواز به اونچو نه ڪيو.[6] اسٽالن تي تنقيد ڪندڙن جي حوالي سان مارشل زوڪوف چيو ته ”توهان ڪي جيڪو وٽي سو چئو، پر هن ماٽهوءَ جون رڳون فولاد جون ٺهيل آهن.“ [7]

مارشل زوڪوف وڌيڪ لکيو ته مونکان اڪثر ڪري پڇيو ويندو آهي ته ”ماسڪو واري لڙائي ۾ اسٽالن جو ڪهڙو ڪردار هو؟ هلندڙ جنگ دوران اسٽالن سمورو وقت ماسڪو ۾ ئي رهيو (جڏهن نازي فوج شهر جي بلڪل ڀاهران اچي پهتي هئي). هن عين موقعي تي جنگي بچت فوج ۾ جنگي سامان جو انتظام ڪري انتهائي وڏو ڪم ڪيو. هن پنهنجي سنگدل سختي سان گهٽو ڪري ناممڪن کي حاصل ڪري ڏيکاريو.“ [8]

ڪنهن تيار ٿيل منصوبي تي بحث ڪرڻ لاءِ جي ايچ ڪيو جا سمورا ميمبر اسٽالن جي مطالعي واري ڪمري ۾ گڏجندا هئا. جنهن ۾ فوج طرفان زوڪوف ۽ ويسلوسڪي ڳالهائيندا هئا. جي ايچ ڪيو ۾ ڪنهن به مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ انتهائي فضليت سان هر هڪ پنهنجي راءِ ڏيندو هو. اسٽالن انهن مان ڪنهن ۾ به ڪا تفريق نه ڪندو هو، سپني کي سندن ذات سان سڏيندو هو ۾ مالتوف کي ”تون“ ڪري سڏ ڪندو هو پر اسٽالن کي سڀ ”ڪامريڊ اسٽالن“ سان مخاطب ٿيندا هئا.

اسٽالن حقيقتن جي ٿورڙي به بگاڙ يا هيٺ مٿي ڪرڻ کي بلڪل برداشت نه ڪندو هو ۾ جيڪڏهن ڪنهن ائين ڪيو ته ان

---

[5] Soviet General Staff at War, p, 137

[6] Soviet General Staff at War, p, 118-19

[7] Russia at War, p, 18

[8] Moscow Stalingrad, p, 69-70

ڪي سخت سزا ڏيندو هو. جنهنڪري جنرل اسٽاف جو اهو قانون بڻجي ويو ته ڪابه غيرتصديق شده □ متشڪي ڳالهه/خبر رپورٽ ناهي ڪرڻي.[9]

هڪ محاذ جي ڪمانڊر ڪي سپريم ڪمانڊر برطرف ڪري ڇڏيو هو. ان ڪمانڊر درخواست ڪئي، جنهن تي سپريم ڪمانڊر پنهنجي سيڪريٽري کي فون ڪري چيو ته ان کي آفيس ڏانهن اندر موڪل.

اسٽالن برطرف ٿيل ڪمانڊر کان پڇيو "تون چوين ٿو ته اسان توکي بي واجبي سزا ڏني آهي؟"

ڪمانڊر "ها، چاڪاڻ ته جي ايڇ ڪيو جو نمائندو هو جنهن منهنجي ڪم □ رڪاوٽ وڌي."

اسٽالن "ڪيئن؟"

ڪمانڊر "هن منهنجن حڪمن □ مداخلت ڪئي، جڏهن عمل ڪرڻ جو وقت هو تڏهن هن ڪانفرنسون ڪوٺايون، متضاد هدايتون ڏنيون ..... مطلب ته هن ڪمانڊر جي اختيارن کي اورانگهڻ جي ڪوشش ڪئي."

اسٽالن "هُن تنهنجي ڪم □ رڪاوٽ وڌي. پر تو ته محاذ جي ڪمانڊ پئي ڪئي؟"

ڪمانڊر "ها"

اسٽالن "پارٽي □ حڪومت پورو محاذ تنهنجي حوالي ڪيو .... ڇا تو وٽ فون هئي؟"

ڪمانڊر "ها"

اسٽالن "ته پوءِ تو رپورٽ ڇو نه ڪيو ته هُو تنهنجي ڪم □ رخنو وجهي ٿو؟"

ڪمانڊر "مونکي توهانجي نمائندي بابت شڪايت ڪرڻ جي همت نه ٿي."

اسٽالن "اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري اسان توکي سزا ڏني، رسيور نه کڻڻ □ فون ڪرڻ لاءِ همت نه ڪرڻ. ان جو ئي نتيجو نڪتو ته توهان آپريشن پورو ڪرڻ □ ناڪام ٿيا."[10]

جنگ دوران سوويت جنرل ڪرپونوس □ خرشچوف سپريم

---

[9] Soviet General Staff at War, p, 120
[10] Soldier's Duty, Rokossovsky, p, 118-19

ڪمانڊر اسٽالن کي رپورٽ ڏني ته ڪيف(Kiev)۔ ڏانهن اينڊڙ دشمن جي فوج کي روڪڻ لاءِ سمورا قدم کنيا ويا آهن. جنهن تي اسٽالن کين چيو ته ”ٺيڪ آ! جنگ ۾ توهان کي پنهنجو پاڻ هر وقت خراب ۾ ايتريقدر جو بدترين ۾ بهترين لاءِ تيار رهڻو پوندو. وڏين غلطين کي ٽارڻ جو فقط اهوئي رستو آهي.“ اسٽالن وڌيڪ چيو ته ڏکڻ_اولهه محاذ جي مدد لاءِ جيڪو ڪجهه آءُ ڪري سگهيس، ضرور ڪندس، پر وڌيڪ پنهنجو پاڻ تي ڀاڙيو.“ ”ائين فرض ڪرڻ ته توهان کي هر شي ڪٿان ٻئي هنڌان تيار ٿيل ملندي. اهڙي سوچ بيوقوفي هوندي. پنهنجي رسد ۾ پرتي ڪرڻ لاءِ پاڻ سکو. بچت فوج لاءِ يونٽ جوڙيو، رائفل ۾ بندوقون ٺاهڻ لاءِ ڪارخانه لڳايو ۾ پوءِ اوهين ڏسندو ته ڪيئن نه اوهين خود يوڪرين واري محاذ تان گهٽو ڪري ٿا ڏيکاريو. ۾ اهوئي لينن گراڊ وارا هن وقت ڪري رهيا آهن.“[11]



هڪ ڀيري جنرل اسٽاف جي نمائندي سپريم ڪمانڊر ڏانهن ٽيليگرام موڪليو. جنهن ۾ هُن محاذ جي ڪمانڊر جي شڪايت ڪندي لکيو ته ”هي وقت شڪايت ڪرڻ جو ناهي، پر آءُ رپورٽ ڪريان ٿو ته جيئن جي ايچ ڪيو کي ڄاڻ ملي ته اُن محاذ جو ڪمانڊر ڇا آهي.“ پر سپريم ڪمانڊر اسٽالن ڪجهه هن ريت جواب موڪليو ”تنهنجي شڪايت ڪجهه عجيب آهي توهانجي حالت ائين آهي جيئن توهين ڪرائمن محاذ تي ٿيندڙ معاملن لاءِ ڪنهن به قسم جا ذميوار ئي نه هجو پر صرف تماشبين وانگر ڪم پيا ڪريو. جيتوڻيڪ اهو طريقو توهان کي آرامده لڳندو هوندو پر حقيقت ۾ اندروني طرح ڪوڪلو آهي. توهين محاذ تي

[11] A Lifelong Cause, by Marshal, A. M. Vasilevsky, p, 99

هڪ تماشبين وانگر ناهيو پر جي ايچ ڪيو جا ذميوار نمائنده آهيو محاذ تي ٿيندڙ سمورين ڪاميابين ناڪامين لاءِ جوابدار به آهيو اهو اوهانجو فرض آهي ته اوهين اتي ٿيندڙ غلطين کي گڏجي درست ڪريو.“ اسٽالن وڌيڪ جواب ڏيندي لکيو ته ”توهين مطالبو ٺا ڪريو ته اسين ڪوزلوف (محاذ جو ڪمانڊر) جي جاءِ تي ڪنهن ٻئي کي مقرر ڪريون. پر توهان کي اها ڄاڻ ضرور هجي ته پاڻ وٽ ڪي به هيڊن برگ (قابل جنرل) بچت نه پيا آهن. جتي اوهين آهيو ان معاملي کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن به هيڊن برگ جي ضرورت ناهي. اوهين پڻ مهينن کان اتي ويٺا آهيو.“

رپورٽن وقت پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جو سياسي بيورو جي ايچ ڪيو جا ميمبر اڪثر ڪري موجود هوندا هئا. محاذ، فوجون، توبون ميڪنائيزڊ ڪور انهن جي ڪمانڊرن جي نالن سان ڊويزنون نمبرن سان سڃاتيون وينديون هيون جيڪا روايت اسٽالن وڌي هئي. ايتريقدر، جنگ ڪانپوءِ پڻ اهي ساڳيون روايتون تيستائين هلنديون رهيون جيستائين اسٽالن زنده هو. جنرل اسٽاف جو ڪم تمام سخت هوندو هو ڪيترائي قدر جو آفيسر ته شديد بيمار ٿي پيا.[12] 22 جولائي تي نازي جهازن پهريون ڀيرو ماسڪو مٿان بمباري ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن ته بم جنرل اسٽاف جي آفيس پرسان اچي ڪرندا هئا. تنهن ڪانپوءِ فيصلو ڪيو ويو ته جنرل اسٽاف رات جي وقت زير زمين اسٽيشن (Byelorusskaya) هيٺ ڪم ڪندو. پر ان جو مطلب هو ته هر روز شام جو ڪاغذ پٽ ويڙهي ڪٽي وڃڻا پوندا. انهيءَ زير زمين اسٽيشن جو وڏو حصو ته ماسڪو جي رهواسين

جنگ دوران جنرل اسٽاف جي آپريشنل گروپ وٽ زندگي سخت ذهني دٻاءَ هيٺ هئي. ڏينهن رات جو فرق ختم ٿي چڪو هو. جنرل اسٽاف جا ڪيترائي تجربيڪار آفيسر هئا جن کي مختلف محاذن ڏانهن موڪليو ويندو هو. جنرل اسٽاف ڪم ڪندڙن کي ڪڏهن ڪڏهن ته پنجن ڏينهن تائين ڀاڄي به نصيب نه ٿيندي هئي ڇاڪاڻ ته بمباري سبب عمارت جو چلهو تباهه ٿي ويو تنهنڪري سمبوسا کائي گذر ڪندا هئا. 1937ع دوران

[12] Soviet General Staff, p, 121-22

ڳاڙهي فوج مان خارج ڪيل فوجي اڳواڻن سبب جنگ جي ابتدا □ فوج وٽ اهم □ تجربيڪار جنرلن جي کوٽ هئي پر ان ڪري نئين ٽهي کي اڳيان اچڻ جو موقعو مليو □ ان □ ٻن سالن جي مسلسل ويڙهه ڪانپوءِ تيزي سان زبردست قابل جنرل پيدا ٿيا. جن جي سرسري عمر، جرمن جنرلن جي ڀيٽ □، ويهه سال گهٽ هئي. جنهن ڪري انهن جي اهليت □ سرگرمي وڌيڪ هئي.

اسٽالن جي ڪردار جي حوالي سان برطانيه جي سر ايلن بروڪ مڃيو ته ”اسٽالن وٽ انتهائي اعلى ترين فوجي دماغ آهي، هن ڪڏهن به پنهنجي ڪنهن به بيان □، ڪابه جنگي غلطي نه ڪئي، □ نه ئي ڪڏهن ڪنهن صورتحال جي سمورين پيچيدگين کي سمجهڻ □ ناڪام رهيو.“ ”هن جي آڏو روزويلٽ □ چرچل جي روشني جهڪي محسوس پئي ٿي.“ هٽلر هڪڙو پيرو اسٽالن لاءِ چيو هو ته ”اهو ماٺهو صدين کي آڏو رکي سوچيندو آهي.“[13] ارنولڊ پنهنجي ڊائري □ اسٽالن بابت لکيو ته ”ٻي ڊپو، هوشيار ذهن، تيز سوچيندڙ □ حاضر جواب، بي رحم، پنهنجن ارادن جو جرائت سان اظهار ڪرڻ وارو هڪ عظيم رهنما.“[14]

ٻي عالمي جنگ کان اڳ □ جنگ جي ابتدا □، مغربي دنيا کي هٽلر هڪ عظيم شخصيت پئي لڳو، جنهن □ ڪين ميڪياولي جي عياري سان گڏ نيپولين جي جنگي حڪمت عملي □ عربن جي جنونيت جو ذائقو محسوس پئي ٿيو. جڏهن هٽلر فرانس تي ڪاهه ڪري ان کي شڪست ڏني ته هن کي دنيا جي عظيم حڪمت عملي جي ماهرن □ شمار ڪيو ويو. پر جڏهن ڪيس سوويت يونين □ ماسڪو واري محاذ تي جوابي ڌڪ لڳو ته پوءِ سندس شخصيت جو تصور پورا پورا ٿي ويو □ نازي درندن کي شڪست ملي. پر بعد □، جنگ دوران □ ان جي پڄاڻي تي، جرمن فوج کي مليل سموريون سوڀون جرمن جنرل اسٽاف سان منسوب ڪيون ويون □ مليل ٻرين شڪستن جو ذميوار فقط ئي فقط هٽلر کي قرار ڏنو ويو. نه صرف ايترو پر هٽلر کي هڪ چريو □ بيوقوف قسم جو سپاهي سڏيو ويو جنهن جي پس پرده معنى اها ٿي ته اسٽالن ته هڪ چريي □ بيوقوف کي

[13] War between Generals By David Irving, p, 17
[14] Ibid, p,25

شڪست ڏني. اهو ڪو وڏو معرڪو ته ڪونه هـو! سـاڳئي ريت، جڏهن سوويت يونين فتحون مـاڻيون تـڏهن وري، اڪـثر مغـربي ليکڪن طرفـان لکيل تـاريخ □، اسـٽالن بـدران سـمورو سـهرو روسي جنرل زوڪوف □ ويسلوسڪي وغيره کي ڏنو ويو.

اهي ٻـــئي نقطه نظر حقيقتن جي ڦيرڦـــار آهن. اهو ڪنهن لقاءِ کي مابعدالطبعاتي انـداز سـان ڏسڻ جو طريقو آهي جيڪو هــرهڪ شي کي الڳ ڪــري ان کي جــزن □ ورهــائي ڏسي ٿو جڏهن ته جدلياتي انداز شين □ لقاءِ کي ڪُلي طـور ٻين شـين □ لڳائن سان ڳنڍيل □ انهن □ سمايل □ هڪٻئي تي منحصر ڪنــدڙ انداز سان پـرکي ٿـو. جيتـوڻيڪ، تـاريخ □ فـردن جو اهم ڪــردار هجي ٿو پر بنيادي ڪردار عوام جو هوندو آهي □ ان سان گڏوگڏ سماج جي تـاريخي، سـماجي_معاشي جـوڙجڪ ئي هونـدي آهي جيڪا ان دور جي عوام توڙي فـردن کي بنيـاد مهيا ڪنـدي آهي. ان حوالي سان، سوويت يونين □ سوشلسٽ سـماجي نظـام هو ته ٻـئي طـرف فاشسٽ نسل پرست سـماجي نظـام هو جيڪو عـالمي سـامراجي قـوتن جي اظهـار جي هڪـڙي صـورت هـو. جيڪڏهن ٻي عالمي جنگ □ خـاص ڪـري سـوويت_جـرمن جنگ کي انهن معاملن کان الڳ ڪري ڏسـبو ته درست نتيجا نه ڪـڍي سگهبا.

ان نقطه نظر سان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته ٻي عالمي جنگ دوران دشـمنن کي هـارائڻ □ جـوزف اسـٽالن، سـوويت جـنرل اسٽاف □ ڳارهي فوج سان گڏوگڏ سوويت عوام بنيـادي ڪــردار ادا ڪيـو. ان حـوالي سـان 1944 ڌاري برطانيه جي وزير اعظم چرچل چيو ته ”اُهي روسي هئا جن نــازي فـــوج جي آنـــڊن کي چيري ڦاڙي ڇـڏيو.“[15] اهي روسي هئا جيڪي نـازي جرمـني جي ويڙهه جي مکيه بـاهه □ سـڙيا، □ انهن جي ئي مهربـانيءَ هـئي جو لکين برطانوي □ آمـريڪي زنـدگيون بچي ويـون. ارنيسٽ بيـون لکيو ته ”اسين سوويت يـونين جي جيڪا به مـدد ڪريـون پيا اها ڳـاڙهي فـوج جي بيمثـال ڪوشش جي ڀيٽ □ بلڪل ڪجهـه به ناهي. اسانجي اولاد جو اولاد، تاريخ جي ڪتـابن ذريعي، جـڏهن پنـتي نظر ڦـيرائي ڏسـندو ته پـاڻ کي عظيم روسي عـوام جي

[15] Russia at War, p, 15

هيروازم جو ٿورائتو محسوس ڪندو.“ [16]
فلسفي جي تاريخ

فيٿا غورث PYTHAGORAS

آزاد ماڇي



آيونا جي ٽن جــــڙواد فلســــفين ڪـانپوءِ اڄ اسـان جنهن فلسـفي جي بـــاري ۾ پڙهنداســين ان لاءِ تـــــــاريخ ۾ اچي ٿو ته هن لفظ فلاسافر متعارف ڪرايو. عــالمي طــــــــور تي هن ڏاهي کي پائيٿا گرس اچاريو ويندو آهي پر جـيئن ته سـنڌي لڪــٽين ۾ هن کي فيٿا غـورث پڙهيو ۽ لکيو وينـدو آهي. تنهنڪري سندس نالو فيٿا غـورث ئي لکيو آهي جي ها فيٿا غـــورث ئي اهو فـــرد هو جنهن پهريـــون دفعو پنهنجو پـــاڻ کي فلاســـافر سڏيو. قصو ڪجهه هيئن آهي ته لـيئون (Leon) نـالي حڪمـران هن کان پڇيو ته تون ڪير آهين؟ مان فلاسافر آهيان. هن جــواب ڏنو. پچنـدڙ لاءِ اهو لفظ اوپـرو هو تنهنڪـري فيٿـاغورث ان لفظ جي وضاحت هيئن ڪئي.

”هي زنـــدگي اولمپڪ جي رانـــدين وانگر آهي. جنهن ۾ ٽن قسمن جا فرد دلچسپي وٺنـدا آهن. پهريـان اهي جيڪي وڙهڻ يا مقابلو ڪرڻ ايندا آهن. ٻيا اهي جيڪي شيون وٺڻ يا ڪپـائڻ اينـدا آهن ۽ ٽـئين نمــبر تي اهي ڏاها اتـئي جيڪي هر شــيءِ تي غــور فڪر ڪــري پنهنجو پــاڻ کي مطمئن ڪنــدا آهن. جيڪي پهــرين قسم وارا فرد آهن، اهي پنهنجو نالو ۽ شهرت چاهيندا آهن. ٻـئي قسم وارن جو مقصد پئسو ڪمــائڻ ۽ امــير ٿيڻ هونــدو آهي ۽ ٽئين قسم جي فردن جو ڪم حق ۽ سچ کي تلاش ڪــرڻ آهي ۽

[16] Russia at War, p, 15-16

انهن کي فلاسافر سڏبو آهي.“

ان دؤر ۾ فيثا غورث مٿين سمجهاڻي ڏيندي چڻ ته صديون اڳ انسانن کي ان دنيا ۾ اچڻ جي اصل مقصد کان آگاهه ڪري ويو هجي پر جڏهن اڄ اک کٽي ڏسجي ٿو ته خبر پوي ٿي ته اڄ به فردن جا ٽئي قسم موجود آهن. وڌيک تعداد اهڙن فردن جو آهي جيڪي لاعلمي ۾ اڻ ڄاڻائي جي انتها تي بيٺل آهن پر انهن کي پنهنجي اڻ ڄاڻ ۾ بي علم هجڻ تي ڪا پشيماني ۽ شرمندگي جو احساس نه آهي، اٽلندو پنهنجي اهڙي اڻوجهه اڻڄاڻ هجڻ تي فخر محسوس ڪندا آهن چاڪاڻ ته اهي فيثا غورث جي ٻڌايل ٻهرين ۽ ٻئي نمبر وارن فردن وانگر پنهنجي زندگي جو مقصد اٻتي سٻتي نموني پئسو ڪمائڻ ۽ مشهور ٿيڻ طئي ڪري چڏيو هوندو آهي.

فيثا غورث جي اوائلي ۽ پڇاڙڪي زندگي جي باري ۾ ايستائين جو هن جي فلسفي جي باري ۾ حتمي طور تي ڪجهه به چئي نٿو سگهجي چاڪاڻ ته هن جي باري ۾ جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي اهو گهڻو تڻو ٻڌايل ڳالهين تي آڌاريل آهي جنهن ۾ گهٽي پاڳي وڌاءُ به ٿيل هوندو. ساڳي طرح هن جي فلسفي بابت به اِها ِئي ڪار آهي چاڪاڻ ته هن ڪڏهن پنهنجو ڪتاب نه لکيو. هن جي پوئلڳن ۽ شاگردن هن جي زباني جيڪو ٻڌو ان کي اڳتي وڌايو پر تنهن هوندي به اهم ڳالهه هي آهي ته انهن سڀني پيچيدگين ۾ ڏکيائين باوجود پاڻ وٽ جيڪو به تاريخي مواد فيثا غورث لاءِ موجود آهي اهو هن کي هک عظيم فلسفي ۽ آدرشي انسان بنائڻ لاءِ ڪافي آهي. بقول برٽرنڊرسل جي ته فيثاغورث هک پاسي ڏاهو (wise) آهي ته ٻئي پاسي اڻ ڏاهو (unwise) آهي پر ٻنهي پاسن ۾ هو دنيا لاءِ ضروري آهي.

ڪوشش هوندي ته آئون توهان کي فيثا غورث جي ٻنهي پاسن کان روشناس ڪرايان ته ڪٿي هو داناءُ ۽ مثالي انسان آهي ۽ ڪٿي هو منجهيل ۽ ڪٽل آهي.

فيثا غورث جو منجهيل يا ڪٽل پاسو آرفڪ مذهب سان ڳنڍيل آهي. پلا اِهو آرفڪ مذهب (orphic religion) ڇا آهي؟ هي مذهب ڏند ڪٿائي ڪردار آرفيس (Orpheus) مان ورتل آهي جنهن وٽ موسيقي ۽ سُرُ جون خداداد صلاحيتون موجود

هيون. ڏنـدڪٿائن مطـابق هن جي ”بين“ وڄـائڻ ۾ جـادو هونـدو هــو، جنهن جي ذريعي هو نـــدين جا رخ موڙينـــدو هو ۾ وڻن کي پاڙون پٽي ڇڏيندو هو. جيڪو هن جي موسيقي ٻڌنــدو هو اهو ان جي سر ۾ گم ٿي ويندو هو. آرفيس يورڊس (Euryduce) نــالي ڇوڪريءَ تي موهت ٿي پيو ۾ ان سان پيار جي شـادي ڪيـائين. شــاديءَ جي ٿــوري وقت ڪــانپوءِ هن جي پيــاري زال نانگ جي ڪکجڻ ســبب فــوت ٿي وئي. آرفيس لاءِ هي صـــدمو برداشت جوڳو نه هو تنهن ڪــري هن ”مئلن جي وادي“ under world جو رخ ڪيـــو. هن کي يقين هو ته هو پاتـــال جي ديوتا هيـــڊيز (Hades) کي پنهنجيءَ فن سان متاثر ڪندو ۾ هو بدلي ۾ هن جي پياري زال زنده ڪري واپس ڏيندو. آخر ائين ئي ٿيو هيڊيز جهــڙو ڪٺــور دل ديوتا آرفيس جي فن اڳيــان ميڻ بڻجي وينــدو آهي ۾ هن کي پنهنجي زال جيـئري ڪــري ان شــرط تي ڏينــدو آهي ته مئلن جي وادي مــان نڪــرڻ تــائين هو تنهنجي پٺيــان هلنــدي ۾ توکي ڪنڌ وارائي ان جي ڳالهه جي پڪ نه ڪــرڻي پونـدي ته هو تنهنجيءَ پٺيان موجود آهي يا نه آهي. ان ڳري شرط تي ٻــئي زال مـڙس خاموشــيءَ ســان واديءَ مــان نڪرنــدا رهيا جــڏهن اهي آخـــري ڇـــيڙي تي پهتا ته آرفيس ڪـــان رهيو نه ٿيو ۾ هن ڪنڌ ورائي زال جي هجڻ جي پڪ ڪــرڻ چــاهي يا عشق جي ڇٽنگ هن کي مجبور ڪيو ته هو پنهنجي زال جو ديدار ڪري. ڪجهه به هجي هو ديوتا جي ڳالهه تي اعتماد نه ڪري سـگهيو ۾ نـتيجيءَ ۾ هن جي زال پيو دفعو هن جي اکين اڳيـان هميشه لاءِ غـائب ٿي وئي. ان ڏينهن ڪـــانپوءِ آرفيس وڏيڪ غمـــزده بڻجي غمگين سر وڄـائڻ لڳو ۾ يونـاني ڏند ڪٿا ۾ هن جي موسـيقي بي بها بڻجي وئي ۾ آرفيس هڪ مذهب جي شڪل اختيـار ڪـري ويو جنهن ۾ مرڻ ڪانپوءِ جي زندگي هجڻ جو يقين ڪرڻ بنيادي هو.

ان آرفڪ مذهب جا به اثر فيثا غـورث تي پيا هڪ موسـيقي ۾ ٻيو مـــرڻ ڪـــانپوءِ وري زنـــده ٿيڻ يا انســـان جو روح جو ٻين جانورن ۾ منتقل ٿيڻ. هن جي موسيقي جي چاهه تي پـاڻ بعد ۾ ڳالهائينداسـين، اڄـون تا انســاني روح جو جـانورن ۾ منتقل ٿيڻ جي قصي تي.

چيو وڃي ٿو ته فيثا غورث جانورن ۾ تبليغ ڪنــدو هو ۾ انهن

سان ويهي ڳالهائيندو هو. هڪ دفعي ڪنهن همراهه ڪتي کي ماريو پئي ته فيثا غورث ان کي روڪيندي چيو ته ڪتي کي نه مار هن جي پونڪ جو آواز ڇاتل سڃاتل لڳي ٿو جيڪو هن جي ڪنهن دوست جو آهي. بهرحال شابس آهي فيثا غورث کي جيڪو جانورن کي انسان ڪرڻ جي چڪر ۾ هو پاڻ وٽ ته رياستي تعليمي نظام ماڻهن کي جانور ڪري جيئارڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي. اٿلندو جيڪا تعليم ڏني ويندي آهي اها فردن کي خودغرض انسان بڻجي جيئڻ تي اتساهي رهي آهي. خير هن لاءِ مشهور هو ته هو هڪ وقت ۾ ٻن جاين تي موجود هوندو هو. هڪ ڏينهن ندي پار ڪندي هن نانگ سان ڳالهايو ۽ پوءِ چڪ هڻي ان کي ماري وڌائين. بقول ماڻهن جي هي ديوتا اپالو جو پٽ هو. ان کان علاوه هن آرفڪ مذهب جا اصول ڪٽي ان ۾ پنهنجا اصول شامل ڪري هڪ سخت مذهبي نظم و ضبط ڏنو جنهن جي مطابق هن جا پوئلڳ زندگي گذاريندا هئا. انهن مان ڪجهه عجيب ۽ سمجهه ۾ گهٽ ايندڙ اصول هيٺ ڏجن ٿا.

1. ٻچيل مانيءَ مان گرهه نه کٽو.
2. چوئنرا (Beans) کائڻ کان پرهيز ڪيو.
3. جيڪا شيءِ زمين تي ڪريل هجي ان کي نه کڻو.
4. وچ رستي تي نه هلو.
5. گلن جي نهيل هار کي نه چنو.
6. اڇي رنگ جي ڪڪڙ کي نه ڇهو.
7. باهه کي لوهه سان نه ڇهو.
8. پکين کي ڇت اندر رهڻ نه ڏيو. وغيره.

هيستائين ٿلهي ليکي جيڪو ڳالهايوسين اهو فيثا غورث جو غير عقلي پاسو هو. پر ان ساڳي خفيه سرڪل جي سڃي ڳالهه هيءَ هئي ته اهي پنهنجي ملڪيت هڪ ٻئي سان ونڊيندا هئا. اوائلي اشتراڪيت (Early communism) جا بهترين مثال به اسان کي فيثا غورث وٽ ملن ٿا. هنن مذهبي صوفي جتي وٽ صرف جسماني ۽ روحاني عبادتن جو زور نه هوندو هو. انهن وٽ ذهني ۽ علمي سرگرميون به جام ٿينديون هيون جنهن ۾ فلسفو، موسيقي، ميثميٽڪس ۽ رقص شامل هوندا هئا. شايد پڙهندڙن لاءِ اها ڳالهه نئين هجي ته زمين ڪائنات جو مرڪز نه

بلڪ خود هڪ سيارو آهي واري ڳالهه پهرين هنن ڪئي. ڪائنات بابت (Heliopcemtroc hypothesis) هئڻ هن جو خيال هو. جنهن تي اسان فيثا غورث جو تعارف ۾ هو ڪهڙين حالتن ۾ ڪٿي ڪٿي رهيو لکڻ ڪانپوءِ ڏينداسين.

فيثا غورث جو تعارف:

فيثا غورث آيونا جي ٻيٽ سموس (Samos) ۾ 570 ق. م. ۾ پيدا ٿيو جيڪو ان وقت يونان جي قبضي هيٺ هو. سموس ڪي هلائيندڙ حڪمران پلائيڪرٽيس (Polycrates) هو جيڪو ظالم ۽ لالچي هو پر هن سموس کي خوشحال ڪرڻ ۾ سٺا قدم کنيا هئا. فيثا غورث جي پيءُ جو نالو نسارڪس (Mnesarchos) هو، جيڪو واپار جي ڌنڌي سان سلهاڙيل هو. فيثا غورث جو ننڍپڻ هڪ خوشحال گهر ۾ پيدا ٿيڻ ڪري سٺو هو. هن ابتدائي تعليم سٺن استادن وٽان حاصل ڪئي جن ۾ ٿيليز ۽ اناڪسمينڊر به شامل آهن. چيو وڃي ٿو ته سفر ڪرڻ ۾ مختلف ملڪ گهمڻ جو شوق هن ۾ ٿيليز جي چوڻ تي پيدا ٿيو.

فيثا غورث جي وقت واري يونان جي اهم ڳالهه هي آهي ته ان دؤر ۾ يونان مختلف شهري رياستن ۾ ورهايل هوندو هو. ڪي شهري رياستون ننڍيون ته ڪي وري وڏيون هونديون هيون. انهن شهري رياستن کي هلائيندڙ امير طبقو هوندو هو. آباديءَ جو وڏيڪ حصو زراعت تي ڀاڙيندو هو. ان دؤر ۾ ٻارن جي تعليم جو ذمو والدين مٿان هوندو هو. زراعت تي ڀاڙيندڙ والدين پنهنجي ٻارن کي زراعت ۾ ٻني ٻاري ڪرڻ جي تعليم ڏيندا هئا جڏهن ته اميرن جي ٻارن لاءِ تعليم جو الڳ انتظام ٿيل هو بلڪل ائين جيئن پاڪستان ۾ آهي. علمدار شاهي ۽ سياستدانن جا ٻار يورپي ملڪن جي يونيورسٽين ۾ پڙهندا آهن جڏهن غريب جا ٻار رسمي تعليم کان محروم آهن. امير طبقي جي ٻارن لاءِ معياري اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون، جڏهن ته مسڪينن جا ٻار يا سرڪاري تعليمي ادارن جي حوالي ٿين ٿا يا ته پوءِ اهي پنهنجي مزدور هاري والدين وانگي مزدور ۽ هاري ٿين ٿا.

فيثا غورث جيئن ته هڪ امير پيءُ جو ٻار هو، تنهنڪري تعليم جي لحاظ کان هن کي ننڍي هوندي بهترين ماحول ميسر

ٿيو. امير طبقي جي ٻارن لاءِ لکڻ پڙهڻ کان وٺي تلوار بازي، گهوڙي سواري ۽ تقرير جي فن کان واقف هجڻ لازمي هوندو هو ته جيئن اهي اڳتي هلي اشرافيا طبقي لاءِ بهترين ثابت ٿين.

سموس ۾ رهندي فيثا غورث گهڻو ڪجهه سکيو پر اجا به ڪوڙ سارا سوال هئا جن جي جوابن جي هن کي تلاش هئي هن پنهنجي استاد ٿيليز جي ڳالهه مڃيندي وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين يونان جي شهري رياستن جو رخ ڪيو، پوءِ ايشيا مائنر (Asia Minor) يعني اڄ جي ترڪي طرف ويو ۽ اتان ڪانپوءِ هي مصر آيو جتي هن ڪافي وقت گذاريو. مصر ان دؤر ۾ طاقتور ملڪ هوندو هو. جيتوڻيڪ اهو فرعونن جي حڪومت جو آخري دؤر هو ۽ گهڻو ڪجهه مٽجي رهيو هو پر تنهن هوندي به علم ۾ مصر پنهنجو مٽ پاڻ هو. فيثا غورث مصر جي پادرين کان گهڻو ڪجهه سکيو انهن سان بحث ڪيا ۽ علم پرايو. اتي رهي ڪري هن پنهنجي فلسفي جي مونجهارن کي سلجهائڻ شروع ڪيو پر قسمت هن جو ساٿ نه ڏنو. سن 52 ق. م. ۾ ايران ۽ مصر جي وچ ۾ پليزم جي جنگ (Battle of pelusium) لڳي. ايران جو بادشاهه ڪيمبائيز (ٻه) (Cambyses II) ۽ مصر جو فرعون سيمٽڪ (ٽي) (Psamtik) ٽي جنگي جنون سوار ٿيو. ان جنگ سان مصر ۾ فرعونن جي حڪومت جو زوال شروع ٿيو ۽ انهن جي طاقت تقريباً ختم ٿي.

ايرانين لاءِ آسان نه هو مصرين کي شڪست ڏيڻ پر هڪ دلچسپ ڳالهه جنگ جو نتيجو مٽائي ڇڏيو. اهو ڪجهه هيئن هو ته مصري ان دؤر ۾ ٻلي جي عبادت ڪندا هئا. چاڪاڻ ته اها باسٽيٽ ديوي (Bastet goddess) جو روپ سمجهي ويندي هئي. ٻليون مصر جي گهٽين ۾ اهڙي آزادي ۽ سڪون سان هلنديون هيون جهڙي طرح اڄ هندستان ۾ ڳئون هلنديون آهن. ايتري تائين جو جيڪڏهن ڪو شخص ٻليءَ کي ماري وجهندو هو ته ان لاءِ موت جي سزا هئي. جيڪڏهن ڪا ٻلي طبعي موت مرندي هئي ته ان جا مالڪ ڏک ۾ پنهنجا پرون ڪوڙائيندا هئا. جيڪڏهن گهر ۾ باهه لڳندي هئي ته ماڻهو پنهنجو پاڻ کي بچائڻ کان اڳ ٻلي کي بچائيندا هئا. ٻلي جي وجود سان ايترو احترام ۽ عقيدت سان پيش اچڻ جو فائدو هڪ ته ٻلين ورتو ۽ ٻيو ايران

جي بادشــاهه، چا ڪيو جو پنهنجي فــوج جي ڍالن تي پليءَ جي تصوير اڪرائي ڇڏي اهڙن جانورن جي تصوير جيڪي مصرين لاءِ مقـدس هئـا. جنگ شـروع ٿي ته مصـرين لاءِ ايـرانين تي وار ڪــرڻ ڏکيو بڻجي ويو ايــراني جنگ ڪــتي ويــا. ان جنگ دوران ايراني فيثا غورث کي گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ عراق جي شهر بيبلون کڻي ويا جـتي هو ايـرانين جي ٻـارن کي تعليم ڏينـدو هـو. ٺيڪ 5 سالن ڪانپوءِ انهن کيس آزاد ڪري ڇڏيو.

آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ هي واپس سموس آيـو. مختلف شـهرن جي سفر زندگيءَ مان هن جيڪو ڪجهه سـکيو سو سـموس وارن کي سيکارڻ شروع ڪيائين پر هو جلدي سموس جي حالتن کان مايوس ٿي پيو هو هڪ دفعو وري سموس کي ڇڏي ڪروٽان (Croton) طرف هليو آيو. ان وقت هن جي عمر تقريباً 50 سال هــئي. چيو وڃي ٿو ته ڪروٽــان جو دؤر هن جي زنــدگيءَ جو پرسڪون دؤر هو. هن اتي پنهنجا ڪـوڙ سـارا پوئلڳ ناهيـا. جنهن خفيا سـرڪل جي ڳالهه پهـرين پـڙهي آيا آهيـون هن ڪروٽـان ٺـاهيو. جنهن جي ميمـبر جي نشـاني هيءَ هـئي ته اهي پنهنجي ڪپڙن تي تاري جو نشان هڻنـدا هئـا. ڪروٽـان رهنـدي هن جو عشق ٿيانو (Theano) نـالي هڪ پوئلڳ سـان ٿيو جيڪا هن وٽ پڙهندي هئي پاڻ اڳتي هلي هڪ سٺي فلسفي بڻي. فيثا غورث شادي 61 سالن جي عمر ڪـئي، جنهن مـان هن کي ٽن ٻـارن جو اولاد به ٿيـــو. ان عرصي دوران ڪروٽـــان ســـائيبريز (Sybaris) جي وچ جنگ لڳي، جنهن فتح ڪروٽـان کي ملي. ان جنگ جي فتح فيثا غورث جو ڪـردار هو. ان ڪانپوءِ انهن جو اثر رسوخ ڪروٽـان وڌڻ لڳـو. انهن پنهنجا خيـال ڪروٽـان جي عـام شـهرين تي ٺـاهڻ شـروع ڪيا نـتيجي فيثا غـورث خلاف پروپيگنڊا وڌيو عوام انهن سـان نفـرت ڪـرڻ لڳو هڪ رات حملو ڪري انهن جي جڳهن کي سـاڙيو ويـو. چيو وڃي ٿو ته ان حملي دوران فيثا غــورث کي هن جي 40 سـاٿين سـان گڏ قتل ڪيو ويو. ڪي چون ٿا ته فيثا غورث اتان پڄي نڪـرڻ ڪامياب ٿيو اٽلي 490 ق. م. طبعي مــوت مــري ويــو. جــيئن ته پهرين به اسان لکي آيا آهيون ته تـاريخ فيثا غـورث جي اوائلي آخـري زنـدگي تي واضح نه آهي. تنهنڪـري هي ڏکيـائون پنهنجي

جاءِ تي موجود رهنديون.

فيثا غورث جو فلسفو:

فيثا غورث جي فلسفي تي اچڻ کان اڳ اهم ڳالهه هي آهي ته جيڪو ڪجهه اسان وٽ فيثا غورث طرفان آيو آهي اهو هن جي پوئلڳن پهچايو آهي تنهنڪري فيثا غورث ڇا چيو ۽ فيثا غورثين ان ۾ ڇا اضافو ڪيو به الڳ شيون آهن پر جڏهن اسان فيثا غورثي فلسفي تي ڳالهائڻ شروع ڪنداسين ته اهو الڳ ڪرڻ ڏکيو هوندو ته فيثا غورث ڇا چيو ۽ فيثا غورثين ان کي ڪيئن وڌايو. تنهنڪري اسان فيثا غورثي فلسفي تي ئي ڳالهائينداسين۔

توهان سان جڙواد فلسفين تي لکڻ دوران ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو هئوسين ته اسان ڪائنات ۾ موجود شين کي انهن جي خاصيتن (qualities) مان سڃاڻيندا آهيون. مثال طور جيئن پاڻي جي آلي ڪرڻ جي خاصيت ۽ باهه جي ساڙڻ واري خاصيت مان اسان باهه ۽ پاڻي کي سڃاڻون ٿا. پر حقيقت هي آهي ته شين ۾ جون سڀ خاصيتون ڪائناتي (universal) ناهن هونديون۔ طور مثال گلاب جي گل جو رنگ ڳاڙهو آهي پر دنيا ۾ موجود سڀئي گلاب ڳاڙها نه آهن. ڪي گلاب اڇا، نيرا ۽ ڦڪا به ٿين ٿا ۽ خاصيت ڪائناتي نه آهي ڇاڪاڻ ته ڪي شيون نه ڪڙيون هونديون آهن ۽ نه ئي مٺيون!

هاڻي فيثا غورث يا فيثا غورثين جي اڳيان سوال هي هو ته ڇا فطرت ۾ ڪا اهڙي شيءِ موجود آهي جيڪا مادي ۽ خيالي شين تي هڪ جيتري لاڳو ڪري سگهجي ۽ هر هنڌ ساڳي طرح موجود هجي ان سوال جي جواب ۾ فيثا غورث ان نتيجي تي پهتو ته ها دنيا ۾ اهڙي شيءِ ضرور موجود آهي جيڪا اسان جسماني ۽ غير جسماني شين تي هڪ ئي وقت لاڳو ڪري سگهون ٿا اها هر هنڌ موجود هوندي آهي. ان کي عدد (number) چئبو آهي. ان جواب جي وڌيڪ وضاحت ڏيندي فيثا غورث چوي ٿو ته انسان ڪنهن اهڙي دنيا کي تصور ۾ آڻي سگهي ٿو جنهن ۾ رنگ نه هجي يا هو اهڙي دنيا جو به تخيل ڪري سگهي ٿو جنهن ۾ پاڻي نه هجي يا مرد نه هجن يا اهڙي

دنيا جنهن ۾ مٿو يا ڪــڙو نه هجي پر انســان ڪــڏهن به ڪنهن اهــڙي دنيا جو تصــور ئي نه ٿو ڪــري ســگهي جنهن ۾ عــدد (number) نه هجي. ان سان فيٿا غـورٿي فلسـفو ان نـتيجي تي پهتو ته عدد ئي آهي، جنهن سـبب ڪائنـات تخليق ٿي آهي. عـدد ئي آهي جيڪو ڪائنات جو بنياد ۽ ڳر آهي.

حقيقت ۾ ڏسـجي ته عـدد اسـان جي سـماجي ۽ معاشي زندگي ۾ اهم ڪـردار ادا ڪـري ٿـو. فضا ۾ هلنـدڙ جهـاز هجن يا سمنڊن ۾ هلندڙ ٻيڙا عدد انهن کي پنهنجي مقام تائين پهچـائڻ ۾ اهم هوندو آهي. فاصلن کي ماپڻ هجي يا اونچائين کي، اهو عدد بغير ناممڪن آهي ايسـتائين جو هم آهنگي (harmony) هجي يا مقـدار (proportion) يا تــرتيب (order) اهي تــئي اهم لقــاءَ صـحيح ڪتب نه ٿا آڻي سـگهجن. جيڪـڏهن انهن ۾ عـدد نه آهي ته. فيٿا غورث انهن ٽنهي جي اهميت تي زور ڏنو آهي. موسيقي هجي يا ڪو ٻيو فن عــــدد بغـــير اڌورا هونــــدا. هي هو انهن جو فلسفو جنهن ۾ ”عدد“ سڀ ڪجهه هو.

ان ڪــان علاوه هنن تضــادن جي علم يعـــني جــدليات تي ڳالهايو. انهن ڏهن تضـادن جي ڳالهه ڪـئي. جنهن مـان ڪائنـات ٺهيل آهي. اها لسٽ ڪجهه هيئن آهي.

(1)محدود ۽ لامحدود (Limited & Unlimited)
(2)اڪي ۽ ٻڌي (Odd & Even)
(3) ساڄو ۽ کاٻو (Right & Left)
(4)مذڪر ۽ مؤنث (Masculine & Feminine)
(5)سڪون ۽ حرڪت (Rest & Motion)
(6)نيڪ ۽ بد (Good and Evil)
(7)هڪ ۽ گهڻا (One and Many)
(8)روشني ۽ انڌيرو(Light and Darkness)
(9)سڌو ۽ مڙيل (Staright and Crocled)
(10) چوڪندو ۽ مستطيل (Square and Oblong)

ڪائنات بابت فيٿا غورٿي نظريو:

جـــــيئن ته اســـــان پهـــــرين ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو هو ته فيثاغورٿي تاريخ ۾ اهي پهريان فرد آهن جن دعويٰ ڪئي هئي ته زمين ڦرنــــدي آهي. انهن زمين کي ڪائنــــات جي مرڪز هجڻ

واري مفروضي (Hypotiesis) کان انڪار ڪيو هو. اهي زمين کي ڏهن سيارن مان هڪ سيارو سمجهندا هئا. هنن جو يا فيثاغورث جو ڪائنات بابت نظريو ڪجهه هيئن هو.

هي مڃيندا هئا ته ڪائنات جي مرڪز ۾ هر طرف باهه ڦهليل آهي. ان باهه جي چوڌاري ڏهه سيارا گردش ڪن ٿا. پهريون سيارو تصوراتي زمين (Counter earth) آهي جيڪا اسان جي زمين وانگي آهي پر اها نظرن کان اوجهل رهندي آهي. ٻيو ڪائناتي جسم هي زمين آهي جنهن تي اسان رهون ٿا. ٽيون جسم سج ۽ چوٿون چنڊ آهي. پنج ٻيا سيارا ان باهه جي چوڌاري ڦرن ٿا. اهي ٽوٽل نو سيارا ٿيا. ڏهون سيارو چنبڙيل تارن (Fined star) وارو آهي. چيو وڃي ٿو ته ڪائنات بابت ان دؤر ۾ اهو نظريو وڏو انقلاب آڻي سگهي ها پر پوءِ فلسفي تي ارسطو جو اثر وڌي ويو جيڪو چوندو هو ته زمين نه صرف ساڪن آهي بلڪه اها ڪائنات جو مرڪز آهي. اهڙي طرح اهو اهم مفروضو دنيا کان تيستائين لڪل رهيو جيستائين فيثا غورثين جي ان مفروضي کي 15 هين صدي ۾ ڪاپرينڪس (Copernicus) نه پڙهيو. ان ڪانپوءِ ڪاپرينڪس ان تي ڪم ڪيو ۽ هڪ ڪتاب لکي ويو ان وصيت سان ته مرڻ ڪانپوءِ اهو ڪتاب ڇاپيو وڃي. ان ڪتاب جي ڇپجڻ ڪانپوءِ اها ڳالهه منظر عام تي آئي ته زمين سج جي چوڌاري ڦرندي آهي. هن ڪانپوءِ گليلو ۽ برنو ان خيال کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ بدلي ۾، سزائن ۽ ڏکين حالتن جو تجربو ڪيائون ڇاڪاڻ ته بائبل ۾ لکيل هو ته زمين هڪ هنڌ بيٺل هوندي آهي چرندي نه آهي. بهرحال ان ڪانپوءِ يورپ جي پادرين گليلو، برنو ۽ هنن وانگر سوچيندڙ ٻين انسانن سان کهڙي جٺ ڪئي تاريخ جا ڪاغذ ان جا گواهه آهن. عيسائي مذهبي تعليم ماڻهن جي رڳن ۾ ايترو گهڙي وئي هئي جو پنهنجي انڌي عقيدي جي بنياد تي اهو مڃڻ لاءِ تيار نه هئا ته زمين سج جي چوڌاري ڦري سگهي ٿي ۽ ڦرندي آهي. جيڪڏهن ڪير ائين سوچڻ لاءِ پنهنجي دماغ تي زور ڏيندو هو ته اٿلندو هن جو مٿو ڦرڻ لڳندو هو. بهرحال اڄ سچ ثابت آهي ته زمين ڪائنات جو مرڪز نه آهي ۽ اها سج جي چوڌاري ڦري ٿي. المناڪ ڳالهه هي آهي ته سائنس کي اها

ڳالهه سمجهائڻ لاءِ ڪئي صديون لڳيون ۾ ان سلسلي ۾ سائنس پنهنجا ڪيترائي ذهين ذهن قربان ڪيا.

فيثا غورث ۾ موسيقي:

فيثا غورث جو موسيقي سان لڳاءُ هوندو هو. هونئن به تصوف ۾ موسيقي ڄڻ ته پاڻ ۾ جڙيل ئي آهن. جهڙي طرح شاهه لطيف تنبورو ايجاد ڪيو اهڙي طرح هن صوفي پنهنجو سازندان (Scale) ايجاد ڪيو ۾ پنهنجي سمجهه موجب تارون ڳنڍي ان سان سر پيدا ڪيا. هي چوندو هو ته موسيقي ۾ شاعري انسان جي روح کي پاڪ ڪرڻ لاءِ ضروري آهن. اهو روح جيڪو هڪ جسم مان ٻئي هنڌ سفر ڪري ٿو ان کي پاڪ ۾ صاف رکڻ ضروري آهي. افلاطون فيثا غورث جي روح واري نظريي کي ته ڪنيو باقي شاعري جو مخالف بڻيو. هي چوندو هو ته اسان کي موت کان ڊڄڻ نه کپي چاڪاڻ موت جي وقت پيو ڪجهه ناهي ٿيندو سواءِ ان جي ته اسان جو روح هڪ جسم مان ٻئي جسم ۾ منتقل ٿئي ٿو. انسان کي گهرجي ته موت جي حالت وقت سجاڳ رهي ۾ بي خوف ٿي مري، باقي شاعرن لاءِ هن چيو ته انهن کي هار پارائي سندس "خيالي رياست" مان ٻاهر ڪڍيو وڃي چاڪاڻ ته شاعري نوجوانن جي جذبن کي خراب ڪري ٿي.

فيثا غورث ڪائنات جي موسيقي جي ڳالهه ڪئي. هي سمجهندو هو ته جيڪا شيءِ تيز رفتاري سان ڦرندي آهي ته ان جو پنهنجو سر هوندو آهي. ڪائنات ۾ ڍهه سيارا تيزي سان حرڪت ڪندا آهن تنهنڪري انهن جي پنهنجي پنهنجي موسيقي هوندي. آهي ان نتيجي تي پهتو ته زمين جو پنهنجو سر آهي، چنڊ جو پنهنجو سر آهي ۾ سج کي پنهنجو سر آهي. جيڪڏهن سوچجي ته توهان جي ڪمري ۾ ڦرندڙ پکي جو هڪ آواز آهي، ان جو هڪ سر آهي ته پوءِ چا اهو ممڪن آهي ته ڪائنات ۾ ڦرندڙ انهن سيارن جو ڪو سر ۾ آواز نه هوندو؟ اڄ جي جديد سائنسي اوزارن ذريعي سائنس ان ڳالهه جي ثابتي ڏني آهي ته ڪائنات ۾ ڦرندڙ جسمن ۾ موسيقي به آهي ته سر به آهي. اڄ جي جديد دؤر جي سائنس ان کي ڪائنات جي موسيقي (

“ (Music of cosmos چـــوي ٿي ۽ فيثا غـــورث ان کي Harmony of sphere” يعـني دائـرن جي هم آهنگي سـڏيندو هـــو. فيثا غـــورث جي هي ڳالهه جديد ســـائنس جي Sprins theory سان ٺهڪـائي سـگهجي ٿي. جنهن مطـابق اليڪـٽران ۽ پروٽان يا ائٽم ننڍين ننڍين تارن جا ٺهيل آهن ۽ انهن جي حرڪت جو پنهنجو سر آهي.

خير فيثا غورث تصوف، موسـيقي ۽ شـاعري کي صـوفياڻي انداز ۾ استعمال ڪـري انساني دماغ کي ڪائنات ۽ انساني ذهن جي دلڪش نظـارن کي سـمجهڻ ۽ پـرکڻ جي دعـوت ڏئي ٿـو. اهو چـاهي ٿو ته انسـان پنهنجي ذات ۽ ڪائنـات جي انـدر غـور فڪـر ڪري پنهنجي سڃاڻپ پيـدا ڪـري ۽ پنهنجو پـاڻ، سـماج ۽ ڪائنات سان جڙيل هجڻ واري رشتي کي وڌيڪ مضبوط ڪــري هڪ مثالي ۽ آدرشي زندگي گذاري.

فيثا غورث ۽ ميٿميٽڪس:

اسـان ميٿميٽڪس جو فيثا غـورثين جي زنـدگين تي ٿيل اثر کي ٿـورو پـڙهي آيا آهيـون. اسـان کي اها به خــبر آهي ته اهي مڃينـدا هئا ته ڪائنـات جو بنيـادي عنصر عـدد آهي. فيثا غـورث انهن کي ميٿميٽڪس تي عبور حاصل ڪرڻ لاءِ چوندو رهندو هو. بهرحـال ميٿميٽڪس جو اهو پاسو جنهن ذريعي فيثا غـورث جديد ميٿميٽڪس ۾ اڄ به ڳنــــــــڍيل (Relevant) آهي اهو آهي فيثا غـورثي ڪليو (Phthogrouras Theorem) جنهن جي مطـابق جيڪــــڏهن ســـاڄي پاسي واري ٽڪنـــڊي (Right angled triangle) جي ماپ 90^{O} آهي ته جڏهن اسان ان کي چوڪنڊو (Square) ڪنداسـين ته ان جي ٻن چوڪنـڊن جي مـاپ سـاڳي هوندي جنهن کي $a^2+b^2=c^2$ جي فارمولي ۾ لکيو ويندو آهي.

مصر ۾ بيبلون ۾ ان دؤر ۾ وڏيون وڏيـون عمـارتون ٺـاهيون وينديون هيون. مصر جي احرامن کان ته توهـان به واقف هونـدا ته اهي ڪيتري خوبصورتي ۽ جلال سان اڄ به بيٺل آهن. ان دؤر جا ماڻهو عملي طور ته عمارتون ائين ٺاهينـدا هئا پر اهي ان جي خيالي پاسي کان اڻ واقف هوندا هئا. فيثا غورث اهڙين عمـارتن جي بيهڪ پٺيان موجود خيـالي پاسي جو به ثبـوت ڏنو ۽ فطـرت

جي اهم راز کي دنيا ۾ روشناس ڪرايو. هن پاران جاميٽري تي ڪيل ڪم جا ٿورا اڄ به جديد دؤر لاءِ موجود آهن. چيو وڃي ٿو ته افلاطون هن جي فلسفي مان گهڻو متاثر هو تنهنڪري، هو پنهنجي زندگي ۾ اٿلي ڏانهن ويو. هن فيٿا غورث جي پوئلڳن سان ملاقاتون ڪيون ۾ فيٿا غورث بابت سکيو ۽ پڙهيو. هي واپس يونان آيو جتي هن (The Academy) نالي پنهنجو تعليمي ادارو قائم ڪيو جنهن ۾ ارسطو ويهه سال هن جو شاگرد بڻجي پڙهيو. افلاطون ان اڪيڊمي جي دروازي مٿان لکارايو هو ته ”جيڪو جاميٽري نه ٿو ڄاڻي اهو اندر داخل نه ٿئي.“ (Let no one ignorant of geometry enter) اهو ساڳيو افلاطون هو جنهن فيٿا غورث لاءِ هي قيمتي لفظ چيا هئا ته فيٿا غورث دنيا لاءِ ايترو ضروري آهي جيترو ديوتا پراميٿيس (Prometheus) جنهن انسان کي ٻين ديوتائن کان باهه جو راز چوري ڪري ڏنو.

ان سان گڏ اسان تاريخ جي دانشمند (genius) فلاسافر جي زندگي، دؤر ۾ حالتن سان گڏ ان جي فلسفي تي پنهنجو مضمون پورو ڪيو. اسان ڏٺوسين ته هن پنهنجي زندگي سموس، مصر ۾ ڪروٽان جهڙن مختلف علائقن ۾ گذاري. سموس ۾ هن سوچڻ ۾ غور فڪر ڪرڻ سکيو. مصر ۾ هن پنهنجي سوچ ۾ فڪر کي وڌيڪ پختو ڪيو ۽ مدبر بڻيو. آخر ۾ هن سموس ۽ مصر مان جيڪو پڙهيو ۽ سکيو ان کي عملي جامو ڪروٽان ۾ پارايو جتي هن پنهنجا ڪوڙ سارا ساٿي ۽ همدرد پيدا ڪيا پر ڪروٽان جي حڪمرانن بعد ۾ هن کي مسترد ڪيو. اهڙي طرح فيٿا غورث ۽ هن جي ساٿين جو خاتمو ڪري انهن کي خاموش ڪيو ويو. پر اڄ تائين فيٿا غورث خاموش ٿي نه سگهيو آهي. هن پنهنجي علم ۽ سچائي جي قوت سان باطل اڳيان سينو تاڻي بيٺو رهيو ۽ پنهنجي ناهيل لفظ فلاسافر جي سمجهاڻي مطابق پنهنجي زندگي حق ۽ سچ جي تلاش ۾ گذاري. اڄ ڪروٽان جا حاڪم ۽ عوام مئل حالت ۾ مٽي سان هڪ ٿيل آهن انهن کي ڪير به نه سڃاڻي چاڪاڻ ته انهن جي زندگيءَ جو مقصد مشهور ٿيو يا پئسو ڪمائڻ هو. پر جن پنهنجو مقصد سچ جي ڳولا بڻايو اهي اڄ به زنده جاويد بڻيو دنيا کي علم جو سوجهرو پهچائي رهيا آهن. ڪروٽان يا سموس جي ماڻهن

جي مخالفت □ ڪوڙن الزامن باوجود فيثا غورث اڄ به زنده آهي □ هو ڪيترن ئي پتڪيلن ڪي زندگيءَ جي مقصد جي صحيح چوندڏ ڪرڻ جي آگاهي ڏئي رهيو آهي.

Reference:

(1) A critical history of greek philosophy (W.T. Stace)

(2) Problems of the history of philosophy (Theodor Oizerman)

(3) The History of western philosophy (Bertrand Russel)

(4) Man, myth, mathemation (Genius of Pythagoruas documents)

(5) Internet Encyclopedia of Philosophy (www.lep.utme.edu/pythogas)

ناري واد

عورت

شہک سلیمانی

ایلن ریڈ اپنی ایک مشہور کتاب ’’The Myth of Women’s Inferiority‘‘ میں لکھتی ہے کہ عورت نے انسانی سماج کو بنانے میں سب سے اہم کردار ادا کیا اور انسانی تہذیب ان وہمی داستانوں سے انکاری ہے کہ عورت مرد کی نسبت کم حثیت رکھتی ہے۔ سرمایہ داری نظام میں جس طرح نا ہموار ترقی ہوتی ہے ، اسی طرح سماج میں انسان کی قدر بھی ناہموار طریقے سے پھیلتی ہے۔ سرمایہ داری کی فطرت میں ہے کہ سماج مختلف طبقے بنتے ہیں،اس نظام میں قوموں کے حق خودارادیت کو مسخ کیا جاتا ہے ، اعلیٰ اور کم ظرف ذاتوں کی تقسیم نئی شکل میں ہوتی ہے اور مرد عورت کا فرق بھی باقی ہوتا ہے۔سرمایہ داری اور طبقاتی سماج کی سب نمایا شکلوں میں سے ایک جنسی نابرابری بھی ہے۔ ہمارے سماج میں مرد کو سیاسی ، معاشی ، ثقافتی اور دانشوری کا مالک سمجھا جاتا ہے جبکہ عورت کو اس کا غلام یا کم درجے کی حثیت دی جاتی ہے۔کئی صدیوں کی جدوجہد کے بعد عورت کو کھانے پکانے کے عمل سے نکال کر سماجی آزادی کا حصہ نصیب ہوا لیکن یہ آزادی اب بھی بیشتر حلقے کو آج بھی نصیب نہیں۔آج ریاست میں ہم اپنی سیاست کررہے ہیں

اس میں جس قدر ہم ریاستی اور قومی سوال پر واضح موقوف دینے کی ضرورت ہے اسی قدر عورت کے سوال پر واضح ہونا ضروری ہے۔

سماج میں موجود استحصال کی مختلف شکلوں کا واضح طور پر تجزیہ کرنا اور ان کی وجوہات کو جانتے ہوئے تمام تضادات کی نشاندہی کرنا بہت اہم کام ہے جوکہ بائیں بازو کے لوگ ہی کرسکتیں ہیں۔ ہر استحصال کے نتیجے میں ایک طبقہ مستفید ہوتا ہے اور دوسرا اس کا شکار۔جو طبقہ مستفید ہوتا ہے وہ اپنی تمام کوششیں اس عمل پر صرف کرتا ہے کہ جن کی محنت کی بدولت وہ مستفید ہو رہے ہیں ، وہ طبقہ ہمشہ ان کے زیرِ دست رہے۔ مستفید طبقہ کی سرپرستی ہی ان کی بقاء ہے جس میں وہ ریاست کا سہارا لیتے ہیں اور ریاست اپنے وجود کو قائم رکھنے کے لیے مختلف نظریات کو جنم دیتی ہے۔کہیں وہ فرسودہ رسم و روایات میں دیکھائی دیتی ہیں اور کہی پر مذہب کا استعمال کیا جاتا ہے۔ ریاست اور مستفید طبقہ جبر کا استعمال کر کے محکوم طبقہ کو اپنے مفاد کے لیے استعمال کرتے ہیں اور پھر نظریات کا سہارا لے کر ان سے رضامندی حاصل کی جاتی ہے۔ اس عمل کے نتیجے میں ہم دیکھتے ہیں کہ مظلوم قوموں کی آزادی ضبط ہوتی ہے ، محکوم طبقات پستے ہیں، نسلی نفرت پھیلتی ہے، ذات پات کی بنیاد پر فرق کیا جاتا ہے اور اسی کی ایک صورت گھروں میں موجود

’’عورت‘‘ کا استحصال اور جبر ہے۔
ڈھابے سے لے کر اعلیٰ ہوٹلوں تک ہمیں وہ تمام کام نظر آتے ہیں جو کہ کسی گھر میں ایک عورت کرتی ہے۔اگر عورت کو گھر سے باہر نکال کر مارکیٹ میں لایا جائے تو گھر میں ہونے والے کاموں کی بھی قیمت ہوگی۔ جس کے لیے سرمایہ داروں کو مزدور کی کم سے کم آمدنی بڑھانی پڑے گی جس سے نفع کی شرح کم ہوجائے گی۔مغربی ممالک میں سوشلزم کے ڈر سے جہاں ولفیر سوسائٹیز بنی تھیں ، وہاں عورتوں کا سماجی ترقی میں اہم کردار بنا۔ جس کے نتیجے میں سرمایہ داروں کو چائلڈ کیر کی قیمت دینی پڑی، جو کہ سویت بلاک کو روکنے کے لیے حکمت عمل کے طور پر استعمال ہوا۔ ہاوس ورکرز کا قیام وجود میں آیا جس سے مرد اور عورت کی اجرت میں اضافہ کیا گیا تاکہ وہ اپنے خرچے پورے کر سکیں۔ لیکن یہ عارضی تھا اور آج سرمایہ داری نظام نے دوبارہ سے سرمائے کی تقسیم کو مرکوز کرنے کے لیے سماج میں جنسی تقسیم کو فطری قرار دینا شروع کر دیا ہے۔ وہ یہ چاہتے ہیں کہ چائلڈ کیر ، اولڈ ایج بینفیٹ اور ہاوس ورکرز کا بوجھ اب ختم کیا جائے۔ سرمایہ دار چاہتے ہیں کہ اس گرتی ہوئی دیوار کا سارا ملبہ عورت سنبھالے ۔ خاندان کے ادارے کواستعمال کرتے ہوئے اس پوری معاشی ڈھانچے کو تیسری دنیا کے مطابق ڈھالے جا رہا ہے۔ ان کی سوچ اب یہ ہے کہ عورت کی رضامندی حاصل کی جائے

تاکہ وہ زیادہ استحصال کو برداشت کرئے۔ یا پھر پارٹ ٹائم کام کو ترجیح دے تاکہ وہ چائلڈ کیر اور ہاوس ورکرز کی قیمت اپنی اضافی کام کے اوقات سے پورے کرئے۔

عورت کا استحصال معاشی ، ثقافتی، معاشرتی اور جنسی انداز میں ہر جگہ اپنا اظہار کرتا ہے۔یہ قدرت کا نہیں بلکہ طبقاتی سماج کا قانون ہے جس نے عورت اس سے اسکا حق کھنچ کر سماجی طور پر اپاہج بنا دیا ہے۔فطرط کا سہارا لیتے ہوئے عورت کاسماج میں اعلیٰ مقام کھنچ کر زچکی کا عمل سونپ دیا۔آج بھی ہمیں اس سوال پر بحث کرنی پڑتی ہے کہ عورت کا فطری عمل گھر کو سنبھالنا اور بچے پالنا نہیں بلکہ وہ بھی مرد کی طرح ایک فرد کی ہے جس میں خواہشات کا عنصر وہی ہے جو کہ ایک مرد کا ہے۔جس طرح حکمرانوں نے اپنے مفاد کو بچانے کے لیے ریاست کا وجود قائم کیا اسی طرح عورت کے لیے سماج نے خاندان کا ادارہ قائم کیا۔ جب مارکس اور انینگلز نے محکوم طبقوں کی محرومی کے پیچھے چھپے معاشی اور سیاسی مقاصد کا پردہ کھولا تو عورت کااستحصال بھی اسی معاشی و سیاسی منظر نامے میں آیا۔ عورت جس نے تہذیب بنائی ، جس نے نسلِ انسانی کو قائم رکھا اور جس نے سماج کے ارتقائی عمل میں نمایا کردار ادا کیا اس کو آج سماج میں قدرتی طور پر کمزور پیش کیا جاتا ہے۔ Chapple & Coon نے جب Tierra del Fuego کے

قبیلوں پر ریسرچ کی تو پتہ چلا کہ جب ایک مرد یہ کہتا ہے ''یہ پتھر بہت وزنی ہے'' تو اس کا مطلب ہے کہ وہ کام عورت کرے گی۔ جس سے یہ ظاہر ہوتا ہے کہ عورت فطری طور پر کمزور نہیں ہے ۔ ایلن ریڈ ا نے اپنی مختلف تحریروں میں اس بات پر بحث کی کہ کس طرح عورت نے قدرت سے لڑنے کے لیے گھر بنائے، آگ دریافت کی اور سب سے اہم کہ عورت ہی زراعت تک جا پہنچی۔ لیکن آج ہمارے سماج میں یہ سمجھا جاتا ہے کہ عورت سماج میں موجود تضادات میں اہم کردار ادا کرنے سے قاصر ہے۔

کیا ہونی چاہیے ہماری سوچ ؟ کیا واقعی عورت سماج میں بنیاد تضادات میں اہم کردار ادا کرنے سے قاصر ہے؟ کیا واقعی اس کی پہچان کا اظہار ہونا اسی کی پہلے سے موجود بے بسی میں اضافہ کرئے گی؟ نہیں ایسا نہیں ہے۔ہم یہ جانتے ہیں کہ پہلے سے موجود نظام ، پسے ہوئے طبقات کو سیاسی اور ریاستی اداروں سے شعوری طور دور رکھتے ہیں تاکہ وہ اس بات کو مانتے رہے کہ ریاست چلانا صرف ذہین لوگوں کا کام ہے ، جبکہ مزدور اور کسان اس قابل نہیں کہ وہ ریاستی عمور کو چلا سکیں ۔ پدرشاہی نظام میں عورت کو بھی اسی نظر سے دیکھا جاتا ہے ۔ ہم یہ بھول جاتے ہیں کہ مرد اور عورت میں فطری فرق ضرور ہے لیکن اس فرق کا مطلب یہ نہیں کہ عورت سماجی اور سیاسی

معملات میں اہم کردار ادا نہیں کر سکتی۔سرمایہ دار جس طرح شعوری طور پر پسے ہوئے طبقات کو سماج کے بیشتر معملات سے دور رکھتا ہے ، پدرشاہی نظام میں عورت کو سماج کے مختلف سیاسی ، سماجی اور ثقافتی عمل سے دور رکھا جاتا ہے۔جب ہم مزدوروں اور کسانوں کو اپنا ساتھی سمجھتے ہیں تو ہم یہ بھی جانتے ہیں کہ وہ سیاسی اور نظریاتی طور پر ابھی ہم آہنگ نہیں ہیں۔ مزدوروں اور کسانوں کے ساتھ مل کر ہم مختلف سیاسی سرگرمیاں کرتے ہیں ، ان کی تربیت کرتے ہیں اور ان کا سیاسی شعور وقت کے ساتھ ساتھ بڑھاتے ہیں۔ ہم یہ جانتے ہیں کہ ایک مزدور ، جسے سرمایہ دار کم عقل سمجھتا ہے ، کو مختلف تجربات سے گزار کر اس نہج تک پہنچایا جا سکتا ہے کہ وہ سماج کے اعلیٰ ڈھانچے کا فیصلہ کر سکیں۔ ٹھیک اسی طرح ہمیں یہ تسلیم کرنا ہوگا کہ عورت کو صدیوں سے سماجی اور سیاسی حالات سے دور رکھا گیا جس کی وجہ سے ان کی شعوری سطح مرد کی نسبت کم ہے لیکن جتنا ہم ان کو سیاسی و سماجی معملات میں ساتھ لے کر چلیں گے اتنا ہی ان کی صلاحیتیں ابھرینگی۔ عورت اگر خاندان کے ادارئے کو غلامی کی انتہا تک بھی ایک محسن طریقے سے چلا سکتی ہے تو وہ سماج کو آزادی سے چلانے کی اتنی ہی صلاحیت رکھتی ہے جتنی کہ مرد۔ بلکہ میرا تو یہ کہنا ہے کہ عورت اگر سیاسی اور سماجی طور اہم کردار ادا

کرئے تو مرد سے زیادہ امن و امان برقرار رکھ سکتی ہے کیونکہ وہ ’’ماں‘‘ ہونے کا مطلب جانتی ہے ۔

اس نئی سرمایہ داری کے نظام نے دوبارہ عورتوں میں یہ سوال عام کر دیا ہے کہ کیا واقعی عورت ہی گھر کے کام کرنے کی مجازی ہے ؟ کیا یہ فطر ی ہے یا اس کو فطری کہہ کر ان کو دوبارہ گھرکی چار دواری میں مشقت کرنے پر مجبور کیا جا رہا ہے۔ ذاتی ملکیت کا سوال اپنی جگہ لیکن انسان کی یہ عادت ، جو کہ سرمایہ داری نے پید ا کی ہے، کہ وہ ہر چیز کو اپنی ملکیت میں لینا چاہتا ہے کا عورت کو ملکیتی نظر سے دیکھنا ہمارے سماج میں عام ہے۔ ملکیت کی ذہنیت بھی اسی استحصال کو قائم رکھے ہوئے ہے جس کی جڑیں ’’ خاندان ‘‘ کے تصور سے آتی ہیں۔ جس طرح ریاست ، ہر صورت میں ایک جبر کا آلہ ہے، خاندان بھی عورت اور مرد کے لیے جبری ملاپ کا ادارہ ہے۔جس میں عورت کو مجبور کیا جاتا ہے کہ وہ بلا معاوضہ بچوں کی دیکھ بھال، بڈھے لوگوں کا خیال اور کھانے پکانے جیسے کام کرئے۔ جس سے مزدور کی کم سے کم اجرت میں کمی آئے گی اور کم اجرت سے فائدہ صرف سرمائے دار کو ہوگا۔

خاندان کے ادارئے میں عورت معاشی طور پر مرد پر منحصر ہوتی ہے جس کی وجہ سے سیاسی اور معاشی محرومی پیدا ہوتی ہے۔خاندان ، عورت کے سماجی اور سیاسی کردار کا قتل کرتا ہے ۔جب ہم

یہ کہتے ہیں کہ ہم سماج کو تبدیل کرنا چاہتے ہیں تو اس کا مطلب ہے کہ ہماری پہلی جنگ اسی ادارے سے ہے جس میں عورت کا استحصال ہوتا ہے۔ کچھ نظریاتی دوست شعوری یا لا شعوری طر پر یہ کہتے ہیں کہ ''عورت'' کو پڑھانے کا مقصد ہے پوری نسل کو تعلیم و تربیت کرنا۔ اس مفروضے سے ہمیں بھی باہر نکلنا ہوگا۔ ہم عورت کو تعلیم اس لیے دینا چاہتے ہیں کہ یہ اس کا حق ہے۔ سوشلسٹ سماج میں مرد بچوں کی دیکھ بھال کے لیے اتنا ہی ذمہ دار ہوگا جتنا کہ عورت۔گھرمیں عورت کو ہر چیز کی ذمہ داری دینا جاگیرداری اور سرمایہ داری نظام کا اصول ہے ہمارا نہیں۔ سوشلسٹ سماج میں خاندان کے ادارے کو توڑا جائے گا تاکہ گھر میں رہنے والے دونوں انسان گھر کے اندر اور گھر سے باہر(سماج میں) برابر ذمہ داریاں اٹھائیں۔ Inessa Armand نے کہا تھا کہ ''اگر آپ یہ سمجھتے ہیں کہ عورتوں کی آزادی اشتراکی نظام سے پہلے ممکن نہیں تو میں آپ کو یہ بھی بتا دوں کہ اشتراکی نظام کا قیام عورتوں کی آزادی کے بغیر نا ممکن ہے۔''

شخصيت

انتونيو آگوستينو نيتو

فهميده-پرياناڪا



آفريڪا جي قومي آزاديءَ واري تحريڪ جي هڪ اهم شخصيت اگوستينو نيتو 17 سيپٽمبر 1922ع ۾ لونڊا (Launda) جي پرواري ڳوٺ Iklu-i-Bengu ۾ ڄائو. سندس تعلق Methodist periest خاندان جي kimbundu قبيلي سان هو. هو لونڊا جي هڪ (Protestant school) مان پڙهيو. 1944ع ۾ 1947ع جي عرصي دوران نيتو لونڊا جي Health service organization ۾ 1947ع ۾ لسبن (Lisbon) ۾ ڪوئمبرا (Coimbra) يونيورسٽي جي ميڊيڪل ڊپارٽمنٽ ۾ پڙهڻ لاءِ پورچوگال (Portugal) روانو ٿيو. پورچو گال ۾ پنهنجي پڙهائي جي دوران نيتو، انگولا ۾ پين پورچوگيز بينڪيتن (Colonies) جي آزاديءَ جي ويڙهه ۾ حصو ورتو. پورچوگيز جي اندرگرائونڊ ڪمونٽ پارٽي سان رابطو پڻ جاري رکيائين. نيٽو هڪ تمام سٺو شاعر به هو ۾ پنهنجي شاگرديءَ وارن ڏينهن ۾ پورچوگيز ادب جي ميدان ۾ نمايان رهيو. پنهنجي سياسي سرگرمي جي ڪري 1952ع کان 1960ع تائين ڪيترائي دفعا جيل ويو.

ڊسمبر 1956ع ۾ جيل ۾ هوندي ئي نيتو MPLA (The poplar movement for the liberation of Angola) سان ويجهو ٿيو. هڪ سال ڪانپوءِ 1957ع ۾ ان جو رڪن پڻ ٿيو. 1957ع نيتو لسبن يونيورسٽي مان سرجن جي ڊگري ملڻ ڪانپوءِ 1958ع ۾ انگولا واپس آيو. ڊاڪٽر هئڻ سان گڏ نيتو MPLA جي اڳواٽي به ڪندو رهيو. 8 جون 1960ع ۾ نيتو کي لونڊا مان گرفتار ڪيو ويو ۾ ساڳئي سال سيپٽمبر ۾ پورچوگال حڪومت طرفان کيس ڪيپ وردي (Cap verde) ڏانهن

جلاوطن ڪيو ويو. ٿوري عرصي ڪانپوءِ نيٽو کي آزاد ڪيو ويو. پر نومبر 1961ع گورنر (Governor of Islands) جي حڪم تي ڪيس پيهر گرفتار ڪري الجوبا (Aljoba) فوجي جيل پورچوگال موڪليو ويو. جنهن ڪانپوءِ پورچوگال جي جمهوري تنظيمن جي زور تي نيٽو کي جيل مان آزاد ڪري لسبن ويجهو هڪ گهر نظربند رکيو ويو. جولاءِ 1962ع نيٽو جي ساٿين نيٽو سندس گهروارن کي ٻي ملڪ ڏانهن چوري روانو ڪري ڇڏيو. ڪيترائي سال ملڪ کان ٻاهر رهڻ بعد نيٽو 4 فيبروري 1975ع انگولا واپس آيو. 11 نومبر 1975ع انگولا جي آزادي ڪانپوءِ نيٽو آزاد انگولا جو پهريون صدر (Angolan national army) جو commander-in-chief بڻيو. آڪٽوبر 1976ع هن روس انگولا جي وچ دوستي تعاون جي معاهدي تي صحيحون ڪيون.

آفريڪا جي سيني انهن رياستن جن آزادي حاصل ڪئي، انگولا اهو ملڪ هيو جنهن جو تمام گهٽي ڏکي صورتحال ڦاٿل هو. پورچوگال بيئڪيتن جي آبادي سپ کان پهريان هٿياربند مزاحمت 4 فيبروري 1961ع انگولا جي محبِ وطنن ڪئي. جيڪا سالازار (Salazar) جي آمريت خلاف ڪئي وئي. 1961ع ٿيندڙ بغاوت پرڏيهي جبر خلاف پرعزم جدوجهد جي شروعات جو اشارو ثابت ٿي. پر ماڻهن جي اڪثريت کي ويڙهه جي اصل مقصد جي خبر نه هئي. بيئڪي فوجن جي ذريعي ان بغاوت کي دٻايو ويو. جنهن سبب انگولا جا ڪيترائي بهادر ويڙهاڪ مارجي ويا. ان واقعي ڪانپوءِ قومي آزاديءَ واري تحريڪ نوجوانن کي پيهر منظم ڪيو ويو. هن جدوجهد انگولا جي عوام لڳاتار پندرنهن سال هٿياربند مزاحمت ڪئي. MPLA جي اڳواڻي انگولا جو عوام سخت تجربن مان ڏاڍي بهادري سان اڪري پار پيا. MPLA کي بين الاقوامي سطح تي مزدورن، ڪميونسٽن، قومي آزادي وارين تحريڪن بهادر انقلابين جي حمايت حاصل هئي.

نيٽو جو تعلق (African revolutionary (intellegntia مان هو.



جنهن هميشه عيش و آرام جي زندگي بدران محرومين، قربانين قومي آزاديءَ لاءِ ويڙهه کي ترجيح ڏني. نيتو انگولا جي ماڻهن ، قومي شعور کي اجاگر ڪيو ته جيئن اهي ماڻهو پورچوگال بيٺڪيتن جي غلامي مان آزاد ٿي سگهن. هڪ ڊاڪٽر باصلاحيت شاعر هجڻ سان گڏ نيتو انصاف حب الوطني جي جذبي سان ڀرپور هو. جنهن جذبي ڪيس انگولا جي آزادي جو مقصد عطا ڪيو.

نيتو 1955ع هڪ ريلي دوران گرفتار ڪيو ويو، 1957ع ٽائين جيل رهيو. 1957ع Jean paul sarter، Louis Aragon، Smione de Beonre، Nicolas Guinen، Diego Rovera ٻين نيتو جي آزادي لاءِ هڪ درخواست تي صحيحون ڪيون. جيڪو نيتو جي بين الاقوامي مڃتا جو ثبوت هو. نيتو 1958ع انگولا واپسي ڪانپوءِ MPLA جو اڳواڻ مقرر ٿيو. جتي هن پنهنجي طبي ڪم کي جاري رکيو. نيتو کي 1960ع وري گرفتار ڪري پورچوگال جي جيل موڪليو ويو پوءِ ڪيپ وردي جي هڪ ٻيٽ ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو. نيتو جي گرفتاري جو ٻڌي انگولا جي ماڻهن احتجاجي مظاهرا ڪيا. اهي مظاهرا انگولا جي بيٺڪيت واري تاريخ ايترا ته شديد ڀرزور هئا جو حڪومت کي انهن مظاهرن کي دٻائڻ لاءِ فوج پوليس جي ضرورت پئي. نيتو جي انهن ڪوششن سياسي سرگرمين کي ڏسندي ڪيس MPLA جو اعزازي چيئرمين چونڊيو ويو. 1962ع MPLA جي پهرين قومي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. جيڪا ويڙهه جي ايندڙ مرحلي جي تياري لاءِ تاريخي موڙ طور ثابت ٿي. اها ڪانفرنس نيتو جي رهنمائي ليئوپولڊولي منعقد ٿي. 1961ع جي واقعن جي تجربن جي بنياد تي MPLA نئون منصوبو جوڙيو. جيئن ته آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ سيئي پرامن طريقا ڪارگر ثابت نه ٿيا هئا، تنهن ڪري تحريڪ جو رخ هٿياربند جدوجهد ڏانهن ڦيريو ويو. ان ڪانفرنس آزادي واري تحريڪ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ هارين سياسي تنظيمي ڪم کي بهتر ڪرڻ لاءِ هڪ قرارداد منظور ڪئي.



سامراجي جبر مان آزادي حاصل ڪرڻ جو فقط هڪ ئي طريقو هو. ته هڪ ڊگهي سخت گوريلا ويڙهه جاري رکجي. پر ان جنگ لاءِ هڪ باقاعدي، بروقت ڊگهي مڪمل تياري جي ضرورت هئي. MPLA ماڻهن جي تربيت ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن لاءِ هنن تحريڪ جا ڪيترائي سرگرم ڪارڪن سوشلسٽ ملڪن ڏانهن موڪليا.

انگولا پنهنجي جاگرافيائي اهميت قدرتي دولت جي ڪري بين الاقوامي سامراجي قوتن جي اک هو نه صرف ايترو پر انگولا جي سرحد انهن علائقن سان ملندي هئي. جن علائقن جا حڪمران MPLA جي انقلابي تحريڪقومي آزادي جي ويڙهه جي خلاف هئا. انهن حڪمرانن کي MPLA جي سامراجيت خلاف ويڙهه پسند نه آئي. جنهن جي ڪري انهن حڪمرانن موقعا پرست، قبائلي قوتن نسل پرست گروهن جي پٺڀرائي ڪئي ته جيئن MPLA کي ڪمزور ڪيو وڃي. انهن به گروهه (FNLA) نيشنل فرنٽ فار دي لبريشن آف انگولا، جنهن جو اڳوڻ هولڊن رابرٽو هو ٻيو گروهه (UNITA) نيشنل يونين فار دي ٽوٽل لبريشن آف انگولا هو. جيڪو 1967ع (Jonas savinbi) جي اڳواڻ ٺهيو. هولڊن رابرٽو جيڪو CIA جو ايجنٽ هو. جنهن پنهنجي عوام مخالف عملن سان MPLA لاءِ حالتون تمام گهڻيون مشڪل ڪري ڇڏيون. ايتريقدر جو MPLA تي پابندي پڻ وڌي وئي.

1964 (Cabinda) MPLA هٿياربند تحريڪ کي ٻيهر متحرڪ ڪيو. 1961 MPLAع ملندڙ شڪست کي ڪاميابيءَ

۾ تبديل ڪيو ويو. جنهن ڪان MPLA جي تحريڪ کي ماڻهن جو تمام گهڻو تعاون حاصل ٿيو. ان تحريڪ ذريعي MPLA ڪيترائي علائقا آزاد ڪرايا. انهن علائقن ۾ عوام جي زندگيءَ کي جمهوري ۽ اشتراڪي بنيادن تي وري معمول تي آڻڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. 1974ع ۾ سالازار جي حڪومت کي انقلاب ذريعي ختم ڪيو ويو. هاڻي MPLA هڪ فيصلاڪن موڙ تي پهچي چڪي هئي. 10 سال پهرين MPLA رڳو هڪ قومي جماعت هئي جنهن کي سياسي ۽ فوجي بنيادن تي مضبوط ڪرڻ ۾ نيٽو جو ڪردار قابل قدر آهي.

پر هي جنگ هتي ختم نه ٿي. قبائلي قوتن ۽ بين الاقوامي سامراجيت قومي آزاديءَ جي ان جنگ کي ناڪام بڻائڻ لاءِ هٿ ٺوڪيون تحريڪون شروع ڪيون. هن دفعي انگولا جي ماڻهن MPLA جي جنگ پورچوگال جي بيٺڪي حڪمرانن سان نه پر بين الاقوامي سامراجيت ۽ انجي پاڙيتوئن خلاف وڙهي پئي وئي.

هڪ دفعو ٻيهر MPLA نيٽو جي اڳواڻي ۾ پنهنجا سڀ ذريعا ۽ وسيلا ڪتب آندا ان سان گڏوگڏ پنهنجي سوشلسٽ دوست ملڪن کان مدد ورتي جن ۾ ڪيوبا، سوويت روس ۽ ٻيا ملڪ پڻ شامل هئا. 1967 ۾ انگولا جي علائقن مان ڌڪڻ آفريڪي فوجن جي نيڪالي بعد انگولا جي ماڻهن ۾ MPLA پنهنجي قومي آزادي، پنهنجي سياسي ۽ سماجي حالتن تي غور ڪرڻ شروع ڪيو. نيٽو MPLA جي انقلابي تربيت ڪرڻ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو.

انگولا جي ترقي لاءِ نيٽو اشتراڪي معيشت کي گهرائي سان سمجهڻ شروع ڪيو. هن مارڪسي ۽ لينني ادب جو غور سان مطالعو ۽ سوويت روس سان گڏوگڏ ٻين سوشلسٽ ملڪن جا دؤرا پڻ شروع ڪيا. نيٽو جي بيانن ثابت ڪيو ته سندس فلسفو جدلي ماديت هو.

اگوستينو نيٽو ماڻهن لاءِ هڪ سچو ۽ قومي سطح تي سچاٽپ رکندڙ اڳواڻ ٿي ويو. هن کي غلاميءَ خلاف ڏيهي هٿياربند جدوجهد جي اڳواڻي ڪندي 20 سالن جو تجربو حاصل هو. هن MPLA جي عهدن کي ٻيهر ترتيب ڏيڻ ۾ پارٽي کي هڪ

مارڪسي- لينني نظرين تي ٻيٺل سياسي پارٽي ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. هن سلسلي ۾ MPLA جي پهرين ڪانگريس سڏائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جنهن ۾ تحريڪ کي هڪ vanguard worker’s party پورهيتن جي سرواڻ پارٽي ۾ بدلائڻ بابت سوال رکيا ويا.

پهرين MPLA ڪانگريس لونڊا ۾ 10-4 ڊسمبر 1977ع ۾ ٿي جنهن ۾ سينٽرل ڪاميٽي جي طرفان تهيل رپورٽ نيتو پيش ڪئي. نيتو ان رپورٽ ۾ 20 سالن جي جهد ۾ MPLA ۾ ٿيندڙ تبديليون بيان ڪيون. حتمي مقصدن جدوجهد جي مرحلي ۾ گڏوگڏ واضح، سياسي، سماجي اقتصادي، نظرياتي ۾ تربيتي ڪمن جي نشاندهي پڻ ڪئي. ڪانگريس انهن تمام اهم دستاويزن کي قبول ڪيو. انهن دستاويزن ۾ MPLA party of labour جو پروگرام، قانون ۾ 80-1978ع جي عرصي لاءِ اقتصادي ۾ سماجي ترقي لاءِ اصول شامل هئا. ڪانگريس MPLA جي اهم مقصد سوشلزم کي جوڙڻ جو اعلان ڪيو. رپورٽ ۾ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي وئي ته People’s republic of Angola ٺهڻ سان MPLA جو تاريخي مقصد پورو ٿيو آهي، هاڻي vanguard party جو ٺهڻ ضروري آهي. جيڪا مارڪسسٽ- لينسٽ اصولن تي اڏيل هجي ۾ جنهن ۾ سچي انگولا جي مزدور طبقي کي گڏ ڪري سگهجي. اهڙيءَ ريت MPLA پارٽي جو نالو بدلائي MPLA party of labour رکيو ويو.



نيتو پئداواري قوتن کي ترقي وٺرائڻ لاءِ نون طريقن جو وسيع استعمال ڪيو. انگولا جي انقلاب کي خطرو هئڻ باوجود نيتو بنا ڪنهن هٻڪ جي ٻين سوشلسٽ ملڪن ۾ روس جي مدد ڪئي ۾ نيتو نيشنل فورسز کي تمام گهٽي متحد هئڻ تي زور ڏنو ته جيئن سامراجيت کي ملڪ مان ڪڍي سگهجي.

پنهنجي وفات کان ڪجهه عرصو اڳ ئي نيتو ملڪ جي

مختلف حصن ۾ وڃي وڏن وڏن جلسن کي خطاب ڪيو. هن جو گهڻو ڌيان پنهنجي جماعت ۽ وطن جي ترقي ڏانهن هو.

People’s republic of Angola جي پهرين صدر پنهنجي عوام کي پارٽي ۽ رياست جي عملدارشاهيءَ جي خطري کان خبردار ڪيو. هن ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته اسان جي پارٽي ۽ رياست اچا تائين انهن اصولن تي نه ٿي هلي جيڪي عوام کي سياسي ۽ تعليمي طور اڳيان آڻن۔ نيٽو وڌ کان وڌ مزدورن ۽ هارين کي سياسي شعور ڏيڻ جو حامي هو. چو ته اهو ئي واحد طريقو هو جنهن ذريعي سوشلزم ڏانهن وڌي سگهجي پيو.

جيئن ته نيٽو کي خبر هئي ته ان جو آخري وقت ويجهو آهي، نيٽو پنهنجي آخري تقرير ۾ چيو ته ”انقلاب انگولا ۾ جاري رهندو ۽ ان جو ڪوبه شريڪ ڪهڙي وقت ۾ ڪهڙي به لمحي مري سگهي ٿو.“ انقلاب لڳاتار هلندو رهيو ۽ اگوستينو نيٽو جيڪو هميشه ماڻهن لاءِ همت ۽ طاقت جو ذريعو بڻيو، جنهن نه صرف ڪاميابي سان قومي آزادي جي تحريڪ جي سرواٽي ڪئي پر ڏکين حالتن ۾ به ماڻهن کي اصل ترقي ۽ شعوري واڌ ويجهه ڏانهن متوجه ڪندو رهيو. سو 10 ڊسمبر 1979ع ۾ گذاري ويو. انگولا جا انقلابي ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو نيٽو جي پڪي عزم، همت، ۽ قومي مفادن سان والهانه وابستگي تي هميشه ناز ڪندا رهندا.